تماهي

# مهراڻ

بهار- ۲۰۰۴ع

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سجاڳيءَ جو سڏ ۽ ڪاميابيءَ جي راهه

سنڌ اندر، موجوده دؤر ۾، معاشي توڙي سماجي حالات سازگار ناهن، پر اُنهن کي سڌارڻ لاءِ وڏي سجاڳي جي ضرورت آهي. اِن سلسلي ۾ وڏي مايوس ڪن صورتحال اِها آهي جو گهڻو وقت کان وٺي سنڌ جي معاشري ۾ هر خاميءَ لاءِ ٻين کي جوابدار ٺهرائڻ جا سبق پڙهايا ويا آهن: پاڻ پنهنجين ڪوتاهين کي سمجهڻ، قبول ڪرڻ ۽ اُنهن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪارائتي قدمن کڻڻ لاءِ ڪنهن به سياسي توڙي سماجي رهنما ڪو تحرڪ خير ڪي ورتو آهي. سنڌ ۾ گهڻو ڪري هر ڪنهن پاڻ کي عام مقبول اڳواڻ بنائڻ لاءِ اُهي ڳالهيون پئي ڪيون آهن جيڪي ماڻهن کي وڻن، اِنهيءَ ڪري ماڻهن کي عام طرح سنڌين چوڻ ته: "اوهان بالڪل بي قصور آهيو، سڄو ڏوهه ٻين جو آهي." اُن جو سبب اِهو آهي جو پنهنجن کي سچ چوڻ ڏکيو آهي: پر حقيقي خيرخواهي اِنهيءَ ۾ آهي ته پنهنجن کي سچ چئجي ۽ صحيح رهنمائي ڪجي.

اُن جو معياري مثال عالي جناب پير صاحب پاڳاري شاهمردان شاهه ثاني سائين سڪندر شاهه جن جو تازه خطاب آهي، جيڪو پاڻ گڏريل عيدالاضحيٰ جي نماز بعد حاضر جماعت کي ڪيائون. هيءُ خطاب سنڌ جي وڏي سچڻ ۽ وڏي روشن خيال رهنما جو آهي ۽ سنڌين جماعت ته اڪين تي رکي اُن تي عمل ڪندي، پر اِهو خطاب سنڌ جي هر خيرخواهه سڄڻ لاءِ سجاڳيءَ جو سڏ آهي. اُن تاريخي خطاب جو سڄو متن هيٺ ڏجي ٿو:

## جناب پير صاحب پاڳاري، شاهمردان شاهه ثاني سائين سڪندر شاهه جو جماعت کي خطاب

السلام عليڪم، بابا...!

توهان سڀني کي اُستادن ۽ منهنجي طرفان عيدمبارڪ!

توهان اسان جي مفتي صاحب کي ٻڌو ته: "هر انسان جي خوشي پنهنجي قسمت جي ٿيندي آهي: اِهو ماڻهوءَ جي سوچ تي آهي ته هو ڇا تي ٿو خوش ٿئي." توهان جي هٿ گڏجاڻيءَ جا ڏينهن اسان جي خوشيءَ جا ڏينهن آهن. اُستادن تي فرض آهي ته توهان کي نصيحت ۽ هدايت ڪن، اِنڪري جو هو پڙهيل ۽ ڪڙهيل آهن: توهان کي پاڙهي نٿا سگهن ته گهٽ ۾ گهٽ ڪاڙهي سگهن ٿا. منهنجي لاءِ ضروري آهي ته توهان کي مشورو ڏيان، ڇاڪاڻ ته مان پڙهيل ڪونه آهيان، پر ڪڙهيل آهيان. اِن مشوري تي عمل ڪرڻ توهان جي لاءِ باعث خير ٿيندو، ۽ اولاد به نه پڇتائيندي ته توهان منهنجي مشوري تي عمل ڪيو. توهان کي مان هميشه چوندو رهيو آهيان ۽ ڪوشش ڪندو رهيان آهيان ته توهان جي اولاد صالح ٿئي ۽ بري صحبت کان بچي. ڇوڪرين جي تعليم تي مان خاص طور زور ڏيندو رهيو آهيان. مان کي خوشي آهي جو توهان ۾ ڪجهه مايون اهڙيون آهن جي نه رڳو پڙهيون آهن پر گهڻو پڙهيون آهن. اُهي توهان جي طرف کان اينڊز اليڪشن ۾ اُميدوار تي بيهنديون ۽ ڪامياب ٿينديون ۽ توهان جي خدمت ڪنديون. پر توهان کي اِهو احساس هجڻ کپي ته

منهنجي مشوري تي هلڻ توهان لاءِ بُرو آهي، يا توهان جي اُن ڪارسازيءَ جي ڪري توهان جا نسل بگڙيا آهن.

توهان ذميوار آهيو پنهنجي نسل جي آبادي ۽ اُنهن جي علم جا. توهان جو ڪم آهي رزق حلال ۽ اُن جي تلاش ۽ اُن لاءِ محنت ڪرڻ. هن وقت نوڪريون ملڪ ۾ ڪونهن. جيڪي بہ توهان اخبارن ۾ پڙهو ٿا، سڀ ڪيڏ آهي. ڪا نوڪري ڪنهن جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي آهي ئي ڪانہ. اگر ڪا جاءِ خالي ٿئي ٿي تہ هر جاءِ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار ماڻهو پيدا ٿي ٿا وڃن ۽ اُهو خوشقسمت آهي جنهن کي بغير محنت جي پنهنجي ميرٽ يا لياقت تي جاءِ ملي ٿي. هن وقت توهان جي ڪمائيءَ لاءِ ۽ رزق حلال جي لاءِ رڳو هڪڙو در کُليل آهي ۽ اُهو آهي پاڪستان جي فوج جو، جيڪو در هرهڪ لاءِ کليل آهي، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ مئٽرڪ يا اُن کان وڌ لياقت وارو هجي. توهان ڪوشش ڪريو تہ جيڪا هاڻي ڀرتي ڪرڻ لاءِ ٽيم نڪرندي، اُن ۾ توهان پڙهيل لکيل ماڻهو ڀرتي ٿيو. اُتي مراعتون حاصل ڪيو، رزق حلال ڪمايو ۽ پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي حفاظت ڪريو. اِها قوم تي ڪا مهرباني ڪانهي. پاڻ تي فرض آهي پنهنجن ڀائرن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ملڪ کي بچائڻ. سو رزق حلال جي لاءِ توهان اڳتي وڌو. اوهان کان اِها اُميد ٿي ڪجي. جتي نوڪري نٿي ملي، ڪا اُپت ناهي ۽ توهان علم پڙهيو بہ آهي تہ پوءِ چو نہ توهان اُن علم مان پنهنجي لاءِ ڪو فائدو وٺو ۽ فائدو ڏيو.

بهتر آهي تہ سُکيا ٿيو، رزق جي تلاش ڪيو ۽ پنهنجي اولاد کي وڌ ۾ وڌ پڙهايو، خاص طرح سان عورتن کي. اُنهن سان جبر نہ ڪريو. اُميد تہ الله اوهان کي صحيح رستو ڏيکاريندو ۽ توفيق عطا فرمائيندو جو توهان پنهنجي ڳالهين تي نہ، پر بالغ ٿئي کان پوءِ جيڪا ٻارن جي نيت هوندي اُن تي جائز عمل ڪندو. ٽنهن کان سواءِ اسان ۽ توهان ۾ وڏيرا آهن، جيڪي ڇوڪرين کي حق نہ ڏيندا آهن: جائداد جي ڪري اُنهن جون شاديون ڪونہ ڪندا آهن ۽ ويهاري ڇڏيندا آهن. ڪي گهٽو گوڙ ڪن تہ قرآن شريف ڏيئي ڇڏيندا آهن تہ اِن سان تُنهنجو نڪاح آهي. ڇا ڪڏهن قرآن شريف سان نڪاح بہ ٿيو آهي؟ اِهو تہ فقط هدايت جي لاءِ آهي ۽ سڌين رستي ڏيکارڻ جي لاءِ آهي. اِهو جيڪو رستو جنهن ۾ توهان (بنا رضا جي) مڙس ڪري ٿا ڏيو، اُن ۾ اُن جي برعڪس لکيل آهي. جن پنهنجين ڀينرن کي يا ڌيئرن کي ويهاري ڇڏيو آهي سي مهرباني ڪري اُٿارڻ جي ڪوشش ڪريو. جائداد جو حق بہ جيڪو الله هُنن کي ڏنو آهي ۽ ملڪ جو قانون بہ اُنهن کي حقدار ڪري ٿو، تہ اُهو اُنهن کي حق ڏيو. اِها توهان صاحبن جي وڏي مهرباني ٿيندي، جيئن آئنده مان اُنهن سلسلن ۾ ڪا بہ شڪايت نہ ٻُڌان.

توهان ۾ اِها هڪڙي رسم ٿي ويئي آهي، جو نڪاح پڙهي ويو تہ طلاق نٿا ڏيو ۽ نٿا وٺو. ڀلا جڏهن زال مڙس جدا ٿيل هوندا آهن ۽ ڪڏهن سندن گڏجڻ جو سوال ئي نہ آهي تہ پوءِ زال مڙس هجڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اگر توهان مڙسن کي ٻي شاديءَ جو حق ڏيو ٿا- بلڪ ٻي، ٽئين، چوٿين جو بہ- ۽ اوهين ائين پنهنجو هلڻ الڳ ڪريو ٿا تہ پوءِ زال کي بہ ٻئي مڙس ڪرڻ جو حق آهي، اوهين پوءِ اُن کي طلاق ڏيئي ڇڏيو. پر اِهو منهنجو مشورو آهي، حڪم نہ آهي تہ طلاق ڏئي ڇڏيو. هرڪو ماڻهو پنهنجو فيصلو پنهنجي گهرو حالتن، خانداني حالتن ۽ برادريءَ جي حال کي ڏسي ڪري، پر اُهي ماڻهو (جيڪي پاڻ ۾ نٿا ٺهن) سي پاڻ کي هڪٻئي کان

جدا ڪري ڇڏيندا ته هو به خوش ٿي ويندا ۽ مون کي به خوشي ٿيندي، ڇو ته غيرضروري نسبت قائم نه آهي. الله جي دربار ۾ هرهڪ کي پنهنجو حق آهي ۽ جيڪو حق وني ٿو سو بدنامي ۽ بي عزتي جي باعث کان بچي ٿو.

اڄ مان توهان جو گهڻو وقت ورتو آهي. توهان به مون وانگر بيهي بيهي ٿڪا هوندؤ، تنهنڪري مان توهان کي مشورو ڏيندس ته خير سان گهر وڃو ۽ آرام سان رستي تي ڊرائيونگ ڪريو. آرام سان ڊرائيور کان ڪاڏي هلرايو ته جيئن توهان سڀ حال حيات گهر پهچو ۽ رزق حلال جي تلاش ۾ لڳي وڃو ۽ پنهنجي اولاد کي صالح ڪري اُنهن جي پڙهائيءَ ۽ لکائيءَ مان فائدو وٺو ۽ اُنهن کي فائدو ڏيو.

منهنجيون نصيحتون نصيحتون ته ڪونهن: نصيحتون ته مولوين ۽ عالمن جون ٿينديون آهن. منهنجا ته اِهي مشورا يا صلاحون آهن، جيڪي توهان ٻُڌيون. پر اڄ گهڻن ڏينهن کان پوءِ صلاح نه، پر "حڪم" ڏنو اٿم. اُن جي تعميل ٿيڻ کپي. باري تعاليٰ توهان کي توفيق عطا فرمائيندو، باري تعاليٰ توهان جو رزق ڪشادو ڪندو. جيڪو رستو مان ڏسيو آهي، اُن تي هلندؤ ته انشاء الله تعاليٰ توهان عزت ۽ آبروءَ جي زندگي، خوشحاليءَ جي زندگي ۽ خانه آباديءَ جي زندگي بسر ڪندؤ. توهان جي اولاد سُڌرندي، لائق ٿيندي ۽ خوش هوندي؛ توهان کان به خوش هوندي ۽ هڪٻئي کي ملڻ ۾ به خوش ٿيندي، اگر توهان منهنجي صلاح تي هلندؤ، مهرباني. (آخر ۾ دعا)

[ ١٠-ذوالحج ١٤٢٤هه (٢-فيبروري ٢٠٠٤ع) بروز سومر، عيدالاضحيٰ نماز بعد ]



# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي رسالو]

جلد ۵۴) بهار - ۲۰۰۴ع (نمبر ۱

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

## سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

ريسرچ لائبريري

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# گذارش

## سنڌي ادبي بورڊ ۽ عوامي خواهشون

سنڌ جي علمي، ادبي ۽ عوامي جاڳرتا وارن سجاڻ ۽ ساڃهه وند حلقن لاءِ اهو امر اطمينان جو باعث آهي ته گذريل سيپٽمبر ۾ نئين سر تشڪيل ڏنل سنڌي ادبي بورڊ جي نئين انتظامي جوڙجڪ، بورڊ جي ترقيءَ لاءِ پنهنجي دور رس ۽ ديرپا انتظامي قدمن سان پنهنجي عمل جو آغاز ڪري چڪي آهي، جنهن کي سنڌ جي ادبي حلقن ۾ وڏي قدر ۽ مسرت سان ڏٺو پيو وڃي.

سنڌ سرڪار پنهنجي فيصلي سان، سنڌ جي وزير تعليم جناب عرفان الله خان مروت کي بورڊ جي سربراهي سونپيندي، اُن لاءِ نئون بورڊ آف گورنرس مقرر ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ مسٽر انعام شيخ کي اداري جي انتظامي واڳ حوالي ڪندي، سيڪريٽريءَ طور مقرر ڪيو، جنهن صاحب ٢-آڪٽوبر ٢٠٠٣ع تي پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي.

سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي پهرئين اجلاس (١٣-جنوري ٢٠٠٤ع) جي صدارت ڪندي مانواري چيئرمن جناب عرفان الله خان مروت چيو ته "بورڊ جي مڙني بحرانن تي قابو پائڻ لاءِ پيش قدمي جاري آهي ۽ نئين انتظاميه اداري کي فعال ۽ مؤثر بنائڻ لاءِ ڪافي سرگرم آهي، جنهن سان هر مرحلي تي ڀرپور تعاون جاري رهندو." ان طرح اجلاس کان پوءِ پريس بريفنگ ۾ چيئرمن صاحب بورڊ جي سالانه گرانٽ پنجاهه لکن مان وڌائي پنجھتر لک مقرر ڪرڻ جي خوشخبري ٻڌائي، جنهن بورڊ جي هڪ اهم مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پيش رفت تي سگهي.

بورڊ پنهنجي مذڪوره اجلاس ۾ بورڊ جي سُڌارن لاءِ اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ سان گڏ مالياتي، اشاعتي ۽ آئيني مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ ڪميٽيون قائم ڪرڻ جو انتظام ڪيو. اِن طرح هڪ طرف بورڊ جي مسئلن کي مستقل طور حل ڪرڻ لاءِ پائيدار جتن ڪيا ويا آهن ته ٻئي طرف اُن جي واڌاري لاءِ پڻ موزون اُپائن جو سامان مهيا ڪيو ويو آهي.

سڀني سنڌ واسين کي اهو ٻُڌي سرهائي ٿيندي ته سنڌي ادبي بورڊ جي ساک کي بحال ڪري، اُن کي سنڌ جي علمي حلقن جي خواهشن وٽان هر واسي بنائڻ لاءِ جيڪي پُرخلوص ڪوششون جاري آهن، تن ۾ انتظامي ليول تي سڀ کان پهرين، بورڊ جي مالي بحران کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ ٣٦ ملازمن کي سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ضم ڪرڻ لاءِ عملي صورت پيدا ٿي چڪي آهي، جنهن لاءِ بورڊ جي عزت مآب چيئرمن جي برجستگي ۽ دُورانديشي قابل صد تحسين آهي. انهيءَ قدم سان، مستقبل ۾ بورڊ جي ترقيءَ لاءِ پَڪن پُختن بنيادن تي گهربل انتظام پنهنجو عملي روپ ورتو آهي.

بورڊ جي نئين جوڙجڪ ۽ انتظاميه جي متحرڪ ۽ فعال سرگرمين ۾ بورڊ جي اشاعتي سلسلي ڏانهن فوري توجهه کي سڀ کان وڌيڪ نمايان ۽ ڳِڻپ جوڳو ڪوٺي سگهجي ٿو، جنهن ۾ هڪ طرف بورڊ جي ٽن رسالن- "مهراڻ"، "سرتيون" ۽ "گل ڦل" - جي وقتائتي اشاعت کي خاطري جوڳو بنايو ويو آهي، ته ٻئي طرف ڪتابن جي اشاعت لاءِ ڌيان ڏيندي، چند مهينن جي قليل عرصي ۾، بورڊ طرفان ١٦ ڪتاب ڇپرا ڪيا ويا آهن. ان طرح هڪ طرف پريس کي رٿابنديءَ

# پُشپا "ولڀ"

## پراڻي ڪهاڻي، نئين جنگ!

• هي ڪهاڻي سڀني جي ڪهاڻي آهي
تنهنجي منهنجي سڀني ماڻي آهي
هر گهر، گهٽي، شهر، ملڪ ۽ ڪنڊ
جي ڪهاڻي آهي
ٿوري ٿوري نئين، پر ڪافي پراڻي ڪهاڻي آهي.
مان جا صبح جي ٽڏڙي هير هنس
صبح جو پهريون تازو
۽ روشني جي پهرين ڪرڻ
هاڻي ڳاڙهو واچوڙو بڻجي وئي آهيان.

• منهنجي اعتبار جي عمارت
جنهن جي هرهڪ سِر
مون ڏاڍي پيار
۽ گهڻي اعتماد سان رکي هئي
هڪ لحظي ۾ هيٺ ڪِري پيئي آهي
مان اُن ماڻهوءَ وانگر ٿي وئي آهيان
جنهن جو پورو شهر، ۽ شهر جو هر گهر
بوڏ هيٺ اچي ويو آهي
هُن جي گهر جا سامان هيڏانهن هوڏانهن
ترندا هجن
۽ هو ڪجهه نہ ڪري سگهي
نہ ڪنهن طرف پهچي سگهي
نہ ڪنهن کي سڏ ڪري سگهي
هُن جو آواز اُتي ئي گهٽجي وڃي، دٻجي وڃي
رڙيون سُڏڪن ۾ بدلجي وڃن.

• جنهن تي مون ايڏو اعتماد ڪيو
دل ۽ جان سان پيار ڪيو
هرهڪ ڳالهہ جو خيال ڪيو
۽ پهاڙ جيترو انتظار ڪيو
تَڪر جهڙو ڏينهن
جبل جهڙي رات کي ڏينهن ڪيو!

مون سمجهيو اُنهن سڀني راتين جي آخر ۾
هڪ صبح آهي
نئين زندگي جو پيار آهي
ڏُک کي ڏک نہ سمجهي
مون هُن تي ڪيڏو نہ انڌو اعتبار ڪيو.

• مون هُن جي دير سان اچڻ جي عادت کي ضرورت سمجهيو
لاپرواهي کي مجبوري سمجهيو
پاڻ کي ٺاهڻ جوڙڻ، خوشبو لڳائڻ کي سُنت سمجهيو
مون کي خبر نہ هئي
تہ هو منهنجي عمر سستي اگهن ۾ وڪڻي
پنهنجي لاءِ نوجواني جو تازو ترين فارمولو
خريد ڪري رهيو هو
منهنجي گهر ۾ رهي، بازار جون خوشيون خريد ڪري رهيو هو
مون کي خبر ئي نہ پيئي تہ هو منهنجو سهارو وٺي
الائجي ڪيترن کي پار پُهچائي رهيو هو
هاءِ منهنجو سادو من!

• مون پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي ڇا پاتو!
ٻہ ٻار، وارن جي چاندي ۽ چوڌيواري!
اُن تي ٻہ ڪلهہ مون کي نوٽيس مليو آهي
هُو تہ چڻ ڪڏهن منهنجو هيو ئي نہ
هي گهر بہ منهنجو نہ هيو
مون کي ائين لڳو چڻ
جنهن تختي تي ويهي مان،
طوفان سان وڙهي رهي هُئس،
اهو بہ چڻ کسڪي ويو هجي!

• اهو سچو ڪجهہ مون سان تہ هاڻي ٿيو آهي،
پر مون جهڙين سان روز ٿئي ٿو،
اُن کان بہ بدتر ٿئي ٿو،
جنهن جي مون کي ڪا ڄاڻ ڪانهي
ڳالهہ صرف اِها آهي تہ
اِهو ڇو ٿو ٿئي؟

## ”زبير“ سومرو

### سُر سامي

سارو جڳ جهان آ، سونهن جو ساگر،
پر سامي سوداگر، آهي آڳ تياڳ جو!

آڪار نراڪار جي، سُٽ ڪي سُلجهاءِ،
سامي! تون سمجهاءِ، وحدت الوجود ڪي!

آهي آدجڳاد کان، سونهن جو سوداءُ،
سامي منهنجا ياءُ! سونهن بنا ڇا زندگي؟

صديون منهنجي آتما، رُلي پِني آ،
ذات ذني آ، مُڪتي مون کي موت کان!

ڪير ٿو ڇئي تہ ڪنهن، مندر ۾ آهي،
مَن اندر ۾ آهي، سماڌي ساميءَ جي!

هاٿيدر جي هنج ۾، سامي ساري ٿي،
مون کي ماري ٿي، مڙهي هيمنداس جي!

ڪينئن نہ ٿيندو سوجهرو، ڪينئن نہ ڦُٽندي باک،
سامي! تنهنجي ساک، صديون ڏيندي سنڌڙي!

پريم ساگر کان مٿي، ناهي ڪو ساگر،
آهي ڪو ساگر، جو مون کي سمائي سگهي؟

دل دل منجهہ آ ڪعبو ۽ مَن اندر مندر،
آهي ايشور، ماڻهو روپ- سروپ ۾!

منهنجي ڏکيءَ ذات کي، ڪلي ڪيڪاري،
سامي سوئيڪاري، شل هي شرڌانجلي!

دلڙيءَ کي درد جي، تُرهي تارجي،
جيون گهارجي، سامي! تنهنجي سام ۾!

جڏهن منهنجي جُوءِ تي، آڏوتي آيا،
ڇا لئہ پو ڇايا، ڪندا ڪکر ڪام جي!

جڏهن منهنجي جُوءِ تي، ويراڳي وريا،
پٽل پيي تريا، پيڙا مون تي پاجهہ جا!

سامي! هونءَ تہ هاڻُ ۾، سمنڊ ٿو رکين،
ڇو نٿو پکين، سونهن جي سڳنڌ سان!

مان بہ سمجهان ٿو سامي! تہ جيئڻ آهي جُٽ،
مگر مون کي پُٺ، آهي شاهہ لطيف جي!

سامي! مون کي سهپ جي، رٿن ۾ نہ رول،
پيلي هاٿي ڪول، پنهنجي ڳجهي ڳجهہ ڪي!

عشق جي صليب تي، جڏهن تيس مصلوب،
تڏهن مان محبوب، پاڻ ڇ تم پاڻ ڪي!

اندر جي اونداهہ ۾، ڪو ديپ پارجي،
جيون گهارجي، سامي! تنهنجي سامَ ۾!

## خليل ”عارف“ سومرو

### غزل

ياڳُ پنهنجو حسين آهي،
سِنڌ پنهنجي زمين آهي!

سونهن رکندئي سدا سلامت،
پيار منهنجو امين آهي.

قدر منهنجي وفا جو ٿيندو،
مون کي پُختو يقين آهي.

عمر پر لئہ ڇڏي وساري،
هوءَ اهڙي تہ ڪين آهي.

نيون مذهب ’خليل عارف‘،
ماڻهپو پنهنجو دين آهي.

•

فطري تخليق، نازڪ ۽ باريڪ قوتن جي بي انتها سهڻي نرملتا هجي ٿي. فرانسي عورتن جي بيمثال خطن بابت راءِ قائم ڪئي ويئي، ته اُهي سندن دلربا وجود جو هڪ دلربا حادثو آهن. اسان کي سُڌ هجڻ کپي ته هڪ شاعر پنهنجن سُندر گيتن جي ديس ۾ ڪڏهن به مفلس نه هوندو آهي. اصل ۾ جيستائين حالتون دل لُڀائيندڙ ۽ آزاد ڪونه هونديون، تيستائين ڪو به گيت، گيت نه بڻجي سگهندو آهي. مون پنهنجي سموري حياتيءَ ۾ اهڙو ڪو به ڳائڻو ڪونه ڏٺو آهي، جيڪو پنهنجو راڳ فرض سمجهي آلاپيندو هجي، يا پئي ڪنهن هنڌ نه ڦٻي سگهڻ جي صورت ۾، اچي ڳائڻ تي لٿو هُجي. — ايمرسن

# مقالا

اي ائينس جا باشندؤ!

شايد اوهين ائين سمجهو ته مون کي اصولن ۽ دليلن سان سزا ڏنائي ويئي آهي، پر جيڪڏهن حقيقت به ائين هجي ها ۽ مون گهريو به هجي ها، ته دليل مون وٽ به ايڏا مضبوط هئا، جو آءٌ آسانيءَ سان ان سزا کان بچي ٿي سگهيس. جڏهن ته حقيقت بلڪل ان جي ابتڙ آهي. مون کي ته سزا منهنجي بيباڪيءَ ۽ شوخيءَ جي ڪري ملي آهي؛ ۽ آءٌ عتاب جو شڪار انڪري ٿيو آهيان، جو مون اُنهن شين جي چوڻ جي جرئت ڪئي آهي، جيڪي توهان مان هرڪو ٻڌڻ نه چاهيندو هوندو. توهان ته گهريو ٿي ته اوهان جي آڏو روئي پٽي پنهنجي پاڻ تي لعنت ملامت ڪريان ها، ڇو ته ماڻهن جي واتان پڇتاءُ ۽ پشيمانيون ٻڌڻ توهان جي عادت ٿي چڪي آهي.

پر مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اِهو نه سوچيو آهي ۽ نه وري سوچڻ ٿي گهرجي، ته پنهنجو پاڻ کي خطرن کان بچائڻ لاءِ اهڙا ڪڌا ڪم ڪريان، جيڪي هڪ آزاد انسان کي نٿا سونهن. مون کي پنهنجي بچاءُ لئه لولهڻ نه ڪرڻ تي ڪو به پڇتاءُ ڪونهي، پر مون کي پنهنجي لاءِ ڪيل عزت ۽ وقار سان پرپور موت تي بيشڪ ناز آهي. ڇو ته مقدمن ۽ جنگين ۾ مون لاءِ يا ڪنهن ٻئي لاءِ، اِها ڳالهه درست قرار نٿي ڏيئي سگهجي، ته سِرُ بچائڻ لاءِ هر ڪڌو ڪم ڪرڻ لئه تيار ٿي وڃجي. توهان خود ڏٺو هوندو ته جنگين ۾ جيڪڏهن ڪو ويڙهو پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري دشمن آڏو گوڏا جهڪائي ته ڪيس آرام سان جيئدان ملي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح هر خطري ڀريل ڳالهه ۾ بچڻ سوين بُرايون به لڪل آهن، جيڪڏهن ماڻهو اُهي اختيار ڪري ته هو موت کان بچي به سگهي ٿو. — سقراط

جو ڪم هن کي ڏيندا هئا. سو هڪڙي ڏينهن نہ ڪيائين هم نہ تم ، مون کي مرحوم ڏيپلائي صاحب وٽ وٺي آيو ۽ چيائين تہ هن کي ڪم سان لڳاءِ! ڏيپلائي صاحب بہ سنڌ جي لاءِ چئڻ تہ صبح جو سوجهرو هو. هن سنڌ ۾ پير پرستيءَ جي خلاف جيڪو جهاد ڪيو، سو احسان سنڌ جا ماڻهو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. ڏيپلائي صاحب چيو تہ "يار، قسمت چڱي اٿئي جو منهنجو پروف ريڊر ڀڄي ويو آهي. وڃ هن ميز کي سنڀال ۽ ڪتاب وي.پيون ڪري وڪڻ!"

ابراهيم جويو ڏيپلائي صاحب جو گهاٽو سنگتي هو. هو روز پريس تي ايندو هو ۽ ڏيپلائي صاحب وٽ چانهہ جو ڪوپ پيئندو هو. شايد ڏيپلائي صاحب کا منهنجي ڏاڍي تعريف ڪئي، سو جڏهن هن ادبي بورڊ بڪ اسٽال کولڻ جو سوچيو تہ ڏيپلائي صاحب کان منهنجي گهر ڪيائين. اٿين سنڌي ادبي بورڊ جي تلڪ چاڙهيءَ واري بڪ اسٽال جو مئنيجر ٿيس. اُتي ڪتاب وڪڻڻ سان گڏ "مهراڻ" رسالي جي شروع ٿيڻ سان آءٌ ۽ ابراهيم جويو گڏجي مضمون درست ڪرڻ، پروف ريڊنگ ڪرڻ ۽ ڪتاب چونڊڻ لڳاسين. پر سڀ کان وڏيڪ اهم ڪم مهراڻ رسالي جو هو جيڪو ٽماهي هو پر اسان جي آس هئي تہ اُن کي ماهوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. اسان ٻئي نورنچوئي رسالو تيار ڪندا هئاسون. پريس پنهنجي هئي، ڇپائي ۽ پروف ريڊنگ جو ڪم بہ اسين ڪندا هئاسون: اٿين جڏهن پهريان پرچا مارڪيٽ ۾ آيا تہ اصطلاحاً ڌوم مچي ويئي! اصل محنت ابراهيم جويو ڪندو هو، پر آءٌ بہ سندس هٿ ونڊائيندو هوس. رسالو ايترو مقبول ٿيو جو باوجود سردار علي شاهہ صاحب ۽ رشيد لاشاري صاحب جي اسان سان وير رکڻ جي، تعريف ڪرڻ کان رهي نہ سگهيا. اسان جو ڪردار اِهو هو تہ.بابا ، ههڙن ڪمن ۾ مخالفت تہ ضرور ٿيندي، اِن ڪري "جوڳي رمتا ڀلا" وانگر اسين پنهنجو سفر جاري رکندا سون!

اٿين "مهراڻ" رسالي نہ رڳو سنڌي زبان ۽ ادب جي سچن سڄڻن کان داد حاصل ڪيو پر اسان جي مخالفن کان بہ واهہ واهہ نڪري ويئي. سنڌي ادب لاءِ "مهراڻ" نئون سج ثابت ٿيو. منهنجي صلاح تي ڀوپي صاحب اديبن کي لکڻين لاءِ اُجورو بہ ڏيڻ شروع ڪيو. اُن جو سنڌي ادب تي ايترو تہ وسيع ۽ گهڻ پاسائون اثر پيو جو رشيد لاشاري اسان جي مخالف هجڻ جي باوجود "مهراڻ" لاءِ اعليٰ پائي جا مضمون لکڻ شروع ڪيا!

اسان سنڌي ادب ۽ معاشري جي جيڪا اُيري سيري خدمت ڪئي، سچ پڇو تہ اڄ بہ اسين اُن تي فخر ڪندا آهيون، تہ اسان "مهراڻ" جي باني ۾ شمار ٿي سگهون ٿا. اسان لاءِ اهو اعزاز ئي ڪافي آهي! باقي فيصلو تاريخ کي ڪرڻو آهي، جو اسين ٻئي اڃا حال حيات آهيون. "مهراڻ" گهڻن لاهن چاڙهن مان گذريو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ بندش جي نوبت بہ آئي، پر سنڌي ادب جي اوسر ۾ "مهراڻ" جي ڪردار جو سنڌ جي سمورن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن اعتراف ڪيو. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هن ڀاهہ ڀوهہ جي دور ۾ انعام شيخ جهڙي سڀاجهي دانشور ۽ ليکڪ جي زير نگراني نڪرڻ لڳو آهي. اُن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوشقسمتي ٿي ٿي سگهي. شل سنڌ آباد رهي ۽ سنڌ جا اهي بنيادي ادارا ۽ خاص طرح "مهراڻ" رسالو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مان مٿانهون رکندو اچي!

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# ويدن جا ويچار، سي سنڌيءَ منجهه سُڻايم!

## (ساميءَ تي اڀياس)

١- ڪنهن به ملڪ جو علم ادب، اُن ملڪ ۽ اُن قوم جي تهذيب ۽ تمدن جو آئينو هوندو آهي. علم ادب ۾ شاعريءَ کي وري هڪ خاص اهميت ۽ مٿانهون مرتبو حاصل آهي. ماهرن جو خيال آهي ته دنيا جي سماجي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ ۾ ادب جي شروعات 'شاعريءَ' سان ٿي. ماهر اِهو به چون ٿا ته نثر جي مقابلي ۾ نظم يا شاعري ماڻهن جي روح کي وڌيڪ متاثر ڪندي آهي.

دنيا جي ٻين قومن جي علم ادب وانگر، سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب ۾ به ڪي تمام وڏا ۽ قداور شاعر ۽ اديب ٿي گذريا آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي دور جي تاريخ جا علمبردار يا امام سڏيا ويا آهن. اهڙا ماڻهو ئي سنڌي ادب جا اُهڃاڻ ۽ نشان سمجهيا ويندا آهن(١). پروفيسر ناگراڻيءَ جي ڪتاب، "ساميءَ جا سلوڪ" جي مهاڳ لکندڙ ماهر فرمايو آهي ته:

> "قومن جي شعري دنيا ۾ وري هڪ به نالا خاص اهڙا ٿين ٿا، جيڪي خود سندن تهذيبي تشخص لاءِ، سندن ادب جا اڻ-گس اُهڃاڻ يا نشان بشيل هوندا آهن. انهيءَ لحاظ کان جيتوڻيڪ اُهي اُنهن قومن جا خاص پنهنجا شاعر سڏبا آهن، پر بنيادي طرح ڇاڪاڻ ته اُهي انساني تهذيب جي گڏيل ورثي جا خالق ۽ اُن جا امين ۽ ترجمان هوندا آهن، ان ڪري سندن حيثيت عالمي يا آفاقي به هوندي آهي. 'هومر' جو نالو ڪڻو ته سمجهو ته سموري يوناني تهذيب اکين جي آڏو اچي ويندي. 'ورجل' کي ياد ڪريو ته لاطيني سڀيتا جا سمورا اعليٰ انداز سامهون اچي ويندا؛ 'فردوسيءَ' جي نالي وٺڻ سان ايران جي عروج ۽ زوال جو آئينو سامهون نظر ايندو؛ "شيڪسپيئر' جو نالو زبان تي اچڻ سان انگلنڊ جي تهذيبي ورثي جو سمورو نقشو اکين جي اڳيان اچي ويندو؛ پُشڪن کي پڙهڻ سان روس جي فڪر انگيز تاريخ ڪر ڪٺي بيهي رهندي، ائين ئي جڏهن 'شاهه لطيف' جو نالو زبان تي اچي ٿو ته سنڌ جي سڀيتا جي سموري سونهن ۽ سمورو حسن نروار ٿي سامهون اچي بيهي ٿو." (٢).

سنڌ جي سرزمين پنهنجي علم ادب، هنر ۽ فن، تهذيب ۽ تمدن ۾ سدا شاهوڪار رهي آهي. سنڌ جي علم ادب جي تاريخ به اوتري ئي پراڻي آهي، جيتري سنڌو- تهذيب ۽ اُن تهذيب ۾ رائج قديم سنڌي ٻولي. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ جي ورق گردانيءَ سان معلوم ٿو ٿئي ته ڪنين صديون اڳ، هن سرزمين ۾ ڪيئي گمنام شاعر ٿي گذريا آهن، جن مان ڪن جي هٿ آيل ڪلام ۾ اڄ به دنيا وارن لاءِ شاعرانه سونهن ۽ خيالن جي نزاڪت ۽ گهرائيءَ جا انمول مثال موجود آهن. سنڌ جي محققن هاڻ سنڌي شاعريءَ جا اهڙا ته انوکا، سهڻا ۽ لاثاني مثال ۽ نمونا ڳولي هٿ ڪيا آهن، جن جي جيتري آهي تاريخ قديم، اوتري ئي آهي اُن شاعريءَ ۾ ڪم آندل قديم ٻولي. سنڌي شاعريءَ جا اِهي انوکا ۽ سهڻا مثال، ستين ۽ اٺينءَ صديءَ عيسويءَ، يعني سنڌ تي مسلمانن جي حڪومت شروع ٿيڻ کان ڪجهه عرصو اڳ جا ڇپيا وڃن ٿا. سنڌي شاعريءَ جي اُنهن پراڻن مثالن ۽ نمونن جي شاعرن يا خالقن جي نالن جي خبر نٿي پوي، البت اها شاعري، قديمَ سنڌو تهذيب جي قديم "سنڌوني ٻوليءَ" جي اُپرنديئين شاخ جي هڪ لهجي (غالباً سنڌي اُپڀرنش) ۾ ڪيل آهي. ڪجهه مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

اعليٰ بزرگ هستيون ۽ شاعرن سنڌي زبان کي نئين حياتي بخشي آهي؛ انهن ٽنهي بزرگن سنڌي زبان کي امرت جو جل پيئاري، اُن کي سدا حيات زبان بڻائي ڇڏيو آهي. اُن (سنڌي زبان) کي دنيا جي هڪ وڏيءَ تهذيب جي امر زبان، زنده جاويد زبان، ۽ دنيا جي وڏن شاعرن (شاهه، سچل ۽ ساميءَ) جي زبان طور مڃرايو آهي.

(ب) سنڌي زبان، سنڌو تهذيب جي ڪُک مان پيدا ٿيل زبان آهي، جيڪا مختلف زمانن ۾ مٿس آيل زلزلن ۽ لوڏن مان بچندي، مشڪلاتن مان پار پوندي، پنهنجو وجود تسلسل سان قائم رکندي، زنده رهندي آئي آهي، ۽ جيستائين هيءَ دنيا قائم آهي، جيستائين سنڌو تهذيب قائم آهي، تيستائين سنڌي زبان به قائم ۽ دائم رهندي ايندي.

(ت) سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ جتي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو هڪ وڏو ۽ قداور نالو آهي؛ جتي سچل سرمست هفت زبان شاعر سڏجندي به "سنڌي ۽ سرائڪي" شاعريءَ ۾ هڪ وڏو نالو مڃيو ويندو آهي، تيئن سنڌ جو امر سنت شاعر، "سامي" به سنڌي زبان جو هڪ وڏو ۽ امر شاعر آهي.

(ث) سامي سنڌي زبان جو هڪ اهڙو اعليٰ ۽ عظيم شاعر هوندي به، هاڻ سنڌس ديس وارن يعني سنڌ واسين ڪيس سنڌ ۾ تہ ذري گهٽ وساري ڇڏيو آهي. اڄ حالت اِها آهي جو سنڌي ادب جي اُستادن ۽ خود اديبن مان بہ ڪي ٿورا ساميءَ جو ڪلام صحيح طرح سان پڙهي سگهن ٿا.

وري بہ جس هجي شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي موجوده وائيس چانسيلر، جناب ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ کي، جنهن شاهه لطيف ۽ سچل سرمست سان گڏ ساميءَ جهڙي عظيم شاعر کي بہ ياد ڪيو هو، ۽ هن "ٽمورتيءَ" جي ڪلام ۽ پيام جي مطالعي لاءِ هڪ سيمينار جو اهتمام ڪيو هو. سچ پچ تہ شاهه لطيف يونيورسٽيءَ، سنڌي شاعريءَ جي هن 'ٽمورتيءَ' - شاهه، سچل ۽ سامي-- تي سيمينار ڪرائي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي هن وسري ويل شاعر جي ياد تازي ڪرائي. سنڌ جي ڏاهي، عالم ۽ ماهر تعليمدان محترم محمد ابراهيم جويي بلڪل درست فرمايو آهي تہ: "شاهه، سچل ۽ سامي، سنڌ ۽ سنڌي سماج جي سڃاڻپ جا شاعر آهن." (١١)

٤- (الف) سامي سنڌي زبان جو هڪ اعليٰ آدرشي شاعر آهي. هُو پنهنجيءَ تهذيب، پنهنجي عوام ۽ پنهنجي سماج جو علمبردار شاعر آهي. هو اعليٰ انساني آدرش جو درس ڏيندڙ هڪ درويش سنت آهي. هُنَ هڪ سنت جي حيثيت ۾، نيڪ ٿي رهڻ ۽ نيڪي ڪرڻ تي زور ڏنو آهي.

(ب) شاهه، سچل ۽ سامي، سنڌ جي تاريخ ۾، هڪڙي ئي دور جا، بلڪ سميوڳي شاعر ۽ درويش هئا. سچل ۽ سامي تہ ذري گهٽ هم عمر بہ هئا(١٢). سچل جو جنم ١٧٣٩ع ۾ ٿيو، ۽ ساميءَ جو جنم ١٧٣٠ع ۾ ٿيو. سچل تقريباً هڪ سو ورهين جي عمر ماڻي، ۽ ١٨٢٩ع ۾ وفات ڪيائين. ساميءَ هڪ سو ويهن ورهين جي عمر ۾، ١٨٥٠ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيو(١٣). سچل سرمست اڃا ٢٣ سالن جو هو ۽ سامي ٢٢ ورهين جو هو، جو شاهه لطيف انتقال ڪيو. لهاذا انهن ٽنهي شاعرن وارو زمانو، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ جي لحاظ کان اهم دور هو، جنهن جي باري ۾ محترم محمد ابراهيم جويي "شاهه، سچل ۽ سامي" ڪتاب ۾ تفصيل سان لکيو آهي(١٤).

(ت) ڪماري وندنا اشوڪ راموائيءَ، ساميءَ جي همعصر شاعرن جي هڪ ڊگهي فهرست ڏني آهي، جيڪا هن جي لکيل پي. ايڇ. ڊي، لاءِ ٿيسز ۾ موجود آهي. اُها فهرست هيٺ هوبهو نقل ڪجي ٿي(١٥):

(١) شاهه عبداللطيف ڀٽائي (١٦٨٩ع کان ١٧٥٢ع)
(٢) سچل سرمست (١٧٣٩ع کان ١٨٢٩ع)
(٣) سامي (١٧٣٠ع کان ١٨٥٠ع)
(٤) روحل فقير (١٧٣٤ع کان ١٨٠٤ع)

(٥) سيد ثابت علي شاهہ (١٧٤٠ع کان ١٨١٠ع)
(٦) دلپت سيوهاڻي (١٧٦٩ع کان ١٨٤١ع)
(٧) فقير قادر بخش 'بيدل' (١٨١٤ع کان ١٨٧٢ع)
(٨) خليفو گل محمد "گُل" (١٨١٥ع کان ١٨٧٩ع)
(٩) حمل خان لغاري (١٨١٥ع کان ١٨٧٩ع)
(١٠) پير علي گوهر شاهہ 'اصغر' (١٨١٦ع کان ١٨٣١ع)
(١١) مير حسن علي خان 'حسن' (١٨٢٤ع کان ١٨٦٣ع)
(١٢) صوفي آسو رام 'آسو' (١٨٢٤ع کان ١٨٩٧ع)

٥- سامي هڪ ويدانتي سنت هو. ويدانت جا اصول ۽ ان سلسلي ۾ ڪي ڳالهيون، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، پنهنجي ڪتاب 'مقدمہ لطيفيءَ' ۾ سمجهايون آهن(١٦). ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي راءِ موجب، ساميءَ بہ اُهي ئي ڳالهيون ڪيون آهن، جيڪي شاهہ لطيف، شاهہ ڪريم، سچل ۽ ٻين صوفي درويشن ڪيون آهن. مثال طور ساميءَ جي راءِ موجب برهم يا حق اسان کان پري ڪونهي، يعني ڏٺيءَ جو ديرو اسان منجهہ ئي آهي؛ يعني:

وَنحن اقرب اليہ من حب الورِيد

يعني رب فرمائي ٿو تہ "اسين، انسان کي سندس ڪنڌ جي رڳن کان بہ ويجها آهيون."

هن سلسلي ۾ لطيف فرمايو آهي:

نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

يعني، حق جو واسو انسان جي اندر ۾ ئي آهي. ويدانت ۾ بہ اِهي ئي ڳالهيون چيل آهن(١٧). ساميءَ بہ اِهي ئي ڳالهيون ڪيون آهن. سامي فرمائي ٿو تہ:

محل منجهہ آهين، سوڌا تنهنجا سپرين،
لڪيا ڇپيا ڪينڪي، تا پُڌن ڳالهائين.
جتي مُنهن مڙهيءَ پائين، واقف بسي ورونهن جا.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

سامي سپ ديدار، اٿيئي عجيبن جو،
ڏسي پڌي پاڻ تو، ڇولي پولڻ هار،
نر آڪار آڪار، ڌاري آيو جڳ ۾.

"ساميءَ جا چونڊ سلوڪ" ڪتاب ۾ راءِ بهادر ڪوڙومل چندن مل لکي ٿو تہ: "شاهہ، سچل، دلپت ۽ ساميءَ جن، پنهنجيءَ شاعراڻي ٻوليءَ ۾ الاهي اسرار ۽ روحاني راز کوليا آهن" (١٨).

راءِ بهادر ڪوڙومل اڳتي لکي ٿو تہ: "سنڌ جي ماڻهن اهڙي املهہ خزاني کي ساهہ سان سانڍيو آهي؛ اُن جو قدر ڪيو آهي: اُن کي چاهہ سان پڙهيو آهي ۽ اُن جو رس چکيو آهي" (١٩).

٦- (الف) ساميءَ جي ڪلام جو مضمون: راءِ بهادر ڪوڙومل لکي ٿو تہ: سنڌ جي مڙني صوفي ۽ ويدانتي شاعرن جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ اُنهن سڀني وٽ هڪڙو ئي رنگ آهي. ساميءَ وٽ ويدانتي رنگ سان گڏ

صوفياڻو رنگ به اوترو ئي آهي، البت پاڻ ٻولي اهڙي ڪم آندي اٿس، جنهن ۾ سنسڪرت جا اوکا ۽ اڻانگا لفظ ڪم آندا اٿس، جنهنڪري نقاد سمجهن ٿا ته هن وٽ ويدانتي رنگ ۽ ڍنگ وڌيڪ آهي.

(ب) وشن جڳتياڻيءَ جو حوالو ڏيندي، راءِ بهادر ڪوڙو مل لکي ٿو ته:

"سامي صوفياڻي رنگ کان ڪجهه نرالو، پر ويدانتي رنگ سان بلڪل ڀريو پيو آهي. جنهن ۾ ڪٿي ته ويد، سوتر، ڀاڳوت، يوگ، سانيک ۽ ٻين انيڪ گرنٿن جو سار منجهس سمايل آهي، ۽ انهيءَ مڙني جو نهايت سليس ۽ مٺڙ ٻوليءَ ۾ آنند چڪائي ٿو" (٢٠).

سامي يقيناً ويدانتي شاعر ته آهي، پر منهنجي خيال ۾ هو صوفياڻي رنگ کان به نرالو ڪونهي؛ هو صوفياڻي رنگ سان به ڀريو پيو آهي. جتي مڙني گرنٿن جو سار،ساميءَ جي سلوڪن ۾ نظر اچي ٿو، اُتي سندس (ساميءَ) سلوڪن ۾، مولانا روميءَ، بابا فريد، پير صدرالدين، بابا بُلهي شاهه، مياں عبدالرحيم گرهوڙيءَ ۽ شاهه لطيف جي صوفياڻن خيالن جو هوبهو عڪس به سندس سلوڪن ۾ جابجا نظر اچي ٿو.

مثال طور فرمائي ٿو:

فارسي ۽ هندي، سنت چون ٿا ڳالهه هڪ،
سمجهي ڪو سامي چئي، ڀيائيءَ بنا ڀندي،
چڙهي انيءَ اچ تي، وڃي راهه رندي،
پائي گيان گندي، سمهي سڪپت سيج تي.

سامي اڳتي فرمائي ٿو ته:

ويد پران قرآن ڪو، سيني ۾ هڪ سوت،
سمجهي ڏس سامي چئي، لاٿي من مضبوط،
جيئن آڪاس گهٽن ۾، تيئن سڀ ۾ ساکي پوت،
ڪو آتم وت اوڌوت، سمجهي هن سخن کي.

(ت) مولانا روميءَ جي مثنويءَ مان به اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا، جن ۾ مولانا روميءَ جيڪو مضمون سمجهايو آهي، اُهو ساڳيو ئي مضمون سنڌ جي صوفين، ساميءَ سميت، پنهنجي پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي. مثال طور رومي فرمائي ٿو:

مثنوي و مولوي و معنوي،
هست قرآن در زبان پهلوي.

مولانا رومي ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

ماز قران مغز را برداشتيم،
اُستخوان پيش سگان انداختيم.

يعني: اسان قرآن ڪريم مان مغز ڪڍي پنهنجي ڪلام ۾ سمجهايو آهي، باقي جيڪي هڏا وڃي بچيا آهن، اُهي ڪتن جي اڳيان ڦٽا ڪيا اٿئون. ساڳيو مضمون ۽ ساڳيا خيال لطيف سائينءَ به پنهنجي ڪلام ۾ ظاهر ڪيا آهن. لطيف فرمائي ٿو:

بيت نه ڀانيو ماڻهوئا، هي آيتون آهين،
نيو من لائين، ڀريان سندي ڀار ڏي.

موجب أهو، أهو جهان آهي جتي نہ ڪرم آهي ۽ نہ ڪال؛ جتي نہ غم آهي ۽ نہ زوال، أنهيءَ دنيا ۾ رات ۽ ڏينهن جو ڪوبہ نشان ڪونهي؛ أنهيءَ جهان ۾ عجيب نور پيو وسي، جو نرمل ۾ نرمل نور آهي؛ أهو پد سوڪيم ۾ سوڪيم آهي. سامي أنهيءَ سوڪيم جهان کي 'بي گم پور' (يعني بي غم پور) يا 'ڊيس ملار' يا 'نورمحل' ٿو سڏي؛ جتي آنند ۾ پڌل آتمائون، رامڪلي، ۽ ڪلياڻ جا مڌر سُر پيون آلاپين." (٢٣).

ساميءَ انهيءَ 'سوڪيم جهان' جو ذڪر پنهنجن سلوڪن ۾ هن ريت ڪيو آهي. (٢۴)

ڪنهن کي ڪريان حال، پورب ديس ملار جو،
جتي أج بک ناهہ ڪا، نکي ڪائي ڪال،
نکو ڏينهن نہ رات ڪا، نکو آڪاس پاتال،
خاوند جو خيال، سمر ورتي سامي چئي.

سامي ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

نيڻين لاهيو نينهن، نورمحل جي ناٿ سان،
جتي سج نہ چنڊ ڪو، نکو رات نہ ڏينهن،
مهرون وسي مينهن، سامي سدا عرش جو.

٨- (الف) سنڌ جي ٻين شاعرن وانگر ساميءَ جي ڪلام ۾ حسن بيانيءَ جون بيشمار خوبيون نظر اچن ٿيون. ساميءَ بہ شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست وانگر بيشمار علامتون، تشبيهون، استعاره ۽ تجنيسون ڪم آنديون آهن. هن (ساميءَ) تمثيل طور ڪنهن بہ لوڪ ڪهاڻيءَ يا تاريخي ۽ نيم تاريخي قصي جي ڪردار کي ڪم نہ آندو آهي. محترمہ وندنا راموائيءَ جو رايو آهي تہ:

"جتي شاهہ ڪريم، شاهہ عنايت، شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين جي مدد سان تمثيلي ڪلام چيو، أتي ساميءَ ڪنهن بہ لوڪ ڪهاڻيءَ جو ذڪر نہ ڪيو آهي. صرف روحاني اشارا ڏنا آهن." (٢٥)

(ب) ساميءَ پنهنجن سلوڪن جي مفهوم ۽ فلسفي کي سمجهاڻڻ لاءِ تشبيهن، علامتن، استعارن ۽ تجنيسن جو سهارو ورتو آهي. هن ڏکين ۽ دقيق لفظن ۽ اونهن خيالن ۽ باريڪ نقطن کي سادين تشبيهن ۽ علامتن جي مدد سان سمجهايو آهي.

سامي بہ پنهنجي محبوب جي سڪ، وڇوڙي، وصل لاءِ ورلاپن جو اظهار ڪري ٿو، ۽ محبوب جي سونهن جي واکاڻ لاءِ مقامي شيون تشبيهن ۽ استعارن طور ڪم آڻي ٿو. هن ڪنول، تلاءَ، لوڻ، ڪنڊ، مرگهہ، پتنگ، ڀؤنر، مڇي، سپ، چڪور، ٻپيهي، چقمق، وڄڻي، موتي ۽ ڪوريئڙي کي تشبيهن ۽ استعارن طور، پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آڻي، هر نقطي کي سمجهاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

پنهنجي عاشقاڻي ڪلام ۾ سمجهاڻي ڏيندي سامي فرمائي ٿو تہ، جيئن مرگهہ 'ناد' جي آواز تي عاشق ٿي ڊوڙي ٿو اچي، ۽ جيئن پتنگ جوت تي مدهوش ٿئي ٿو، سڪ ۽ محبت جي ڪشش، ڪنول گل جي سرهاڻ جو واس ڏاري، ڀؤنر کي پنهنجي دام ۾ اڙائي ٿي. مثال طور:

سپ کي ڀوڙايو، پريم پشاچ لڳي ڪري،
ٻڌي ناد ڪنن سان، مرگهہ ڊوڙي آيو،
وٺي واس ڪنول جان، ڀؤنر لپٽايو،
سامي سمايو، پتنگ جوت ڏسي ڪري.

# مددي ڪتاب


(١) ناگراڻي، بي. ايچ: ساميءَ جا سلوڪ، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، ١٩٧٨ع، گذارش.

(٢) ايضاً

(3) Jetley, Murlidhar, Dr. Sindhi Language and Literature, A brief survey, International Encyclopaedia of Indian Literature, Vol: VIII, by Ganga Ram Garg, Mittal Publications, New Delhi, 1991, P. 4.

(٤) ايضاً

(٥) ايضاً

(6) Chatterji S. K., Indo-Aryan & Hindi, Gujrat Vernacular Society, Ahmedabad 1940.

(7) Ibid.

(8) Ibid.

(9) Ibid.

(١٠) ڏسو حوالو پهريون.

(١١) محمد ابراهيم جويو: شاهه، سچل ۽ سامي، هڪ مطالعو، روشني پبليڪيشن، ١٩٩٠ع، ص ٣٣

(١٢) ايضاً

(١٣) ايضاً

(١٤) ايضاً

(١٥) وندنا اشوڪ رامواڻي: سامي هڪ ويدانتي شاعر، پي. ايچ. ڊي. ڊگريءَ لاءِ پيش ڪيل مقالو، ممبئي يونيورسٽي، ٢٠٠١ع، ص ٤٣.

(١٦) گربخشاڻي هه-مر: مقدمه لطيفي، روشني پبليڪيشن، چوٿون ايڊيشن، ١٩٩٣ع، ص ٤٣.

(١٧) ايضاً

(١٨) ڪوڙومل چندن مل: ساميءَ جا چونڊ سلوڪ، ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل، حيدرآباد، ١٩٤٦ع، مهاڳ، ص ٦

(١٩) ايضاً

(٢٠) ايضاً، ص ٧

(٢١) وندنا اشوڪ رامواڻي: ڏسو حوالو، ١٥، ص ١٢٣

(٢٢) ايضاً، ص ١٤٩

(٢٣) ڪليان آڏواڻي، ساميءَ جا چونڊ سلوڪ ڪتاب ۾ شامل سنڌس مضمون، ڪوڙومل ساهتيه منڊل، ١٩٤٦ع، ص ٣١

(٢٤) ايضاً

(٢٥) وندنا اشوڪ رامواڻي: ڏسو حوالو ١٥، ص ٣١.

"ط" کي تنّ وسرڳي آوازن ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويو هو، جن مان هڪ ته اڳيئي بيسود ٿي چڪو هو، باقي ٻن بابت به ڪيترا اعتراض اُٿيا ۽ نيٺ اُنهن مان هٿ کڻڻا پيا، ڇاڪاڻ ته اُهي سنڌين ۽ لسانيات جي ماهرن لاءِ بلڪل اوپرا هئا. باقي ٻن تن اکرن "جهه" ۽ "گهه" کي ڪتب آڻڻ ۾ ڪوبه حرج محسوس ڪونه ٿيو. اِهي ٿورو اٺانگا ضرور آهن، مگر گذريل وقت جيان وسرڳي ۽ غيروسرڳي آوازن کي همشڪل ڪري لکڻ کان انهن لکڻ بهتر سمجهيو ويو.

مورڏني "ن" لاءِ الڳ نشانيءَ جي اهميت کي ڊاڪٽر ٽرمپ به مڃي ٿو. ان سلسلي ۾ "ط" جو استعمال ئي بهتر ٿيندو. اُن سان گڏ ٽِپڪي جو استعمال بيسود ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ٽپڪو ڪوبه مطلب پورو ڪونه ٿو ڪري، جڏهن ته "ط" جي نشاني ٻني ڪنهن به آواز کي ظاهر ڪانه ٿي ڪري ۽ ڪنهن ٻي نشانيءَ سان ڀلجي پوڻ جو به انديشو ڪونهي، تڏهن ڊاڪٽر ٽرمپ جي اُن بيان جو ڪو مقصد ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ته "ط" ٽپڪي ڪانسواءِ لاڀائتو ڪونه ٿيندو.

"ڪ" کي "ڪ" جو وسرڳي آواز سمجهڻ ۾ مون کي ڪا دقت محسوس ڪانه ٿي ٿئي. اِهو هميشه "ڪ" جو وسرڳي آواز ئي رهيو آهي ۽ ڪن حالتن ۾ اُهو غير وسرڳي به رهيو آهي. جيئن ته اِهي ٻيئي شڪليون بغير ڪنهن امتياز جي ٻن الڳ آوازن جي نمائندگي ڪنديون هيون ته هاڻ اهو عمل ڪو ايترو شديد ڪونه ٿو لڳي ته اِهي ٻيئي الڳ الڳ آوازن کي ظاهر ڪن. دراصل "ڪ" کي ڊاڪٽر ٽرمپ جيتري مڃتا ڏني آهي، اُها اُن ڪان گهڻو ڪارائتو ڪم ڪري رهي آهي. اُها قديم سنڌي لکت ۾ "گ" ۽ "ڪ" جي وسرڳ طور ڪتب ايندي رهي آهي. اِنهن ٽنهي اکرن مان ڪنهن هڪ جي حدبندي ڪرڻ هڪ قدرتي عمل آهي، جيڪي سنڌي آسانيءَ سان سمجهي سگهن ٿا. جڏهن ته غيرسنڌي اُن کي آسانيءَ سان سمجهي ڪونه سگهندا.

جيڪڏهن "ڊ" لاءِ الڳ اکر جي ضرورت ڪانهي ته اُهو جلدي خودبخود متروڪ ٿي ويندو. ڊاڪٽر ٽرمپ جي سماعت جو احترام ڪندي چنجي ٿو ته اُنهيءَ اکر ۽ "ڏ" يا "ڌ" ۾ وڏو فرق موجود آهي.

مان پنهنجي مشاهدي جي بنياد تي گهڻو ڪجهه وڌيڪ چئي سگهان ٿو، پر جيئن ته مون ڊاڪٽر ٽرمپ پاران مسلمان سنڌي الف-ب تي ڪيل بحث جي شروعات ڪارائتين ڳالهين سان ڪئي آهي، انڪري وڌيڪ گفتگو کي بيسود سمجهان ٿو.

هندستاني نشانين کي هيٺين حالتن ۾ ڪتب آڻي سگهجي ٿو: (١) رسم الخط ۾ صدين کان ڪابه نشاني موجود ڪانهي. (٢) جتي اهي سنڌي آوازن جو پورائو ڪري سگهندا هجن.

جيڪڏهن اِنهن ٻنهي شرطن جو پورائو ڪونه ٿو ٿئي ته پوءِ هندستانيءَ جو استعمال "بنا مقصد ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ" ٿيندو. "جهه" ۽ "گهه" جي حالت ۾ هندستاني کي ڪن نون ۽ اڻ نهندڙ اکرن تي ترجيح ڏيڻ گهرجي (جهڙوڪ ط)، جڏهن ته ٻين اکرن جي حالت ۾ مون کي اهڙي ڪا ضرورت ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي ته ڪو وڏي مڃتا ماڻيل قديم سنڌي اکرن کي رد ڪري ڇڏجي يا اهڙن اکرن کي هٽائي ڇڏجي، جيڪي ڪجهه وقت ڪان وٺي ڪتابن جي ڇپائي ۽ ٻين ڪمن ۾ بخوبي ڪتب اچي رهيا آهن.

بي. ايچ. ايلس

اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ

٨- جنوري ١٨٥٥ع

[ "سنڌ آرڪائيوز" ڪراچيءَ مان هٿ ڪيل. "ڪمشنر- اِن- سنڌ" جو پُراڻو رڪارڊ. فائيل نمبر ١٨٧، عنوان: "سنڌي ٻولي." ]

# Report of the Parent Committee of the Church Missionary Society (London)

**by**

**Ernest Trumpp**

**Station Karachi, November 1854**

I am happy to inform the Committee, that I arrived on the point of my destination safely through the grace of God, the 12th September of this year. Directly after arrival I took up the study of the Sindhi Language. I am sorry to say, that I found everything in a confusion respecting the Sindhi language. I addressed myself to different Europeans, who have been for many years in the country, to get some information from the Commissioner down to the lowest official nobody knows anything of Sindhi. The only man, who took some interest in the language, was the Assistant Commissioner Mr. Ellis, but instead of making things better, he had made them worse by his silly alphabet.

In order to clear away the rubbish, I wrote the included pamphlet on the "Sindhi Alphabet" which I am happy to say, received the approbation of the oriental Scholars in Bombay, and of the Commissioner in Sindh. The alphabet therefore which Mr. Ellis had introduced in the government schools and in the government offices, will be discarded and that proposed by me introduced.

Respecting the alphabet I insisted, that the Hindustani Alphabet with 3 slight modifications, should be adopted:

1. Because it suits the Sindhi language perfectly, as being of the same stock.
2. Because it is known to every body, even to a great many natives.
3. Because it facilitates printing of books and the introduction of the romanized system.

Respecting other details I beg to refer to the pamphlet. I move a petition to Government to the effect that Government should print Grammar, Dictionary and some school books to which Mr. Frere willingly agreed, promising that he would do all in his power that the press should be established in Karachi itself. The petition is at the present before the Council in Bombay, which will, without any doubt confirm the arrangement as the Government is even worse off in the matter than the Mission. The books which I am preparing at the present are:

1. A Sindh Reading Book, with grammatical notes and derivation of words; affixed to it as dictionary.
2. A dictionary, Sindhi-English in which the derivation of every Sindhi word is given.
3. A grammar of the Sindhi language.

The grammar I intend to split into two seperate ones:

1: A comparative grammar, i.e. a scientific grammar elucidating the Katchi, the Sindhi, and modern Panjabi, all these being one and the same family. These languages are the key to the other great western branch, namely: the Baruhuiki, the Balochi or Irani, the ??? and Pushtu.

We have therefore in the west of India two branches of the great Arian family:

a. The India's languages: i.e. Katchi, Sindhi, Western Panjabi.

b. The intermediary languages, between India and Iran: Brahuiki, Balochi, Pushtu.

There is immense field for exploring these languages, which are little or ulterly unknown, and which will clear up the way to the west.

Besides a comparative grammar I intend to compile a small practical Sindhi Grammar, in the romanized system for the use of missionary labour putting aside all speculation and merely giving the colloquial use of the language.

For translating school books there is at the present no time whatsoever, I shall not touch any translation,before I am completly master of the language and answer for what I am translating. I can therefore not come before the Committee with a proposal to translate the holy scriptures before two or three years. I know, that a translation into Sindhi has been exempted, but it is a mere work of native munshis, who are not answerable for that they are translating. I shall never consent to put our holy scripture at the mercey of a munshi. such translations are only ephemera, not a Kiyus eis lei?

At the present I am studying, except Sindhi, Persian, Arabic, Pushtu,which later language is a pure Arian (Sanscrit) language, and not a fabulous Herbrew one. It is a great shame upon all those, who said it was a Herbrew tongue and the Afghans the descendants of the ten tribes.

As soon as I shall have carried through the press any book, I shall lay it before the Committee. Meanwhile I can assure the Committee, that I am doing my duty.

Respecting myself I have been, God be thanked mostly healthy, since I am in India, some few indispositions exempted, the only thing I have to complain of are the fearful dust stroms here, which have caused me frequent ache in the eyes and disabled me whole days from working. I am therefore longing to exchange this unhappy valley as soon as possible for the Panjab, yet I will subject my own will to the command of the Committee.

Remembering myself to the kindness and the prayers of the Committee.

Karachi 20th November 1854 — I remain
Church Mission House — Your humble and obedient servant
Ernest Trumpp

(CI3/076/22 - CMS Papers, Birmingham University Library, England)

* * *

## Report by B. H. Ellis

Dr. Trumpp has recently published a memorandum on the Sindhi language in which after a residence of a few weeks in Sindh, he has summarily disposed of all who have ever had anything to do with the language including the Sindhians themselves. A few comments are therefore required.

Much of Dr. Trumpp's memo contains matter which was very well known before, and this portion of course requires no remark. Some space is also devoted to the discussion of the Hindoo Sindhi - but Dr. Trumpp states that the great majority of the population being

Mohommedan a character is required which Mussulmans will read, and to this point he has principally addressed himself so that the portion of his memo relating to the Hindoo Sindhi may also be passed over through the very slighting way in which the Dr. speaks of the labors of the late Captain Stack would otherwise dispose and to enter more into detail regarding this branch of the subject.

The question is in what character are books to the published for the use of the Sindhees and this had been decided in favor of the Arabic before Dr. Trumpp made his appearance in Sindh.

This character has for many years been adopted by Mussalmans for writing Sindhi - but as a matter of necessity additions have been made to the original characters to express the sounds which exist in the Sindhee but are not found in the Arabic.

Precisely the same course was adopted in Hindustan to suit the Arabic character to the language there current, and it is rather late in the day therefore for Arabic purists to shudder at the idea of placing extra dots upon the original forms of semitic letters.

The Sindhee alphabet lately published did not as Dr. Trumpp admits essentially alter the old system in fact the object was to alter it as little as possible, and the alternations are really much fewer than Dr. Trumpp states. He admits in one plan that in the Mussalman's attempts to express in the Arabic alphabet those sounds which were not orignally in it "there is great variety in their writing" and yet he refuses to give the revised alphabet credit for having adopted some of the various forms which differ from those he has himself learnt.

Whether the old alphabet as in use in Sindh is "irrational" and "arbitrary" appears hardly to the point. The alphabet is not a new one which we might frame a philological principle The English itself would have a poor chance if similarly attacked, and the only question, it appears to me, was from the first, what additions or amendments are absolutely essential to the completeness of the existing alphabet, and not whether it should be abolished, and German, Roman or other letters subsituted for its present forms.

I agree with Dr. Trumpp that it is sad, very sad to see such a blunder in a language as the use of a ڦ with extra dots as the aspirate of ڀ. I regret with him the blunder, but I am not prepared to say with him "this letter must be struck out" when it has existed (in both the forms ڦ & ڦ) for years as a part of the written Sindhee language. I would rather quote his own words that "we are bound to take letters as they are not as we like".

The introduction of the Hindusthani is objectionable, because it does not provide for all Sindhi sounds, and more especially because the very 'confusion' which Dr. Trumpp talk so much of, will be created by forms which now represent certain sounds being made to stand for other sounds e.g. ٺ now **th**, will become cerebral **t**. If this be not confusing a language, I confess I do not understand the meaning of words.

I consider the question of the style of hand writing to be quite separate - it is clear that the Nuskh is not well adopted for running hand - and as we find in other languages the use of this style chiefly confined to printing, so no doubt it will be found expedient hereafter to use in Sindhee a Nushtalik a running hand of some sort for office work. The forms used to

express different letters however would be just the same as in the printed hand - as in Hindoostanee books are printed in one variety, and correspondence is carried on in another.

I merely mentioned this for fear of being misunderstood when I assert that there is no advantage in point of clarity of writing gained by adopting the Hindustanee. I mean thereby that the adoption of the symbols used to express sounds in Hindustanee would not even in this point of view repay us for displacing those forms to which the majority of the people of the country have been accustomed for ages. Of course, the running hand is more quickly written than that used in printing, this is the case equally in Hindustanee, which has both styles of writing. Sindhee might of course have the same.

Dr. Trumpp objects to the use of dots to express aspirates in a semitic language and says "this must lead to a confusing heap of dots and is contrary to the nature of the alphabet". The latter objection is disposed of by the fact that an alphabet applied represent sounds foreign to it, must as a matter of course, add signs contrary to its original nature. This has been the custom in Sindh, and it appears to me not a whit more unphilological than the heaps of dots and other devices engrafted in Hindustanee upon a semitic alphabet.

And dotting is surely a less "Cumbrous" though more arbitrary way of expressing what is wanted, thus ڄ is much easier to write as the aspirate of ج than the double letter subtituted in Hindustanee جھ. But this is mere matter of opinion - the fact is the letter exists in the language and is universally written as ڄ I therefore see no reason for this expulsion, and so with the other aspirates where they exist, and are generally recognized in all writings ancient and modern.

The summary mode in which Dr. Trummp corrected the mistakes of the Sindhees and their blundering language does not surprise me, but I am astonished at a professed philologist's being satisfied with a representation of the sounds of ڱ (ngya) by نگ (ng). He might as well propose the abolition of the Sanscrit ङ and that in future it be represented by ंग and he will find after a longer intercourse with Sindians that ng is a very incorrect representation of the pure sound ڱ. The same remarks apply to Dr. Trumpp's substitution of ني for ڃ.

And Dr. Trumpp objects that it is against the nature of a Semitic alphabet to express a nasal sound by two dots. Of course and it is equally against the nature of a Semitic alphabet to represent any sounds other than Semitic. Yet such is the duty a Sindhi alphabet has to perform. and Dr. Trumpp may not be aware that a similar nasal sounds to the one in question is expressed in the Semitic alphabet which represented the Turkish language by three dots with a gauf ڭ The philological enormity is therefore one third greater in Turkish than in the revised Sindhee alphabet, and we have at any rate an analogous adoption in a Semitic alphabet for the purpose of representing certain nasal sounds which do not exist in the original Semitic tongues.

With regard to the alternations exhibited by Dr. Trumpp in his comparision of the old and revised alphabets a few words are necessary. The ط was introduced in two ways and not in four as Dr. Trumpp infers-where the retention of dots could make no difference, they were omitted as cumbrous thus جؕ expressed no more than حؕ there being no other letter for which

the symbol could be mistaken if written without the dots.

But there was one great objection to the ڟ and that was its being new to Sindhees. At the time of the revision of the alphabet I was not aware of ٺ being in common use for the aspirate of ٽ The first I saw of it was its insertion in an alphabet published last August by one Haroon Lohar of the Mission House, and subsequent search has confirmed me in the belief that this letter should have been retained in the revised alphabet as having been used in old writings and being generally (though very far from universally) intelligible to modern Sindhians. There would then of course have been no use for ٿ this letter might thus be struck out and the ٺ of Haroon Lohar retained.

The alphabet of Haroon appears to have been Dr. Trumpp's guide in reference to the former Sindhi alphabet but there are many forms there in given which not only do not occur in books that I have seen, but are quite unknown to many Sindhees of good education whom I have consulted.

Thus I am pretty confident that the forms be given for the aspirates of **j**, and **k** for the peculiar Sindhee sound of **g**, and for cerebral **n**, are so rare, that if they do occur in M. S. They must be considered rather as peculiarities in writing than as forms which have received the sanction of general use. One of these forms is an impossible one for how could be cerebral **n** ڻ be presented when initial or medial? The forms for the Sindhee **g**, and for **kh**, are so absurd that nothing but universal use could have justified their retention, and to this they certainly have no claim for they are utterly unknown to every Sindhee to whom I have shown them. Haroon has entered ڳ as an old Sindhee letter, but until the publication of the revised alphabet I had always seen **g** expressed by ڪ and if not, how is it that the old Sindhees has ڱ when ڳ would be expected as the nearer of the two?

The usual way of writing the aspirate of **j** was ج no distinction being made for the aspiration; the from ڄ I have seen used for **t** Sindhee **j** as well as ڄ though the latter is more common, I chose the former because the latter was required to represent (jaiya) for which no single letter existed in the old Sindhee.

The proper form of ڏ is as shown by Haroon ڏ and I consider it quite immaterial which form is adopted as د with three dots can not possibly represent any other sound however the dots may be placed. The pyramid of dots was inverted in the revised alphabet merely from the analogy of the cerebral ٽ but it makes no difference which way they are written. Such variations are of little comment, and the Dr's favourite Hindustani, which writes ٿ ٽ or ٿ and ڎ ڏ or ڌ would easily supply analogous instances.

Now have I any objection to the forms ڙ and ڦ which are both found in old Sindhee writings. The latter is perhaps more common than ڦ a form also found, and which was adopted in the revised alphabet. The form ڙ is far less common, for in old Sindhee writings distinction was very seldom made between the two r's.

The ڟ was adopted for the purpose of showing aspiration in three cases; in one of these it is now useless - in the other two it may without great objection be abandoned as it is equally new to Sindhees and to philologists - but there will then be no alternative but to adopt a

double letter جھ and گھ which cumbrous as it is, would be better than writing the aspirated and unaspirated alike as has hither to been done in Sindhee.

The necessity for a separate sign for cerebral **n** is admitted by Dr. Trumpp, and I see no other course but to retain the ڻ to put a dot with it would be "useless", as the dot would serve no purpose when the ڻ stands for no other sound and can therefore be mistaken for nothing else but I cannot see in what sense the ڻ without the dot is "useless" as stated by Dr. Trumpp.

Dr. Trumpp likewise admits that the Sindhee sounds of ج ب and ڳ require separate signs and he very unabtrusively adopts those of the revised alphabet, but placed the dots above instead of below the ڳ with what object is not apparent.

With respect to the impossibility of ک serving as the aspirate of ڪ I confess I do not see the difficulty. It always has served in Sindhee as the aspirate of ڪ and sometimes for ڪ unaspirated. When there were two forms representing indiscriminately two distinct sounds, it was not a violent change to lay down that one of the symbols sould hereafter represent one of the two sounds and the other symbol the other. In fact this ک did more duty than Dr. Trumpp gives it credit for, in as much as it served in old Sindhi writing for ڳ as well as for K and its aspirate. The limitation to one of the three sounds is a natural one, which Sindhees easily understand, though the point appears more difficult of comprehension by others.

If there be no use in a separate letter for ڙ it will of course soon become obsolate, but with difference to Dr. Trumpp's ear, there does appear a distinction of sound between this letter and ڏ or ڙ

I might extend these observations to greater length - but as I have commented on the practical parts of Dr. Trumpp's exposition of the Mussalman Sindhi character further remarks are unnecessary.

Hindoostanee symbols may be adopted where:

1st None already exist in the character which has been in use for centuries.

2nd Where they will suffice for the Sindhee sounds.

If both these conditions be not fulfilled, the adoption of Hindoostanee would be "useless and confusing". In the case of جھ and گھ a preference may be given to the Hindoostanee over a new and arbitrary character (like the ......) but with respect to all other letters I confess I cannot see grounds for the abolition of the old Sindhee characters universally recognized or for displacing those letters which have now for some time past been in use in the publication of books and in other ways.

Sd/ B. H. Ellis
Assistant Commissioner, Sindh
January 8, 1855

●●●

Dr. Trumpp has recently published a Memorandum on the Sindhee language, in which after a residence of a few weeks in Sind, he has summarily disposed of all who have ever had anything to do with the language including the Politicals themselves. A few comments are therefore required.

Much of Dr. Trumpp's Memo contains matter which was very well known before, and this portion of course requires no remark. Some space is also devoted to the discussion of the Hindoo Sindhee, but Dr. Trumpp states that the great majority of the population being Mahommedan a character is required which Mussulmans will read and as this is the point he has principally addressed himself to, that portion of his Memo relating to the Hindoo Sindhee may also be passed over though the very slighting way in which he speaks of the labors of the late Captain Stack would otherwise dispose me to enter more into details regarding this branch of the subject.

ايلس جي رپورٽ جو پهريون صفحو

character further remarks are unnecessary.

Hindostanee symbols may be adopted where

1st None already exist in the character which has been in use for centuries.

2nd Where they will suffice for the Sindee sounds.

If both these conditions be not fulfilled, the adoption of Hindustanee would be useless and confusing? In the case of ڙ and ڏ a preference may be given to the Hindustanee over a new and arbitrary character (like the ڊ) but with respect to all other letters I confess I cannot see grounds for the abolition of the old Sindhee characters universally recognized or for displacing those letters which have now for some time past been in use in the publication of books and in other ways.

(Sd) R. H. Ellis
Assist Commissioner
Sind.

January 8th
1855.

ايلس جي رپورٽ جو آخري صفحو

خوشنويس مجيو وڃي ٿو. (٣). پر اهو مڃڻ ان ڪري مشڪل آهي جو ان بابت جيڪي مثال ظاهر ٿيا آهن اهي ان گمان کي رد ڪن ٿا. بلڪ علامہ ابوالفضل پڻ سورهين صدي ڌاري ان بيان سان متفق ڪونہ ٿيو هيو.

ترڪيءَ ۾ اسان پڪ سان اهو معلوم ڪيو آهي تہ خطاط علي بيگ دوست خدا (٨٢٥ هجري وارو) يحيٰ بيگ علي بيگ علي ڪلب علي (٨٢٠ هجري وارو). اڪرم حقي افندي، خطاط محمد محي الدين وغيره وغيره نستعليق استعمال ڪندا رهيا آهن ۽ انهن مان ڪي علي تبريزيءَ کان اڳاٽا آهن.

ترڪيءَ جا ٻيا خطاط، جيڪي علي تبريزيءَ جا همعصر هئا يا ڪانئس ٿورو پوءِ آيا. سي هيا اسدالله ڪرماني، محمد بن فرامرز جيڪو ملا خسرو طور مشهور آهي (١٤٧٢ کان ١٤٨٠ وارو) ۽ غياث المجلدو اصفهاني (١٤٧٥ وارو)، جيڪي نستعليق خط جا قابل خطاط هئا. هندستان ۾ سڀ کان اڳاٽو لڌل خالص نستعليق جو نمونو سنہ ٩٢٨ هجري يا ١٥٢١ عيسوي جو آهي. پاڪستان جي قومي عجائب گهر ۾ رکيل هڪ ٻيو سهڻو نستعليق جو نمونو موجود آهي، جنهن جي تاريخ ٩٣٨ هجري مطابق ٣٢ - ١٥٣١ عيسوي آهي(٥)

اها هڪ عجيب حقيقت آهي تہ خطاطن عام طرح قرآني آيتن لکڻ وقت نستعليق جي استعمال کان پاسو ڪيو. مگر اها رسم الخط فارسي نثر ۽ نظم لاءِ پسند ڪئي ويئي. اهو خصوصن اوائلي يادگارن جهڙوڪ مسجدن، مقبرن ۽ قبرن جي مٿان لکيل ڪتبن ۾ استعمال ڪيو ويو. ان جي مقابلي ۾ قلمي نسخن ۾ قرآني آيتن ۾ خط نستعليق جو استعمال پوري اسلامي دنيا ۾ ڪجهہ اڳاٽو سمجهيو پئي ويو. مثال طور اسان وٽ خوشنويس فقير مير امداد الحسني (جيڪو ١٠٢٤ هجريءَ ۾ شهيد ٿي ويو هو) جو سورة فاتحہ جو هڪ نسخو آهي. خيال آهي تہ مڪليءَ ۾ اوائل ۾ قرآني آيتن کي نستعليق ۾ لکڻ جو رواج خوشنويس درويش علي جو وڌل هيو ۽ ان جو سال ١١١١ هجري آهي(٦)

مڪليءَ جي اٿاهہ زبون ٿيل علائقي ۾ خوش خطيءَ واري هنر جا ڪئين شاهي ٽڪرا جڙيل آهن ۽ ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ اهي اسان جي ميتن کي دفنائڻ جي طريقن خواهہ قبرسازي جي هنر، پٿرن کي گهڙي انهن جي بناوٽ کي سينگارڻ، خوش خطي ۽ ٻين انيڪ ڪتبن ناهڻ جي عڪاسي ڪن ٿا.

درويش عليءَ جو ذڪر ڪيل سوره فاتحہ جو لکيل نستعليق ڪتبو بلاشڪ هڪ يادگار هيو، جيڪو خوشنويسيءَ جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪوشش جي هڪ عظيم شروعات جي عڪاسي ڪري ٿو. پر مذڪوره قبرن اسان جي ان روايت (جيڪا قبرن تي تاريخي نشان ۽ يادگار لکي ڇڏڻ واري آهي) ۾ هڪ ٻيو باب کولڻ ۾ رهنمائي ڪئي آهي.

تاريخي بيان ان جي نشاندهي ڪن ٿا تہ شيخ محمد خوشنويس نسخ، ثلث ۽ نستعليق ۾ هڪ جهڙي ئي قابليت رکندو هيو. جنهن ڪري هن کي معتبر طبقي وارا ماڻهو ٻنسبت ٻين جي زياده سڏائيندا هئا(٧). ديوان شرفا خان جي قبر تي لکيل سندس ڪتبي ۽ مرزا عيسيٰ جي مقبري تي ڪيل سندس ڪم مشهور آهي، مگر ڪو بہ نستعليق خط وارو نمونو هن جي نالي سان منسوب ناهي. انهن قبرن وارو مجموعو جيڪو قبول شاهہ بخاريءَ جي ايوان ۾ آهي، اهو ٿي سگهي ٿو تہ شيخ محمد جو ئي جوڙيل هجي، جو تہ سمورا ڪتبا هڪ ئي جوڙ جا ڏسجن ٿا. ان سبب جي ڪري جو اهي همعصر هيا ۽ پڻ ان شاعر سان سندن گهرو تعلق هيو جنهن ٻن قبرن جون تاريخون لکيون ۽ اهو شعر لکيو. انهن قبرن مان هڪڙيءَ تي خوشنويس شيخ محمد جي صحيح ٿيل آهي ۽ ٻيءَ تي قرآني آيت شريف نستعليق نموني وارن اکرن ۾ اڪريل هئي. هيءَ نستعليق اسان کي ان روان هٿ جي سهڻي نموني کي سجاڻائي ٿي جنهن جي پڪ آهي تہ اهو ساڳيو روايتي ڍول آهي جيڪو هتي ان وقت کان رائج ٿيو جڏهن اڪبر اعظم حڪومت جي پونياڙي واري زماني ۾ سنڌ کي فتح ڪيو.

ڪندو هيو. اڄ تائين اهو گمان هيو تہ قرآن ڪريم جي آيتن لکڻ لاءِ مڪلي تي پهريون ڀيرو خط نستعليق ارڙهين صدي، ۾ استعمال هيٺ آيو. پر هاڻي هيءَ حقيقت سامهون آئي تہ نستعليق ۾ قرآني آيتون ان کان گهڻو اڳ لکڻ جو رواج هيو. موجوده مثال پراڻي معلوم تاريخ کان ٨٧ سال پراڻو آهي. اهڙي طرح نستعليق جي رواج ۾ اچڻ ۽ ان جي استعمال جي تاريخ جي مطالعي جو هڪ نئون نقطو ظاهر ٿئي ٿو. ان کان علاوه هڪ ٽيڻ جوڳو نئون نالو ظاهر ٿئي ٿو، جيڪو ٺٽي جي خطاطن جي ننڍڙي فهرست ۾ هڪ واڌارو ڪري ٿو.

حوالا

(١) "مڪلي نامو"؛ پير حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد

ايم.اي. غفور: "ٺٽي جا خطاط" ١٩٧٨ع، ڊاڪٽر ائنيمري شمل، "مڪلي ٽڪري"، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ائنڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز، ڪراچي يونيورسٽي.

(٢) مڪليءَ واري سر زمين جي وچان ڪراچي - حيدرآباد شاهراهہ لنگهي ٿو، جنهن جو اتريون پاڳو پاڪستان جو آثار قديمہ کاتو سنڀالي ٿو. ڏاکڻيون پاڳو جيئن تہ ڪنهن جي بہ قانوني قبضي هيٺ ڪونہ آهي، ڪنهن جي بہ منظور ٿيل سنڀال هيٺ ڪونہ آهي.

(٣) ڪُليات خواجہ ڪرماني، جنهن کي مير علي تبريزي نستعليق ۾ (٧٩٨ کان ١٣٩٥ تائين واري زماني ۾ موجود) بغداد جي دربار واسطي نقش ڪيو (حوالو "انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام" جلد ٣ ليڊن ١٩٩٠ صفحو ١١٢٧)

(٤) موجود مواد ابوالفضل جي نقطي جي تصديق ڪري ٿو. هن جي اصل لکيل ڪتاب جي تاريخ ٧ کان ١٣ صدي واري زماني جي آهي، جنهن جو حوالو انسائيڪلوپيڊيا جي صفحي ١١٢٤ تي آهي.

(٥) ايم.اي. غفور جو لکيل ڪتاب "ٺٽي جا خطاط" صفحا ٦٣، ٦٤ ۽ ٦٦.

(٦) "مقالات الشعراءِ" صفحا ٤١، ٤٩ ۽ ٦٠.



ناسف علي شيراز

# فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما

انگريزن جي حڪومت کان اڳ واري دؤر ۾ سنڌ جي سرڪاري زبان فارسي هئي. ان ڪري حڪومت جي لکپڙهہ بہ فارسيءَ ۾ ٿيندي هئي. مدرسن ۾ عربيءَ سان گڏ فارسيءَ جو استعمال عام هو. اهو ئي سبب آهي جو اسان کي ان دؤر جي سنڌي عالمن جي لکيل ڪتابن جا ذخيرا زياده تر فارسي (۽ پڻ عربي) زبان ۾ ملن ٿا. ان دؤر جي ڪيترن ئي سنڌي عالمن فارسي ۽ عربي زبانن جي ڪتابن جا ترجما سنڌي زبان ۾ ڪيا. اهي ترجما ڪجهہ اسان تائين پهتا آهن ۽ ڪجهہ اڃان تائين سنڌ جي ڪن قديم ذاتي ڪتب خانن ۾ موجود آهن. جن تائين رسائي هڪ عام ماڻهو لاءِ ممڪن نہ آهي.

"فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما" جي عنوان هيٺ ٽماهي "مهراڻ" ۾ محترم ڊاڪٽر غلام محمد لاکي (۳/۱۹۹۵ع)، محترم ڊاڪٽر حافظ محمد ادريس السنڌي (۲/۱۹۹٦ع) ۽ محترم محمد پنهل ڏهر (۳-۴/۱۹۹۷ع) جا مقالا ڇپيا. اصل ۾ مٿئين موضوع جو محرڪ اختر "راهي" صاحب جو ڪتاب "ترجمہ متون فارسي بہ زبانهائي پاڪستاني" (۱۹۸٦ع) آهي. جنهن ۾ ۳٦ اهڙن سنڌي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪي فارسي تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهن.

اختر "راهي" جي ڪتاب جي شايع ٿيڻ کان پوءِ اول محترم ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ان موضوع تي قلم کڻي وڌيڪ ۸۲ ترجمن کي نروار ڪيائين. لاکي صاحب جي مقالي شايع ٿيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر السنڌيءَ وڌيڪ ۱۱۸ ترجمن جي نشاندهي ڪئي. ساڳيءَ طرح ڏهر صاحب بہ وڌيڪ ۷۷ ترجمن متعلق ڄاڻ ڏني. هيءَ مقالو بہ انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي.

محترم محمد پنهل ڏهر پنهنجي مقالي ۾ لکيو تہ "اڃا بہ انهيءَ ميدان ۾ تحقيق ڪرڻ جي ڪافي گنجائش موجود آهي. اميد تہ ڪي جاکوڙي جوان اهو تحقيقي سلسلو جاري رکندا". مون بہ پنهنجي "عاجزانہ" حال آهر انهي تحقيقي سلسلي ۾ دلچسپي ورتي ۽ جيڪي ترجما معلوم ٿي سگهيا، سي پيش ڪيا اٿم. هن مقالي جي سنآءَ بہ ساڳي اڳين مقالن جهڙي قائم رکي ويئي آهي. تاري جو نشان اصل فارسي ڪتاب لاءِ ۽ جريان نمبر ترجمي لاءِ ڏنل آهي. ڪوشش ڪئي اٿم تہ ڪتابن جي مصنفن جي ڄم ۽ وفات جا سال صحيح هجن. پر ڪٿي غلطيءَ جو امڪان بہ ٿي سگهي ٿو. جنهن لاءِ معذرت ٿو گهران. ان سلسلي ۾ اهو بہ ذهن ۾ رهي تہ گذريل ويهارو کن سالن کان وٽي مستقل طور تي آمريڪا ۾ رهڻ ڪري، سنڌ جي علمي مرڪزن ۾ ڇپجندڙ ڪتابن جي مون تائين رسائي جي سهوليت آساني سان سمجهي سگهجي ٿي. ان سلسلي جا ڪافي ڪتاب برٽش لئبريءَ جي ڪيٽلاگ تان ورتل آهن. بهرحال جيڪي ڪجهہ معلوم ٿي سگهيو آهي، سو پيش ڪيو اٿم.

## فارسي سنڌي ڪتاب

★ آغاز فارسي/ ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي (۱۸۴۴-۱۹۱٦ع)

مترجم: ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي (۱۸۴۴/۱۹۱٦ع)

۱ - ترجمو: آغاز فارسي (فارسي سنڌي ڪتاب). ليٿو. ڪراچي، (۱۸٦۷ع)، ص - ۴۰، نمبر: ۴۹۳۰۱
آغاز فارسي (فارسي سنڌي ڪتاب). ليٿو. ڪراچي، (۱۸٦۹ع)، ص - ۳۴، نمبر: ۴۹۳۰۲
آغاز فارسي (فارسي سنڌي ڪتاب). ليٿو. ڪراچي، (۱۸۷۰ع)، ص - ۴٦، نمبر: ۴۹۳۰۳
آغاز فارسي (فارسي سنڌي ڪتاب). ليٿو. ڪراچي، (۱۸۷۰ع)، ص -۳۸، نمبر: ۴۹۳۰۴
آغاز فارسي (فارسي سنڌي ڪتاب). ليٿو. ڪراچي، (۱۸۷۳ع)، ص - ۴٦، نمبر: ۴۹۳۰۵
آغاز فارسي (فارسي سنڌي ڪتاب). ليٿو. ڪراچي، (۱۸۷٦)، ص - ۴۱، نمبر: ۴۹۳۰٦
آغاز فارسي (فارسي سنڌي ڪتاب). ليٿو. ڪراچي، (۱۸۸۱ع)، ص - ۳۴، نمبر: ۴۹۳۰۷

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري شڪاگو يونيورسٽي.

★ آب حيات: نڪات الادويات / نامعلوم

مترجم: مولوي ميان غلام محمد

۲ – ترجمو: آب حيات: نڪات الادويات، سنڌي ترجمو. سکر نئون، سنڌ: ساڌو مل جشن مل. (۱۸۹۴ع)، ص – ۱۷۲

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (shelfmark:14164.a.8(3) OIOC)

ڪيفيت: (هي ڪتاب طب متعلق آهي. اصل ڪتاب جي مصنف جي خبر پئجي نہ سگهي).

★ اساس المصلي / نامعلوم

مترجم: پسئو.

۳ – ترجمو: اساس المصلي سنڌي ترجمو (تاليف جو سن: ۱۰۶۹ هہ کان پهرين).

ڪيفيت: سنڌي ٻولي ۾ سڀ کان آڳاٽو فارسي – سنڌي ترجمو سنڌي ٻولي جي قديم ذخيري ۾ دستياب ٿيو آهي، جيڪو عزت بن سليمان ۱۰۶۷ – ۱۰۶۹هہ واري عرصي دوران اتاريو. ان ذخيري کي محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪري سن ۱۹۹۳ع ۾ شايع ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب ڪتاب جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ لکيت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اهو سڀ کان وڏو ذخيرو آهي. ان ذخيري ۾ عربي ڪتاب "اساس المصلي" جو سنڌي ترجمو ڏنل آهي، جيڪو سنڌي عالم پسئي جو ڪيل آهيّ. "اساس المصلي" ڪتاب پهرين عربي ۾ هو، پوءِ ان جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو ويو، ان کان پوءِ سنڌي ترجمو ڪيو ويو. (تفصيل لاءِ ڏسو. سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو ذخيرو، ص-۱۷).

★ الارشاد / نامعلوم

مترجم: قاضي فتح محمد.

۴ – ترجمو: ارشاد الصرف، سنڌي ترجمو.

ڪيفيت: "خزينۃ العلوم" جو مولف محمد بخش "واصف" لکي ٿو تہ سنڌي ٻولي ۾ "علم صرف" تي شايد هڪ رسالو لکيل آهي، جيڪو قاضي فتح محمد جو ترجمو ڪيل آهي. مصنف ان کان وڌيڪ تفصيل ناهي لکيو. (خزينۃ العلوم. قلمي، ص – ۳۲۶).

★ انوار سهيلي / ملا ڪمال الدين حسين بن علي واعظ ڪاشفي (وفات: ۵-۱۵۰۴ع / ۹۱۰هہ)

انوار سهيلي ملا ڪمال الدين حسين بن علي واعظ ڪاشفي جو شهرت يافتہ ڪتاب آهي، جنهن جا دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجما ٿيا آهن. انوار سهيليءَ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ترجمو "گلزار چنبيلي" جي نالي سان محمد بخش واصف جو ڪيل آهي. هي ترجمو انوار سهيليءَ جي اڌ ڪتاب جو آهي جيڪو ليٿو ۾ سن ۱۹۱۱ع ۾ شايع ٿيو (۱). ان کان پوءِ آر . ايچ . احمد وارن ان جا ڪيترائي ڇاپا شايع ڪيا آهن، جن جو تفصيل هت ڏنل آهي. انوار سهيليءَ جي هڪ ڇاپي جو ذڪر ڊاڪٽر لاکي صاحب بہ ڪيو آهي (۲) ۽ هڪ ترجمي جو تفصيل ڊاڪٽر محمد ادريس ڏنو آهي (۳).

مترجم: محمد بخش واصف (۱۸۹۲-۱۹۵۲ع)

۵ – ترجمو: گلزار چنبيلي . ليٿو. ڇاپو پهريون (۱۹۱۱ع)، ص -؟

: گلزار چنبيلي . ڇاپو ٻيو . حيدرآباد، سنڌ: آر . ايچ . احمد اينڊ برادرس، (۱۹۵۵ع)، ص -؟

: گلزار چنبيلي . ڇاپو ٽيون. حيدرآباد، سنڌ: آر . ايچ . احمد اينڊ برادرس، (۱۹۵۵-۶ع)، ص -۲۳۶

حوالو: ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي. ڪتاب نمبر: ۱۶۴۱ / ص-۲۴۸

★ انيس الواعظين / ابوبکر بن علي قريشي سنڌي

مترجم: آخوند منشي عبدالستار

٦ – ترجمو: انيس الواعظين عرف گلزار محمدي. شڪارپور، سنڌ: پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب، (١٨٩٦ع)، ص – ١٢٠
: گلزار محمدي. شڪارپور، سنڌ: پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب، (١٩٢٤ع)، ص-؟
حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ، ڪتاب نمبر: ٤٤٨/ ص ٢١
مترجم: سيد حسين علي شاهه

٧ – ترجمو: رياض الصالحين عرف گلزار محمدي. شڪارپور، سنڌ: هريسنگهه سنس، (١٩٢٧ع) ص -؟
حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ، ڪتاب نمبر: ٩٤/ص- ٤
مترجم: محمود قاسمي.

٨ – ترجمو: انيس الواعظين عرف گلزار محمدي. سکر نئون، سنڌ: هيمنداس تاجر ڪتب، (-- ١٩ع)، ص – ١٢٤
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: Sind.D.415 OIOC)

## ★ املهه ماڻڪ / مختلف فارسي شاعر

"املهه ماڻڪ" مرزا قليچ بيگ جو لکيل ڪتاب آهي، جنهن ۾ فارسي شاعرن جي مثنوين ۽ شعرن جو سنڌي ترجمو ڏنل آهي. املهه ماڻڪ جو ذڪر ڏهر صاحب ڪيو آهي، پر ان جي ڇپجڻ جو سال ۽ هنڌ ناهي ڏنو (٤). هت ان جو تفصيل ڏجي ٿو.
مترجم: مرزا قليچ بيگ (١٨٥٣ – ١٩٢٩ع)

٩ – ترجمو: املهه ماڻڪ. ڪراچي، سنڌ: سنڌي ساهت سوسائٽي، (١٩٢٠ع)، ص – ٢٨٥
املهه ماڻڪ. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ، (١٩٦٨ع)، ص – ٤٤٤
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: SAC.1986.a.35038.OIOC)

## ★ اُستاد فارسي / نامعلوم

مترجم: مولانا الاهي بخش بلوچ (وفات: ١٣٣٨هه)

١٠ – ترجمو: ڪتاب استاد فارسي. نوابشاهه، سنڌ: ڳوٺ دودو ڀڳهيو شاهه پور جهانيان (٢٠٠٠ع)، ص-؟
حوالو: تبصرا: مهراڻ، (١/ ٢٠٠١ع)، سنڌي ادبي بورڊ، ص – ١٨٦

## ★ بهائي عقيدو / بهاءُ الله (١٨١٧ – ١٨٩٢ع)

مترجم: مرزا قليچ بيگ (١٨٥٣ – ١٩٢٩ع)

١١ – ترجمو: اسرار جو خزانو: ست واديون ۽ چار واديون (فارسي تان ترجمو ڪيل). ڇاپو پهريون. (١٩١٦ع)، ص-؟
اسرار جو خزانو: ست واديون ۽ چار واديون (فارسي تان ترجمو ڪيل). ڇاپو ٻيو. ڪراچي، سنڌ: بهائي اسيمبلي طرفان اسفنديار بختيار شايع ڪيو (١٩٢٩ع)، ص -٥٥
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.ss.55.OIOC)

## ★ بهائي تعليم / عبدل بها ابن بهاءُ الله (١٨٤٤ – ١٩٢١ع)

مترجم: مرزا قليچ بيگ (١٨٥٣ – ١٩٢٩ع)

١٢ – ترجمو: بهائي تعليم: يورپين امن ليگ کي خطاب . (عبدل بها جي فارسي ۾ ڪيل تقرير جو سنڌي ترجمو). ڇاپو پهريون.
حيدرآباد سنڌ: ايم.يو.عباسي، ڪراچي بهائي اسپريچيول اسيمبلي، (١٩٢٣ع)، ص-٣٤
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: Sind.B.134.OIOC)

★ بوستان / شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي (وفات: ۱۲۹۲ع / ٦٩١هہ)

بوستان شيخ مصلح الدين شيرازي جو جڳ مشهور ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ جي مدرسن ۾ تعليمي نصاب ۾ پڙهايو ويندو هو. آغا تاج محمد خان جي ڪيل ترجمي جو ذڪر اختر راهي صاحب ڪيو آهي (۵). ان ترجمي جي ٻين ڇاپن جو ذڪر هت ڪجي ٿو.

مترجم: آغا تاج محمد خان (۱۹۰۴ - ۱۹۵۹ع)

۱۳ – ترجمو: بهارستان: حصو پهريون. ڇاپو ٻيو. حيدرآباد. سنڌ: ار. ايچ. احمد اينڊ برادرس. (۱۹۵۳ع). ص-؟

بهارستان: حصو پهريون. ڇاپو ٽيون. حيدرآباد. سنڌ: آر.ايچ. احمد اينڊ برادرس. (۱۹۵۵ع). ص-؟

حوالو: ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي. ڪتاب نمبر: ۹۸۹/ص-۱۵۰

مترجم: علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو (۱۸۹٦/۷ - ۱۹۵۸ع)

۱۴ – ترجمو: روائح بوستان: (تمهيد، تعليقات ۽ ترجمو).

حوالو: ويا سي وينجهار / غلام محمد گرامي. سنڌي ادبي بورڊ. (۱۹۷۷ع). ص-۵

مترجم: مولانا محمد قاسم سومرو

۱۵ – ترجمو: بوستان: (بامحاوره سنڌي ترجمو). ڇاپو پهريون. نوابشاه. سنڌ. روشني پبليڪيشن. (۲۰۰۱ع) ص-؟

حوالو: تبصرا: مهراڻ. (۳ - ۲۰۰۱/۴ع). سنڌي ادبي بورڊ. ص-۱۸۸

★ بيان العارفين: ملفوظات شاه عبدالڪريم / محمد رضا بن عبدالواسع عرف مير دريائي

شاه عبدالڪريم (بلڙي) جي "ملفوظات" بيان العارفين کي محمد رضا بن عبدالواسع عرف مير دريائي سنه ۱۰۳۸هہ ۾ گڏ ڪيو. بيان العارفين جي هڪ ترجمي جو ذڪر اختر راهي ڪيو آهي (٦)، جڏهن ته ڊاڪٽر لاکي صاحب ٻن ترجمن جي ڄاڻ ڏني آهي (۷) ۽ محمد پنهل ڏهر ٽن ترجمن جو ذڪر ڪيو آهي (۸). هت هڪ وڌيڪ ترجمي جو ذڪر ڏنل آهي. ان کان سواءِ عبدالرحمان جي هڪ ٻئي ڇاپي جو تفصيل پڻ شامل آهي. عبدالرحمان جي ترجمي ڪيل بيان العارفين جو قلمي نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرري ۾ موجود آهي، جنهن تي سنه ڪتابت: ۱۷٦۹ع / ۱۱۸۳هہ لکيل آهي (۹). بيان العارفين جو هڪ ٻيو قلمي نسخو پير جهنڊي جي لئبرري ۾ پڻ موجود آهي، جنهن جو ڪاتب محمد سعيد عرف الله رکيو آهي ۽ سنه ڪتابت: ۱۷٦۹ع / ۱۱۸۳هہ لکيل آهي ۽ ان جا ۲۳۹ صفحا آهن (۱۰). بيان العارفين جو ڇپيل ترجمو بمبئي مان سنه ۱۸۷٦ع ۾ شايع ٿيو، جنهن جا ۲۹٦ صفحا آهن.

(نوٽ: سنڌ جي ناميارو عالم ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالغفار سومري، "بيان العارفين" مڪمل ترجمي، تحقيق، تحشيه ۽ تعليقات سان تيار ڪيو، جو سنڌ اوقاف کاتي ۽ علامه آءِ. آءِ. قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد تازو پڌرو ڪيو آهي.

اداره مهراڻ)

مترجم: ميان عبدالرحمان بن محمد ملوڪ. ڪاٺ ٻانيڻ (ڪڇ ڀڄ جو رهاڪو).

۱٦ – ترجمو: بيان العارفين: منظوم سنڌي ترجمو (قلمي). تاليف جو سال (۱۲۰۰ هجري).

حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ: سنڌي عالمن جو قلمي ذخيرو. ۱۹۷۱ع. ڪتاب نمبر ۳/ص-۳

: بيان العارفين: سنڌي رسالو. شاه عبدالڪريم بلڙي واري جو. ڇاپو: ؟. سکر. سنڌ: هريسنگهه پينشنر. (۱۹۰۹ع). ص - ۲۴۸

حوالو: برٽش لئبرريءَ آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.a.34 OIOC)

مترجم: نواب خداداد ثاني (۱۸۸٦ - ۱۹۴۸ع).

۲۳ – ترجمو: سنڌي ڪريما. ڪراچي، (١٨٧٥ع)، ص-٦٩

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري، شڪاگو يونيورسٽي. ڪتاب نمبر: ٦٩٤٨١

★ جم جم سلطان / نامعلوم

قصه جم جم سلطان جي ٻن ترجمن جو ذڪر ڊاڪٽر محمد ادريس ڪيو آهي (١٤) ۽ ٽن ترجمن جو ذڪر محمد پنهل ڏهر صاحب ڪيو آهي (١٥). قاضي فتح محمد جي ترجمي جي هڪ ٻئي ڇاپي جو تفصيل هت ڏنل آهي. ان ڇاپي سان گڏ ٻه ٻيا ڪتاب (مجموعه ڪافين جو ۽ مجموعه مولود) پڻ شامل آهن.

مترجم: فتح محمد.

۲۴ – ترجمو: جم جم جو قصو. ليٿو. بمبئي، انڊيا، (١٨٧٢ع)، ص-١١٢

حوالو: آن لائين ڪيٽلاگ. انڊيا آفيس لئبرري: شڪاگو يونيورسٽي نمبر: ٤٩٣٨٠

مترجم: مرزا قليچ بيگ (١٨٥٣ - ١٩٢٩ع)

۲۵ – ترجمو: جم جم جو قصو.

حوالو: ببليوگرافي آف سنڌ اينڊ بلوچستان/ بليموريا. ڪراچي، ١٩٢٩ع.

★ پرشن منشي / گليڊون فرانسس (وفات: ١٨١٣ع)

مترجم: منشي غلام محمد ۽ ليفٽيننٽ اي. پي. آرٿر

۲۶ – ترجمو: دوساپائي جي جملن ۽ گليڊون جي پرشن منشي مان پنجاهه آکاڻين جو سنڌي ترجمو. ڪراچي، (١٨٥٣ع).

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 12940.H.OIOC)

★ جنم ساکي: سکن جي ڏهن گروئن جي / نامعلوم

مترجم: چينمل ڪيالداس ممتاڻي.

۲۷ – ترجمو: جنم ساکي ڏهن پاتشاهن جي (اردو ۽ فارسي ڪتابن تان ترجمو ڪيل).

سکر نئون، سنڌ: هري سنگهه تاجر ڪتب (١٩١٥ع)، ص-٩٦، ٤

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.57(2) OIOC)

★ چهل حديث / مولوي عبدالرحمان جامي (١٤١٤ - ١٤٩٢ع)

مترجم: ميان عبدالڪريم چورائي.

۲۸ – ترجمو: چهل حديث قلمي، (سنڌي منظوم). تاليف جو سن: ١٨٤٨ع / ١٢٦٤ هه. ص-١٢

حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ، سنڌي عالمن جو قلمي ذخيرو. ١٩٧١ع. ڪتاب نمبر: ٤/ص-١٢

مترجم: شيخ قمر الدين.

۲۹ – ترجمو: چهل حديث. حيدرآباد، سنڌ: انجمن اتحاد الشيوخ مٽياري، (١٩٥٦ع)، ص-٢٤

حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ. ١٩٧١ع، ڪتاب نمبر: ٩٢/ص-٤

مترجم: مولوي رشيد احمد.

۳۰ – ترجمو: چهل حديث سکر، سنڌ: مڪتبه شمسيه، (سنه: ؟)، ص-١٢

حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ. ١٩٧١ع، ڪتاب نمبر: ٩٣/ص-٤

مترجم: مولوي عبدالرحمان پنو.

۳۱ – ترجمو: چاليهہ احاديث. سکر، سنڌ: مسلم بک ڊپو، (سنہ: ؟)، ص-۱۲
حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ. ۱۹۷۱ع. ڪتاب نمبر: ۹۱/ص-۴

**★ حڪايات لطيف / شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي (وفات: ۱۲۹۲ع / ۶۹۱ ھ)**

مترجم: اڌارام ڀوڄراج ٻاڪرو.

۳۲ – ترجمو: حڪايات لطيف جي پهرين پنجاهہ آکاڻين ۾ آيل اکرن جي سنڌي ۽ انگريزي ۾ مڪمل فهرست.
سکر، سنڌ. (۱۹۰۵ع)، ص-۳۸
حوالو: ڪيٽلاگ آف انڊيا آفيس لئبرري (واليوم-۲، پارٽ ۶): فارسي ڪتاب، ص-۱۹۴

**★ حاتم طائي / نامعلوم**

قصہ حاتم طائي جي تاليف متعلق ڪا خبر ناهي تہ ڪنهن جو لکيل آهي. سنڌي ٻولي ۾ هن جا ڪافي ترجما ڪيل آهن. ڪي گرمکي خط ۾ لکيل آهن تہ ڪي وري عربي خط ۾. ڪجهہ ترجما سڌو فارسي ڪتاب تان ڪيل آهن تہ ڪي وري حيدر بخش حيدري جي هندي (اردو) ترجمي آرائش محفل تان ڪيل آهن. مخدوم محمد ابراهيم پٽي جو هڪ ترجمو حيدر بخش حيدري جي هندي ترجمي، آرائش محفل، تان ڪيل آهي تہ ٻيو ترجمو ديوناگري خط تان عربي خط ۾ ڪيل آهي. ڏهر صاحب حاتم طائي جي هڪ ترجمي جو ذڪر ڪيو آهي (۱۶). باقي ترجمن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

مترجم: نامعلوم.

۳۳ – ترجمو: قصہ حاتم طائي: باتصوير (فارسي تان سنڌي ترجمو. ڪوجڪي سنڌي خط ۾).
شڪارپور، سنڌ: پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب، (۱۸۹۸ع)، ص-۲۹۴
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.32[2] OIOC)
مترجم: نامعلوم

۳۴ – ترجمو: قصو حاتم طائي: باتصوير (فارسي تان سنڌي ترجمو. گرمکي خط ۾). ڇاپو ڇوٿون.
سکر نئون، سنڌ: هريسنگهہ پبلشر ڪتب خانہ، (۱۹۰۴ع)، ص-۲۴۵
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.46[4] OIOC)
مترجم: نامعلوم.

۳۵ – ترجمو: اصل وڏو قصو حاتم طائي: باتصوير (فارسي تان سنڌي ترجمو. گرمکي خط ۾).
سکر، سنڌ: هريسنگهہ اينڊ سنز، (۱۹۲۳ع)، ص-۳۸۰
برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmrk: 14164.bb.19 OIOC)
مترجم: ميان محمد ابراهيم.

۳۶ – ترجمو: نئون قصو حاتم طائي جو (ميان محمد ابراهيم گرمکي سنڌي خط تان عربي سنڌي خط ۾ تيار ڪيو).
ڪراچي، سنڌ (۱۸۹۴ع)، ص-۲۴۴
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.39[2] OIOC)
ڪيفيت: هي قصو پهرين سنہ ۱۸۹۲ع ۾ گرمکي خط ۾ شايع ٿيو، جيڪو اصل فارسي تان ترجمو ڪيو ويو.
مترجم: مخدوم محمد ابراهيم پٽي (وفات: ۱۲۸۱ ھ - ۱۳۳۱ ھ / ۱۹۱۳ع)

۳۷ – ترجمو: حاتم طائي جو قصو، لاهور، (۱۸۹۳ع)، ص-۲۴۴

★ رومي جو فارسي نظم / مولانا جلال الدين رومي (۱۲۰۷ - ۱۲۷۳ع)
مترجم: پرمانند آڏواڻي (۱۹۰٦ع - - ).

٥٦ - ترجمو: رومي جو روحاني خزانو: مولانا جلال الدين رومي جي فارسي نظم جو سنڌي ترجمو. (۱۹۷۱ع). ص-١٦٤
حوالو: آن لائين ڪيٽلاگ شڪاگو يونيورسٽي. (Call Number: PK2788.6.A3)

★ روشنائي نامہ / حڪيم ابو معين الدين ناصر بن خسرو علوي (وفات: ٤٨١هہ)
مترجم: مرزا قليچ بيگ (۱۸٥۳ - ۱۹۲۹ع).

٥٧ - ترجمو: روشنائي نامو. حيدرآباد سنڌ.
حوالو: ببليوگرافي آف سنڌ اينڊ بلوچستان / بليموريا. ڪراچي. ۱۹۲۹ع. ص-
مترجم: علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو (۱۸۹٦/۷ - ۱۹٥۸ع)

٥٨ - ترجمو: روشنائي نامو. حيدرآباد سنڌ.
حوالو: ويا سي وينجهار / غلام محمد گرامي. سنڌي ادبي بورڊ. ۱۹۷۷ع. ص -٥

★ سچل جو ڪلام (فارسي) / سچل سرمست (۱۷۳۹ - ۱۸۲۹ع)
سچل سرمست سنڌ جو هفت زبان شاعر آهي. سچل جون فارسي مثنويون سنڌ ۾ گهڻو مشهور آهن. انهن مثنوين جو ترجمو عطا محمد حامي ۽ ٻين ڪيو آهي. جن ذڪر ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي ڪيو آهي (٢٦). پنجن مثنوين جي ترجمن جو تفصيل محمد پنهل ڏهر ڏنو آهي. جيڪي اجا اڻ ڇپيل آهن (٢٧). سچل سرمست جي فارسي ڪلام جي ٻن ترجمن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.
مترجم: ڪلياڻ بولچند آڏواڻي. (۱۹۱۱ - ۱۹۹٤ع) ۽ موتي لال جوتواڻي. (۱۹۳٦ع - -).

٥٩ - ترجمو: سچل سرمست جو چونڊ ڪلام (سنڌي ترجمو). ڇاپو پهريون. نئين دهلي. انڊيا: ساهتيہ اڪيڊمي. (۱۹۷۰ع). ص- ١٦٠ (سنڌي اکر ديوناگري لپي ۾ لکيل. ديوناگري لپي ۾ آڻيندڙ: موتي لال جوتواڻي).
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark:SAC.1986.a.14225.OIOC)
مترجم: عطا محمد حامي. (۱۹۱۹ - ۱۹۸۲ع).

٦٠ - ترجمو: سچل سرمست. ڇاپو پهريون. ڪراچي. سنڌ: پاڪستان پبليڪيشنس. ڪراچي. (۱۹٦٤ع). ص-٢٠٢
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark:SAC.1986.a6841.OIOC)
ڪيفيت: (نئين زندگيءَ ۾ ڇپيل سچل سرمست تي چونڊ مضمون ۽ پنجن فارسي مثنوين جو سنڌي ترجمو).

★ سالنامو فارسي / مير سيد علي رضوي
مترجم: سيد تراب علي شاهہ (وفات: ۱۳٥٥هہ).

٦١ - ترجمو: سالنامو. سنڌي ترجمو.
حوالو: مرتضائي ٽنڊي جون ادبي خدمتون / ڊاڪٽر ديدار حسين شاهہ. مهراڻ ۳-٤/۱۹۹۸ع. ص-١٥٣
ڪيفيت: (هي سالنامو مرتضائيءَ جي قلمي ڪتاب نجات القلوب ۾ لکيل آهي. جيڪو هر سال محرم جي ڏهين تاريخ ٽنڊي جي امام بارگاهہ ۾ پڙهيو ويندو آهي).

★ سفر نامو / حڪيم ابو معين حميد الدين ناصر بن خسرو علوي (وفات: ٤٨١ هہ)
مترجم: علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو (۱۸۹٦/۷ - ۱۹٥۸ع)

٦٢ – ترجمو: سعرنامو: (تمهيد. تعليقات ۽ ترجمو).
حوالو: ويا سي وينجهار / غلام محمد گرامي. سنڌي ادبي بورڊ. ١٩٧٧ع. ص-٥

## ★ سڪندر نامہ / نظامي گنجوي (١١٤٠ - ١٢٠٢ع)

سڪندرنامہ نظامي گنجويءَ جي مشهور مثنوي آهي. هن مثنويءَ جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽي ترجما ٿيل آهن. پهريون ترجمو غلام محمد نظاماڻي جو. ٻيو ترجمو گل محمد رند جو. ۽ ٽيون ترجمو مرتضائي ٺٽويءَ جو ڪيل آهي. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي. مرتضائيءَ جي ترجمي جي هڪ ڇاپي جو تفصيل ڏنو آهي (٢٨). هن ترجمي جي ٻئي ڇاپي جو تفصيل هيٺ ڏنل آهي. لاکي صاحب. غلام محمد خانزئيءَ جي ترجمي جو ذڪر ڪيو آهي. ان ترجمي متعلق وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي (٢٩). ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي. سڪندرنامہ مترجم گل محمد رند جي ترجمي جو ذڪر ڪيو آهي پر ان جي ڇپجڻ جو سال ۽ هنڌ ناهي ڄاڻايو (٣٠). محترم ميمڻ عبدالغفور سنڌي. گل محمد رند جي ترجمي جي ڇپجڻ جو سال. ١٩٠٦ع لکيو آهي (٣١). ٿي سگهي ٿو تہ اهو ترجمو سنہ ١٩٠٦ع ۾ ڇپيو هجي پر ان جو پهريون ڇاپو غلام محمد نظاماڻيءَ واري ترجمي (١٨٨٩ع) کان پوءِ ۽ مرتضائيءَ جي ترجمي (١٨٩٤ع) کان پهرين جو ڇپيل آهي. يعني اهو ترجمو سنہ ١٨٨٩ع کان سنہ ١٨٩٤ع جي وچ واري ڪنهن سال ۾ ڇپيو آهي. جو مرتضائي ٺٽوي ان جو ذڪر پنهنجي ڪيل ترجمي سڪندرنامي ۾ ڪيو آهي (٣٢).

مترجم: سيد غلام مرتضي شاهہ مرتضائي ٺٽوي (١٨٤٣ - ١٩١٠ع)

٦٣ – ترجمو: سڪندر نامو سنڌي. ڇاپو ٻيون. شڪارپور. سنڌ پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب. (١٨٩٨ع). ص-١٩٢
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.40.OIOC)

## ★ سعد حڪايت / سيد عبدالفتاح گلشن آبادي عرف اشرف علي

مترجم: گل محمد خان.

٦٤ – ترجمو: سيد اشرف علي جي سعد حڪايت جي پهرين ڏهن اڪاڻين ۾ آيل ڏکين اکرن جي مڪمل فهرست.
سکر. سنڌ: البرٽ پريس. (١٩٠٣ع). ص-٤١
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 757.cc.38. OIOC)

## ★ سياست نامہ طوسي / حسن ابن علي ابو علي نظام‌الملڪ طوسي (وفات: ٤٨٥ هـ)

مترجم: علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو (١٨٩٦/٧ - ١٩٥٨ع)

٦٥ – ترجمو: سياست نامو: (سنڌي ترجمو).
حوالو: ويا سي وينجهار / غلام محمد گرامي. سنڌي ادبي بورڊ. ١٩٧٧ع. ص-٥

## ★ شهباز نامہ / لال شهباز قلندر

مترجم: مخدوم ميان غوث محمد گوهر.

٦٦ – ترجمو: شهباز نامہ. فارسي ڪلام: سنڌي ترجمو. ڇاپو پهريون. نوشهروفيروز. سنڌ: الڪبير اڪيڊمي. (١٩٩٣ع). ص-١٢٨
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: SAC.1998.a.1560. OIOC)

## ★ شاهہ نامہ / ابو القاسم فردوسي

شاهہ نامہ فردوسيءَ جي رزميہ شاعريءَ جو عمدو مثال آهي. گهڻن ئي ڪوشش ڪئي تہ شاهہ نامي جي طرز تي ڪو

حيدر بخش حيدريءَ واري تزجمي تان ٿيل آهن ۽ ٻئو فارسي واري ترجمي تان ڪيل ناهن. محمد پنهل ڏهر جن ٻن ترجمن جو ذڪر ڪيو آهي سي ٻيئي سيد حيدر بخش حيدريءَ واري ترجمي تان ٿيل آهن(٣٦). محمد پنهل ڏهر سهجرام ٻهلرام جي ٻن ڇاپن جو ذڪر ڪيو آهي. هت انهن جي ٻن وڏيڪ ڇاپن جو ذڪر ڪجي ٿو.

مترجم: سهجرام ٿهلرام ڪوڪرائي ۽ ديارام.

٧١ – ترجمو: سنڌي طوطي نامون. پنجٽيهہ راتيون. دفعو ٻيو. شڪارپور، سنڌ: پوڪرداس ٿانورداس. (١٩١١ع) ص-١٢٨

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انديا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.56 OIOC)

وڏو سنڌي طوطي نامون پنجٽيهہ راتيونٔ. دفعو ٽيون. شڪارپور، سنڌ پوڪرداس ٿانورداس. (١٩٢٦ع)، ص-٩٦

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انديا آفيس لئبرري (Shelfmark: Sind.D.392. OIOC)

ڪيفيت: (حيدر بخش حيدري وفات ١٨٢٨ع جي اردو ڪتاب تان سنڌي ۾ ترجمو. جيڪو اصل فارسي تان ترجمو ٿيو).

مترجم: گل محمد خان.

٧٢ – ترجمو: طوطي نامون. اصل وڏو قصو. ڇٽيهن راتين وارو. دفعو ٻيو. سکر، سنڌ: هري سنگهہ سنس ڪتب خانہ ڇاپخانہ. (١٩٢٦ع)، ص-١٠٧ (محمد خاوند قادري جي فارسي منتخب تان سنڌي ترجمو).

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انديا آفيس لئبرري (Shelfmark: Sind.D.326 OIOC)

## ★ ظفر نامہ / گرو گوبند سنگهہ (١٦٦٦ - ١٧٠٨ع)

مترجم: هشمت سنگهہ ديالداس سپاهيملاڻي

٧٣ – ترجمو: ظفر نامون: گرو گوبند سنگهہ ڏهين جو: (فارسي سان گڏوگڏ سنڌي نرجمو شامل). ڇاپو پهريون. حيدرآباد، سنڌ: هشمت سنگهہ ديالداس سپاهيملاڻي، (١٩١٤ع)، ص-٩٢

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انديا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.58{3}. OIOC)

ڪيفيت: (گرو گوبند سنگهہ جي بادشاهہ اورنگزيب ڏانهن ڪيل خط و ڪتابت جو سنڌي ترجمو).

## ★ عيار دانش / شيخ ابوالفضل علامي (وفات: ١٠١١هہ)

مترجم: علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو (١٨٩٦/٧ - ١٩٨٥ع)

٧٤ – ترجمو: عيار دانش.

حوالو: ويا سي وينجهار / غلام محمد گرامي. سنڌي ادبي بورڊ. ١٩٧٧ع. ص-٥

## ★ عربي ۽ فارسي ڪتاب / نامعلوم

مترجم: آرادين.

٧٥ – ترجمو: نورنامو حضرت رسالت پناهہ جو. (تاليف جو سنہ: ١٠٦٩ کان پهرين).

حوالو: مقدمو: سنڌي ٻولي جو آڳاٽو ذخيرو/ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو. ١٩٩٣ع. ص-١٧

## ★ عقدالجد / شاهہ ولي الله دهلوي (٣/١٧٦٢ - ٣/١٧٠٢ع)

مترجم: غلام حسين جلباڻي (١٩١٤ - - ).

٧٦ – ترجمو: عقدالجد: سنڌي ترجمو. حيدرآباد، سنڌ: شاهہ ولي الله اڪيڊمي. (١٩٦٦ع)، ص-١٢٣

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انديا آفيس لئبرري (Shelfmark: 1986.a.35111 OIOC)

## ★ قصہ اگر گل / نامعلوم

مترجم: جهامنداس.

: سٽر بوستان. بمبئي، انڊيا، (١٨٧٣ع)، ص-٢٧٦، ٢٥٦
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري، شڪاگو يونيورسٽي. نمبر: ٤٩٤٤٣

**★ قطعات ابن يمن / امير فخر الدين محمود (ابن يمن)**

مترجم: علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو (١٨٩٦/٧ - ١٩٥٨ع)

٨١ – ترجمو: قطعات ابن يمن: (منتخابات، تعليقات ۽ ترجمو).

حوالو: ويا سي وينجهار / غلام محمد گرامي. سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٧٧ع، ص-٥

**★ ڪنوز المعارف / نامعلوم**

مترجم: ميان گل محمد هالائي (١٧٨٤ - ١٨٥٦ع)

٨٢ – ترجمو: سنڌي ترجمہ ڪنوز المعارف. اوائل ١٤ صدي جي تاليف، ص - ١٠٣

حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ. سنڌي عالمن جو قلمي ذخيرو. ١٩٧١ع، ڪتاب نمبر: ٢/ص-١٨

**★ ڪيميائي سعادت / ابو حامد محمد ابن محمد امام الغزالي (١٠٥٨ - ١١١١ع)**

ڪيميائي سعادت، امام غزاليءَ جو جڳ مشهور ڪتاب آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن جا ٻہ ترجما مشهور آهن. هڪ مرزا قليچ بيگ جو ٻيو غلام حسين جلباڻيءَ جو. اختر راهي غلام حسين جلباڻيءَ جي ترجمي جي هڪ ڇاپي جو ذڪر ڪيو آهي (٤٠). ان ترجمي جو پهريون ڇاپو سنہ ١٩٦٠ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو سنہ ١٩٧٠ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ وارن شايع ڪيو. غلام محمد لاکي، مرزا قليچ بيگ جي ترجمي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکيو آهي تہ حصو اول سنہ ١٩٨١ع ۾ ۽ حصو ٻيو سنہ ١٩٨٥ع ۾ شايع ٿيو (٤١). اصل ۾ مرزا صاحب جو ترجمو پهريون دفعو سکر مان سنہ ١٩٠٤ع ۾ ۽ ٻيو دفعو سنہ ١٩٢٨ع ۾ شايع ٿيو. محمد ادريس السنڌي ٻن ترجمن جو ذڪر ڪيو آهي (٤٢). مرزا صاحب واري ترجمي جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

مترجم: مرزا قليچ بيگ (١٨٥٣ - ١٩٢٩ع)

٨٣ – ترجمو: ڪيميائي سعادت، ڀاڱو پهريون. سکر، سنڌ: هري سنگهہ تاجر ڪتب، (١٩٠٤ع)، ص-١٣٤
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.a.28(1) OIOC)
ڪيميائي سعادت. سکر، سنڌ. (١٩٢٨ع)، ص-؟
حوالو: انڊيا آفيس لئبرريءَ ۾ موجود سنڌي ڪتابن جو ڪيٽلاگ، هٿ جي لکيل لسٽ. (١٩٨٩ع)، ص-٣٠٠

**★ گلستان / شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي (وفات: ١٢٩٢ع/٦٩١هہ)**

مترجم: جيرام ڪوڏومل.

٨٤ – ترجمو: گلستان يا گلن جي جاءِ: گلستان جو منتخب سنڌي ترجمو. ڇاپو پهريون.
شڪارپور، سنڌ: پوڪرداس ڦانورداس تاجر ڪتب، (١٩٠٨ع)، ص-٤٨
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.a.a.a. OIOC)

**★ گل صنوبر / نامعلوم**

مترجم: چيتانند.

٨٥ – ترجمو: اصل وڏو قصو گل صنوبر جو. ڇاپو ڇوٿون. سکر نئون، سنڌ: هيمنداس اينڊ سنس، (١٩١٥ع)، ص-٨٢
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.b.5 OIOC)
ڪيفيت: (اصل فارسي ڪتاب تان ترجمو ڪيل).

★ گل بڪاولي / عزت الله بنگالي (وفات: ١٧١١ يا ١٧١٢ع) / نهال چند لاهوري

قصہ گل بڪاولي، عزت الله بنگالي جو فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل مشهور قصو آهي. هن قصي جا ڪجهہ ترجما سڌو عزت الله بنگاليءَ جي فارسي ڪتاب تان ڪيل آهن ۽ ڪي ترجما نهال چند لاهوريءَ جي اردو ترجمي تان ورتل آهن. انهن ترجمن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

مترجم: نامعلوم.

٨٦ - ترجمو: قصو گل بڪاولي (گرمکي خط ۾، فارسي تان ترجمو ڪيل). شڪارپور، سنڌ: پوکرداس ٿانورداس تاجر ڪتب (١٩١١ع). ص-٢٤٣

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا لئبرري (Shelfmark: 14164.b.46(4) OIOC)

مترجم: ميان واحد بخش "مشتاق"

٨٧ - ترجمو: قصو تاج الملوڪ ۽ گل بڪاولي. ڇاپو پهريون. (١٨٩٥ع).

قصو تاج الملوڪ ۽ گل بڪاولي. ڇاپو ٽيون. شڪارپور، سنڌ: پوکرداس ٿانورداس، (١٩١٥ع)، ص-١٦٠

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.bb.9 OIOC)

ڪيفيت: (نهال چند لاهوريءَ جي اردو ڪتاب تان ترجمو ڪيل، جيڪو اصل فارسيءَ تان ترجمو ٿيو).

مترجم: احمد خان تگيو جلباڻي بلوچ.

٨٨ - ترجمو: قصو گل بڪاولي نثر. ڇاپو پهريون. (١٨٩٠ع)، ص-؟

قصو گل بڪاولي نثر. ڇاپو ٽيون. سکر، سنڌ: هريسنگهہ پينشنر ڇاپخانہ (١٩٠٦ع)، ص-١٦٩

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.52 OIOC)

اصل وڏو قصو گل بڪاولي ۽ تاج الملوڪ جو. سکر، سنڌ: هريسنگهہ ڪتبخانہ ڇاپخانہ، (١٩٢٧ع) ص-١٥٢

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.46(4) OIOC)

ڪيفيت: (نهال چند لاهوريءَ جي اردو ڪتاب تان ترجمو ڪيل، جيڪو اصل فارسيءَ تان ترجمو ٿيو).

★ منهاج العاشقين / غلام محمد خانزئي

منهاج العاشقين غلام محمد خانزئيءَ جو فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن شاهہ لطيف جي بيتن جا روحاني راز ٻڌايا آهن. اختر راهي منهاج العاشقين مترجم ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ترجمي جو ذڪر ڪيو آهي، پر ان جي ڇپجڻ جو هنڌ ۽ سال ناهي ڄاڻايو (٤٣). محمد پنهل ڏهر ضميمي ۾ ٻڌايو آهي تہ اهو ترجمو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب رسالو غلام محمد خانزئيءَ جي صفحي ٥٥٩ کان ٥٨٥ تي ڇپيل آهي (٤٤). ڊاڪٽر دائودپوٽي جي ڪيل ان ترجمي جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

مترجم: ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو (١٨٩٦/٧ - ١٩٥٨ع)

٨٩ - ترجمو: منهاج العاشقين، سنڌي ترجمو. ڇاپو پهريون. ڪراچي، سنڌ: ايجوڪيشنل پبلشنگ، (١٩٣٤)، ص-٣٢

حوالو: شاهہ لطيف تي ببليوگرافي/ڊاڪٽر در شهوار سيد، ١٩٩٧ع، ص-

منهاج العاشقين، سنڌي ترجمو. ڇاپو ٻيو. ڪراچي، سنڌ: سنڌي ادبي سوسائٽي، (١٩٦٤ع)، ص-٣٢

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: SAC.1986.a.6928 OIOC)

★ مجموعہ ٽي ڪتاب: (نماز فرائض، حيرت الفقہ، سراج البسلام) / نامعلوم

مترجم: جوڙيل، ميان ڏٽي ڏنو شاهہ.

۹۰ – ترجمو: مجموعہ ٽي ڪتاب: نماز فرائض، حيرت الفقہ ۽ سراج السلام جو سنڌي ترجمو.
ڇاپو پهريون. شڪارپور، سنڌ: پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب. (۱۹۱۲ع)، ص-۱۰۴
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: SAC.1998.a.1560. OIOC)

★ مجموعہ ڪتاب: (آمد نامہ، دووايہ، سہ وايہ) / نامعلوم

مترجم: ميان ڏٽي ڏنو شاهہ.

۹۱ – ترجمو: مجموعہ ٽي ڪتاب: آمد نامہ، دووايہ، سہ وايہ جو سنڌي ترجمو.
ڇاپو پهريون. شڪارپور، سنڌ: پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتبہ (سال: ؟)، ص-۶۰
حوالو: سنڌ: اين اينوٽيڊ ببليوگرافي/محمد قاسم سومرو. اسلام آباد، ۱۹۸۱ع، ڪتاب نمبر: ۲۲۹/ص-۷۰

★ مختار نامہ / نامعلوم

مترجم: علي محمد جان.

۹۲ – ترجمو: مختيار نامو: امام حسين جي سائيءَ مختار ۽ يزيد جي وچ ۾ جنگ جو قصو. بمبئي. انڊيا، (۱۸۸۲ع)، ص-۲ ۱
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري، شڪاگو يونيورسٽي. ڪتاب نمبر: ۴۹۴۱۶
ڪيفيت: علي محمد جان جو ڪيل هي ترجمو ڪوجها/ڪوڪڪي سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهي.

★ مفتاح الصلواة / محدث فتح محمد سنڌي برهانپوري

مفتاح الصلواة، محدث فتح محمد سنڌي برهانپوري جو فقہ ۾ لکيل فارسي ڪتاب آهي، جيڪو مصنف ۱۰۶۱ هہ ۾ لکيو. هي ڪتاب سنڌ ۽ هندوستان جي ديني مدرسن ۾ پڙهايو ويندو هو. هن جو منظوم سنڌي ترجمو عبدالصمد جو ڪيل آهي. هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو (۱۰۶۱هہ). سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ موجود آهي (۴۵) ۽ ٻيو قلمي نسخو (۱۰۶۳هہ). سنڌ يونيورسٽي جي لئبرريءَ ۾ موجود آهي (۴۶). هن ڪتاب جو منظوم اردو ترجمو خزانہ حسنات جي نالي سان سيد امام الدين علي دهلوي سنہ ۱۱۸۲هہ ۾ ڪيو (۴۷). ان جو ٻيو اردو ترجمو شاهہ سعيد الدين ڪرنولي مصباح الصلواة جي نالي سان سنہ ۱۲۴۱هہ ۾ ڪيو، جيڪو مطبع رحماني سنہ ۱۲۶۴هہ ۾ شايع ڪيو (۴۸). عبدالصمد جي ڪيل ترجمي جي هڪ ڇاپي جو تفصيل ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي ڏنو آهي (۴۹). ان ترجمي جي ٻين ڇاپن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

مترجم: مخدوم ميان حاجي عبدالصمد.

۹۳ - ترجمو: مفتاح الصلواة سنڌي. بمبئي، انڊيا: سيٺ جمناداس پڳوانداس، (۱۸۸۴ع)، ص-۲۹۲
حوالو: سنڌ جو ديني ادب جو ڪيٽلاگ، ۱۹۷۱ع، ڪتاب نمبر: ۵۱۹ / ص-۲۴
مفتاح الصلواة سنڌي. بمبئي، انڊيا: سيٺ جمناداس پڳوانداس، (۱۸۸۶ع)، ص-۲۹۲
حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ، ۱۹۷۱ع، ڪتاب نمبر: ۲۴۲ / ص-۱۱
مفتاح الصلواة سنڌي. بمبئي، انڊيا: قاضي نور محمد، مطبع ڪريمي، (۱۹۲۷ع)، ص-۲۶۴
حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ، ۱۹۷۱ع، ڪتاب نمبر: ۵۲۰/ص-۲۴

★ مثنوي معنوي / مولانا جلال الدين رومي (۱۲۰۷ - ۱۲۷۳ع)

مترجم: محمد بخش واصف (۱۸۹۲ - ۱۹۵۲ع)

۹۴ – ترجمو: آغاز مثنوي: مولانا رومي جي مثنوي جو منظوم سنڌي ترجمو. (اڻ پورو قلمي نسخو). ص-۴۱
حوالو: محترم عبدالقيوم "صائب" وٽ هن جو قلمي نسخو موجود آهي، جتان راقم پنهنجيءَ لاءِ فوٽو ڪاپي ڪرائي.

★ مثنوي تحفتہ العاشقين / نامعلوم

مترجم: آخوند فقير محمد عاجز (١٨٤٦ - ١٩١٨ع)

٩٥ – ترجمو: مثنوي رحمتہ اللعالمين، مثنوي جو منظوم سنڌي ترجمو. (قلمي).

حوالو: گلشن بهار/آخوند فقير محمد عاجز. سنڌي ادبي بورڊ. ١٩٧١ع. ص-٦

★ مثنوي يوسف زليخا / مولوي عبدالرحمان جامي (١٤١٤ - ١٤٩٢ع)

مثنوي يوسف زليخا، مولوي عبدالرحمان جامي جي مشهور تصنيف آهي. هن مثنويءَ جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻہ ترجما ٿيا آهن. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي مرتضائيءَ جي ترجمي جو ذڪر ڪيو آهي، پر ان متعلق مڪمل تفصيل ناهي ڏنو (٥٠). ان ترجمي جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو. ٻنهي ترجمن جو تفصيل ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي ڏنو آهي، جنهن ۾ غلام الله عباسي جو ترجمو بہ شامل آهي (٥١). ان ترجمي جي هڪ ئي ڇاپي جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

مترجم: غلام الله عباسي.

٩٦ – ترجمو: يوسف زليخا ترجمو سنڌي. مفيد عام پريس، لاهور، (١٩١٠ع). ص-٣٢٠

حوالو: نيشنل ببليوگرافي آف انڊين لٽريچر: ١٩٠١ - ١٩٥٣ع. (NBIL NUMBER: 39575)

مترجم: غلام مرتضي شاھ مرتضائي ٺٽوي (١٨٤٣ - ١٩١٠ع)

٩٧ – ترجمو: سنڌي يوسف زليخا منظوم. ڪراچي، سنڌ: مطبع جليل پريس، (١٨٩٠ع) ص-٦١٦ ۽ ١٠

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.b.24 OIOC)

★ ميزان الطب / حڪيم محمد اڪبر ارزاني (وفات: ١٧٢٢ع / ١١٣٤ ھ)

ميزانَ الطب، حڪيم محمد اڪبر ارزاني جي علم طب جي مشهور تصنيف آهي. هن جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻہ ترجما ٿيا آهن. ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي حڪيم آئل مل نصرپوريءَ جي ترجمي جي ٽن ڇاپن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ لکيو آهي تہ هي ترجمو پهريائين منشي پوڪرداس شڪارپور مان سنہ ١٩٢٨ع ۾ شايع ڪيو (٥٢). اصل ۾ هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنہ ١٨٩٣ع کان پهرين جو ڇپيل آهي جو ان جو ٻيو ڇاپو سنہ ١٨٩٣ع ۾ شايع ٿيو. هن ترجمي جي ٻن وڌيڪ ڇاپن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

مترجم: حڪيم آئل مل نصرپوري.

٩٨ – ترجمو: ميزان الطب، آئل مل. ڇاپو ٻيو. سکر نئون، سنڌ: هريسنگھ ڊينگومل، (١٨٩٣ع)، ص-٢٧٢

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.a.8(2) OIOC)

ميزان الطب. ڇاپو ٻيو. شڪارپور، سنڌ: مولوي محمد عظيم ائنڊ سنس، ص-٢٠٤

حوالو: ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي، ٢ ١٩٧، ڪتاب نمبر - ٣ ١٠، ص-٤٥٣

★ مخزن الاسرار / نظامي گنجوي (١١٤٠ - ١٢٠٢ع)

مترجم: مرزا قليچ بيگ (١٨٥٣ - ١٩٢٩ع)

٩٩ – ترجمو: مخزن الاسرار، سنڌي ترجمو.

حوالو: ببليوگرافي آف سنڌ اينڊ بلوچستان/بليموريا: ڪراچي، ١٩٢٩ع، ص-

★ نحو مير / مير سيد شريف جرجاني (وفات: ٨١٦ ھ)

مترجم: حافظ عبدالرزاق سڪندري.

★ البدايع / شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي (وفات: ١٢٩٢ع / ٦٩١هه)
مترجم: ڈاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي. (١٨٨٤ - ١٩٤٧ع).

۴ – ترجمو: منتخب از ڪتاب البدايع: غزل ١-٦٠. (فارسي متن، مهاڳ، ترجمو ۽ سمجهاڻي). ٻه حصا. ليٿو. ڪراچي، سنڌ: نيشنل ۽ هاشمي پريس. (١٩١٣ع). ص-١٠، ٣٠، ٣٧، ٢٣
حوالو: ڪيٽلاگ آف انڊيا آفيس لئبرري (واليوم-٢، پارٽ-٦): فارسي ڪتاب. ص-٦٠. (٣٧٣٨/٢)

★ بهارستان / مولوي عبدالرحمان جامي (١٤١٤ - ١٤٩٢ع)
مترجم: آر. ڊي. جوشي.

۵ – ترجمو: جامي جو بهارستان (فارسي متن ۽ سمجهاڻي).
حيدرآباد. سنڌ: ڪرائون پبليڪيشن ڪمپني. (١٩٣١ع). ص-١٥، ٧٣
حوالو: ڪيٽلاگ آف انڊيا آفيس لئبرري (واليوم-٢، پارٽ-٦): فارسي ڪتاب. ص-٦٥

★ ديوان حافظ / شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي (وفات: ١٢٩٢ع/٦٩١هه)
مترجم: عبدالرزاق . اي. ميمڻ. (١٨٩٢ - ١٩٦١).

٦ – ترجمو: ديوان حافظ جي رديف دال جي پهرين پنجاهه غزلن جو ترجمو. بمبئي يونيورسٽيءَ جي آرٽس امتحان لاءِ نصاب ۾ داخل. انگريزي ۾ سمجهاڻي. ڪراچي، سنڌ: ڪپور برادرس. (١٩٣٦ع). ص-١٣٧
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14787.h.32.(1) OIOC)

★ سياست نامه طوسي / حسن ابن علي ابو علي نظام الملڪ طوسي (وفات: ۴٨۵ هه)
مترجم: عبدالرزاق. اي. ميمڻ. (١٨٩٢ - ١٩٦١ع).

٧ – ترجمو: نظام الملڪ جو سياست نامون. پهريان ١۵ باب. بمبئي ڪاتي جي تعليمي نصاب لاءِ منظور ڪيل. انگريزي ۾ اختصار. ڪراچي، سنڌ: ڪپور برادرس. (١٩٣٦ع). ٢ حصا. ص-؟
حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14787.h.32.(2) OIOC)

★ شاهه نامه / ابو القاسم حسن فردوسي
مترجم: ڈاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي (١٨٨٤ - ١٩٤٧ع)

٨ – ترجمو: شاهه نامو: ميٽرڪ جي امتحان لاءِ نصاب ۾ داخل. سمجهاڻي سميت. ڪراچي، سنڌ: يونين اسٽيم پريس. (١٩١٢ع). ص-١٩، ٨
حوالو: ڪيٽلاگ آف انڊيا آفيس لئبرري (واليوم-٢، پارٽ-٦): فارسي ڪتاب. ص-۴٧۴
مترجم: ايس. جي. واڌواڻي ۽ ايل. ايس. پنواڻي.

٩ – ترجمو: شاهه نامو: ميٽرڪ جي امتحان لاءِ نصاب ۾ داخل. سمجهاڻي سميت (ٻه حصا). حيدرآباد. سنڌ: پريميئر اسٽيم پريس. (١٩١٢ع). ص-٢٠، ٣۵
حوالو: ڪيٽلاگ آف انڊيا آفيس لئبرري (واليوم-٢، پارٽ-٦): فارسي ڪتاب. ص-۴٧۴

★ طيبات / شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي (وفات: ١٢٩٢ع/ ٦٩١هه)
مترجم: ڈاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي (١٨٨٤ - ١٩٤٧ع)

## (ضميمو ٢)

## فارسي - سنڌي لغتون

١- لغت/مولف: فرهنگ همايوني (قلمي)/عبدالغفور همايوني (١٨٤٤ - ١٩١٦ع)

حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ: سنڌي عالمن جي تصنيفات جو قلمي ذخيرو.

٢- لغت/ مولف: فارسي سنڌي لغت/سيد غلام مرتضيٰ شاهه "مرتضائي" ٺٽوي (١٨٤٣ - ١٩١٠ع)

تاليف جو سنه (١٨٧٥ع/١٢٩٢هه)

حوالو: مرتضائي ٺٽوي جون ادبي خدمتون/ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه. مهراڻ ٣-١٩٩٨/٤ع. ص-١٣٦

ڪيفيت: مرتضائيءَ جي هي قلمي لغت سندس ڪتاب نجات القلوب (قلمي) ۾ لکيل آهي.

٣- لغت/مولف: ڪشف الغمود / فتح محمد هالائي

ڏکين مرڪب فارسي اکرن جي سنڌي ۾ معني. ڪراچي، سنڌ پرنٽنگ پريس

حوالو: مقدمو: جامع سنڌي لغت، (١٩٦٠ع)، ص-١٠

٤- لغت/مولف: مجموعه سه نثر درسي / مولوي ميان عبدالڪريم درس (ابوالڪرم)

ٽي فارسي-سنڌي اکرن جون لغتون. ڪراچي، سنڌ: محمد يوسف ڪتب فروش. (١٨٩٦ع). ص-٦٠

حوالو: آن لائين ڪيٽلاگ، انڊيا آفيس لئبرري، شڪاگو يونيورسٽي، رڪارڊ نمبر: ٤٩٤٠٤

٥- لغت/مصنف: جنس نامه / شاڪر

فارسي-سنڌي لغت، تاليف جو سنه (١٩١٢ع/١٣٣٠هه)

حوالو: خزينة العلوم جلد ١ (ڪتاب جي اندر سلپ تي مٿين معلومات لکيل هئي).

٦- لغت/مصنف: فرهنگ ڪريما / مولانا علي محمد حقاني سومرو (١٩١٨ع)

فارسي ڪتاب پندنامه جي ڏکين لفظن جي لغت سنڌي ۽ اردو ۾. لاڙڪاڻو سنڌ: المحمود اڪيڊمي اشاعت القرآن و الحديث. ص-١٥

حوالو: "ڪريما فارسي جو مطالعو سنڌ ۾" / ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي. مهراڻ ٣-٢٠٠١/٤ع. ص-٩٤

٧- لغت/مصنف: بحرالحڪمت طب / محمد اسماعيل ولد حاجي محمد حسن

سکر، سنڌ: هري سنگهه پينشنر، (١٩٠٥ع)، ص-٣١٦

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.a.35 OIOC)

ڪيفيت: طب جي هن ڪتاب ۾ دوائن جا نالا سنڌي، فارسي، هندي، انگريزي ۽ عربي ۾ ڏنل آهن.

٨- لغت/مصنف: تحفة الادويات سنڌي: فرهنگ جعفري ٤ حصا/حڪيم محمد حسن ولد محمود

ڇاپو پيو. سکر، سنڌ: هري سنگهه پينشنر ڪتبخانه. (١٩٠٥ع)، ص-٣٠٢

حوالو: برٽش لئبرري آن لائين ڪيٽلاگ: انڊيا آفيس لئبرري (Shelfmark: 14164.g.2 OIOC)

ڪيفيت: طب جي هن ڪتاب ۾ دوائن جا نالا سنڌي، فارسي، هندي ۽ عربي ۾ ڏنل آهن.

(٣٣) ترجمہ متون فارسي بہ زبانهائي پاکستاني/ اختر راهي، اسلام آباد، ١٩٨٦ع، ص-٣٦٥
(٣٤) فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما / محمد پنهل ڏهر، مهراڻ، نمبر ٣-١٩٩٧/٤ع، ص-٨١
(٣٥) ايضا.
(٣٦) ايضا. ص-٨٣
(٣٧) ايضا. ص-٨٣
(٣٨) فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما / ڊاڪٽر محمد ادريس السندي، مهراڻ، نمبر ١٩٩٦/٢ع، ص-٦١
(٣٩) ترجمہ متون فارسي بہ زبانهائي پاکستاني/ اختر راهي، اسلام آباد، ١٩٨٦ع، ص-٣٦٥ ۽ ٣٦٦
(٤٠) ايضا. ص-٣٦٦ ۽ ٣٦٧
(٤١) فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما / ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، مهراڻ، نمبر ١٩٩٥/٣ع، ص-٨٢
(٤٢) فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما / ڊاڪٽر محمد ادريس السندي، مهراڻ، نمبر ١٩٩٦/٢ع، ص-٦٢ ۽ ٦٣
(٤٣) ترجمہ متون فارسي بہ زبانهائي پاکستاني/ اختر راهي، اسلام آباد، ١٩٨٦ع، ص-٣٦٨
(٤٤) فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما / محمد پنهل ڏهر، مهراڻ، نمبر ٣-١٩٩٧/٤ع، ص-٨٨
(٤٥) سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ، سنڌي عالمن جو قلمي ذخيرو، ١٩٧١ع، ڪتاب نمبر: ٤/ص-٢
(٤٦) ايضا. ص-٦
(٤٧) ترجمہ متون فارسي بہ زبانهائي پاکستاني / اختر راهي، اسلام آباد، ١٩٨٦ع، ص-٢٤
(٤٨) ايضا.
(٤٩) فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما / ڊاڪٽر محمد ادريس السندي، مهراڻ، نمبر ١٩٩٦/٢ع، ص-٦٨
(٥٠) فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما / ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، مهراڻ، نمبر ١٩٩٥/٣ع، ص-٨٤
(٥١) فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما / ڊاڪٽر محمد ادريس السندي، مهراڻ، نمبر ١٩٩٦/٢ع، ص-٦٦ ۽ ٦٧



سيد عبدالڪريم شاھ عرف ميون شاھ ڪريم (۹۴۴-۱۰۳۳ھ) بن لال محمد عرف لَڏ بن عبدالمنعم بن هاشم بن حاجي بن حلال عرف جراڙ بن شرف الدين بن مير علي سنڌي

(نوٽ: هن شجري ۾ (۱) کان (۱۴) تائين انگن وارا بزرگ، سلسليوار درگاھ ميين شاھ ڪريم جا سجاده نشين آهن.)





ڪاتن جو سيڪريٽري پڻ مقرر ٿيو. سومرو صاحب هن وقت ڪراچيءَ ۾ مرڪزي ملازمت جا فرائض انجام ڏئي رهيو آهي. ملازمت جي دوران پنهنجي مطالعي کي جاري رکندي، ڪراچي يونيورسٽيءَ مان "فلسفي" ۾ بہ ايم.اي ڪري ورتائين. ان کان سواءِ ايل.ايل.بي جي ڊگري بہ حاصل ڪيائين. بعد ۾ انگلينڊ جي ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان ترقياتي اڀياس ۾ ڊپلوما پڻ ڪري آيو. "شاهہ عبداللطيف جو صوفياڻو فڪر ۽ مولانا رومي" جي موضوع تي انگريزيءَ ۾ لکيل سندس ٿيسز تي، سال ١٩٩٨ع ۾ ڪيس سنڌ يونيورسٽي پاران ڊاڪٽريٽ جي ڊگري بہ ملي چڪي آهي. ڀٽ شاهہ تي "ايوان روميءَ" جي رٿا ۽ اڏاوت ۾ سندس ڪردار بنيادي حيثيت رکي ٿو. جڏهن پاڻ ڪمشنر حيدرآباد جي حيثيت ۾ ڀٽشاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ جو چيئرمن هو. سندس ڇپيل ڪتابي اثاثو ڪجهہ هن طرح آهي.
(١) پراسرار ڪائنات (ترجمو، ١٩٧٤ع)، (٢) اسلامي فڪر جي جديد تشڪيل (ترجمو، ١٩٧٨ع)، (٣) فلڪيات (١٩٨٦ع)، (٤) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (انگريزي، ١٩٨٩ع)، (٥) شاهہ عبداللطيف (ترجمو، ١٩٩٣ع)، (٦) بيان العارفين (ترجمو، تحقيق ۽ تشريحي حوالا، ٢٠٠٢ع). ان کان علاوه سومري صاحب جي شاهہ لطيف تي لکيل مذڪوره ٿيسز جي اشاعت جو پڻ علمي دنيا کي انتظار آهي.

**بيان العارفين و تنبيه الغافلين** جا مختلف ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ترجما موجود آهن، جن جو ذڪر اسان مٿي ڪري چڪا آهيون. هن ڪتاب جو جيڪو تازو ترجمو ڇپجي آيو آهي،هيٺ اسين هن دلپذير عالمانہ ايڊيشن جو هڪ عام جائزو ۽ تعارف پيش ڪندا سين. ڪتاب جو سٽاءُ هن ريت آهي:


تعارف– از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
مهاڳ ۽ مقدمو مترجم ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو
ديباچو مصنف محمد رضا
فصل (١) پيري مريدي ۽ تاريخ ولادت
فصل (٢) شاهہ ڪريم جو مرتبو ۽ مقام
باب پهريون– حق جي ذڪر ۽طلب ۽ ورد وظيفن جي بيان ۾
فصل (١) حق جو ذڪر ۽ اُن جي سمجهاڻي
فصل (٢) ورد وظيفا، نفل، نمازون وغيره
باب ٻيون– سوال ۽ جواب
باب ٽيون– حلم، تواضع، مجاهدي ۽ سخاوت جي بيان ۾
فصل (١) حلم، تواضع ۽ مجاهدي جي بيان ۾
فصل (٢) خدمت ۽ سخاوت جي بيان ۾
باب چوٿون– محبت، شوق، وجد ۽ سماع جي بيان ۾
فصل (١) محبت ۽ شوق جي بيان ۾
فصل (٢) سماع ۽ وجد جي بيان ۾
باب پنجون– توحيد ۽ اُن جي سمجهاڻي
باب ڇهون– نبين، ولين ۽ بزرگن جون حڪايتون
فصل (١) نبين سڳورن جون حڪايتون ۽ آخرت جو احوال
فصل (٢) اڳين بزرگن ۽ ولين جون حڪايتون
فصل (٣) سنڌ جي اوليائن جون حڪايتون
باب ستون– تصرفاتن جي بيان ۾

## آمير النساء مگسي

# ميانوال طريقت ۾ ”آزي“ جي اهميت

”آزي“ لفظ، جيڪو اصل ’عاجزي‘ مان نڪتل آهي ۽ وقت جي گذرڻ سبب پنهنجي ”ج“ حرف کي حذف ڪندي ”عازي“/”آزي“ ٿي ويو آهي، سو ”ميانوال تحريڪ“ يا ”ميانوال طريقت“ سان واسطو رکندڙ ’فقيرن‘ جي هڪ ”مخصوص دعا“ جو نالو آهي، جنهن ۾ خدا، اُن جي رسول مقبول ﷺ ۽ پنجتن پاڪ جي اڳيان آزي نيزاري ڪرڻ، عاجزي ۽ انڪساري ڪرڻ، پنهنجن بزرگن، ولين ۽ شهيدن کي ياد ڪرڻ ۽ پڻ پنهنجن وطني ماڻهن يعني سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙ پائرن جي خوشحالي ۽ ملڪ جي سکئي ستابي هئڻ لاءِ دعا آهي. ( ”آزي- نيزاري“ جي حوالي سان، اُن کي ”الف“ سان لکڻ مناسب ٿو نظر اچي.)

سنڌ ۾ ”ميانوال تحريڪ“ عظيم وطن دوست سنڌي سپوت ميان آدم شاهه ڪلهوڙي کان شروع ٿئي ٿي. ميان آدم شاهه ڪلهوڙي روحانيت ۽ سياست کي گڏ هلائڻ لاءِ ”ميانوال طريقت“ جو بنياد رکيو، جنهن جا ڪارڪن هاري طبقي سان وابسته هئا ۽ جن پاڻ کي ”فقير“ سڏرايو. جڏهن ”فقيرن“ جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو ٿي ويو ۽ گذرمعاش واسطي اُنهن کي زمين جي گهرج پوندي ٿي وئي، تنهن کي هٿ ڪرڻ واسطي خالي پيل زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ ميان آدم شاهه اڳتي قدم وڌايو. جنهن جي نتيجي ۾ ميان صاحب ۽ سندس ”فقيرن“ جي وڌندڙ مقبوليت ۽ مڃتا کي ڏسندي پروارن زميندارن ۾ خوف ۽ خطرو پيدا ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري عوام دشمن زميندار مغلن جي نائب (ملتان جي گورنر) سان سازباز ٿي سازش ڪري ميان آدم شاهه جي وڌندڙ طاقت (”ميانوال تحريڪ“ يا ”هاري تحريڪ“) کي روڪڻ لاءِ دستوري حربا استعمال ڪرڻ لڳا. نتيجي ۾ ملتان جي سنڌ دشمن مغليه گورنر ڊل نه ڏيڻ کي موضوع (بهانو) بنائي زميندارن جي سازش ۽ چُغلين تي ميان آدم شاهه کي قيد ڪرائي ملتان آندو. ان قدم سان تحريڪ کي هيڪاري اُتساهه مليو. ان طرح نه صرف ڪيترائي بلوچ قبيلا ڏينهون ڏينهن اُن ۾ شموليت اختيار ڪرڻ لڳا، پر سماٽ قبيلا پڻ وڏي تعداد ۾ تحريڪ ۾ داخل ٿيڻ شروع ٿيا ۽ هيءَ تحريڪ سنڌ ليول تي وڏيڪ مقبوليت حاصل ڪرڻ لڳي. ان عوامي مڃتا کان خائف ٿي هن تحريڪ جي سرواڻ ميان آدم شاهه ڪلهوڙي کي ملتان جي گورنر (مغلن جي نواب) ڦاسي جي سزا ڏني. سندس لاش کي سکر ۾ آڻي هڪ ٽڪريءَ تي دفن ڪيو ويو، جنهن کي ”آدم شاهه جي ٽڪري“ سڏيو وڃي ٿو، جتي مٿس هڪ عاليشان مقبرو اڏيل آهي.



مقبرو ميان آدم شاهه ڪلهوڙو

ميان آدم شاهه کان پوءِ سندس پٽ ميان محمد دائود ۽ ميان محمد ابراهيم ناتجربيڪاريءَ جي ڪري ”فقيرن“ کي پوريءَ طرح سنڀالي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته جڏهن ميان آدم شاهه کي ڦاسي ڏني ويئي، تڏهن اُهي ٻئي پائر ننڍا هئا. ڪانئن پوءِ جڏهن قيادت ميان الياس محمد بن ميان محمد دائود جي هٿ هيٺ آئي ته اُها وري منظم ٿيڻ لڳي. ميان الياس محمد

جي وقت کان نمودار ٿيا ۽ پوءِ "آزي" جي متن ۾ به واڌارو آيو. پنجتن پاڪ جو ذڪر آندو ويو، جنهن ڪري الله ۽ اُن جي رسول ﷺ کان پوءِ پنجتن پاڪ جو ذڪر اچي وڃي ٿو، جنهن کان پوءِ ولين، بزرگن ۽ شهيدن جو ذڪر اِن طرح اچي ٿو.



مياں نصيرمحمد جي تعمير ڪرايل مسجد (ڳاڙهي)

صوفي شهيد ميان آدم شاهه جي،
صدقي ميان شاهل محمد جي،
صدقي ميان دين محمد جي،
صديق ميان نصير محمد جي،
صدقي ميان يارمحمد جي،
ميان نورمحمد،
ميان غلام شاهه،
ميان سرفراز،
ميان غلام نبي،
ميان عبدالنبي شاهه جي!

جڏهن ولين، بزرگن ۽ شهيدن جو ذڪر ۽ تحريڪ جي سرواڻن (ڪلهوڙا خاندان) جو ذڪر اچي ٿو ته "شهيدن" جي رتبي کي مٿانهون تصور ڪندي اُنهن جو ذڪر "پهرين" اچي ٿو. خود قرآن پاڪ ۾ پڻ بيان ٿيل آهي ته شهيدن جو رتبو اعليٰ آهي، ۽ شهيد مرندا نه آهن بلڪه زنده هوندا آهن. انهيءَ ڪري "آزي" ۾ سڀ کان اول ڪلهوڙا خاندان جي شهيد اول ۽ مياڻوال تحريڪ توڙي خاندان جي باني ميان آدم شاهه جو ذڪر اچي ٿو. جنهن کان پوءِ ميان شاهل محمد جو ۽ اُن کان پوءِ ميان دين محمد جو رتبو ليکيو وڃي ٿو، جنهن ڪري اُنهن جو ذڪر ميان دائود، ميان ابراهيم، ميان الياس محمد ۽ ميان نصير محمد کان اڳ ۾ ٿئي ٿو. حالانڪ ميان دين محمد ميان نصير محمد جو پٽ هو ۽ "آزي" جو رواج ميان نصير محمد جي وقت ۾ پيو. ميان نصير محمد کان پوءِ ميان دين محمد ئي پڳ جو ڌڻي ۽ تحريڪ جو سرواڻ ٿيو، ليڪن ميان آدم شاهه، ميان شاهل محمد ۽ ميان دين محمد جو ذڪر سڀ کان اول اچي ٿو. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ميان سرفراز خان ۽ ميان عبدالنبي پڻ شهيد ٿيا، ليڪن اُنهن جو ذڪر عام طرح سان ۽ حاڪمن سان گڏ ٿيو، سو ڇو. تنهن لاءِ هڪ گمان اهو آهي ته اُنهن جي شهادت گهريلو جهڳڙن سبب ٿي ۽ نه ڪي ٻاهرين طاقتن جي ڪري، تنهن ڪري اُنهن جو ذڪر عام رواجي طرح ٻين ميان صاحبان سان گڏ ٿيو آهي.



مياں نصيرمحمد جي 'شادماني' واري جاءِ جو ونگ

اِتي هڪ ٻيو سوال به اُڀري ٿو ته هيءَ "آزي" ميان نصير محمد جي وقت ۾ نهي، جيڪا محدود نالن سان هئڻ کپي. مثلاً، ميان الياس محمد تي جيڪا "آزي" پڙهي ٿي وڃي، اُتي ميان الياس محمد جو نالو ورتو وڃي ٿو يا وري ڳاجي شاهه تي جيڪا "آزي" پڙهي وڃي ٿي، تنهن جا ٻول

## ماخذ


(۱) "تاريخ سنڌ" (ڪلهوڙا دور)، غلام رسول مهر، سنڌي ادبي بورڊ.
(۲) "خدا يارخاني ميان سرفراز خان عباسي"، مرزا عباس علي بيگ، سنڌالاجي.
(۳) "جنت السنڌ"، مولائي شيدائي.
(۴) "تمدن سنڌ"، مولائي شيدائي.
(۵) "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو"، پروفيسر عبدالله مگسي.
(٦) "جان جان هئي جيئري"، پروفيسر عبدالله مگسي.
(۷) "مهدوي تحريڪ ڪان ميانوال تحريڪ تائين"، ڊاڪٽر لياقت مگسي (روزانه "جاڳو")
(۸) "ڳاڙهي: تاريخ جو وسريل ورق"، ڊاڪٽر لياقت مگسي (روزانه "جاڳو").
(۹) "سنڌ جي آزاديءَ جو امام- ميان نصيرمحمد ڪلهوڙو"، محمد ملوڪ لنڊ (ماهور "پورب" ڪراچي)
(۱۰) "سنڌ جي آزاديءَ جو علمبردار- ميان يارمحمد ڪلهوڙو"، ڊاڪٽر لياقت مگسي.
(۱۱) "واليءِ سنڌ- ميان نورمحمد ڪلهوڙو"، مرتب: ڊاڪٽر محمد لائق زرداري.
(۱۲) "تاريخ سنڌ"، (انگريزي ۾) مرزا قليچ بيگ.
(۱۳) "تحفة الڪرام"، قانع.
(۱۴) "لب تاريخ سنڌ"، خداداد خان.


"ڳاڙهي" جي قبرستان ۾ ميان نصيرمحمد جي گهروارين جي مزارن تي لڳل ڪتبا



تاريخ رحلت مرحومه بيبي بهائتي
يڪ هزار و يڪ صد و يارده سال
(۱۱۱۱هه)



تاريخ وفات مرحومه بيبي جادو
يڪ هزار و يڪ صد و چهارده سال
(۱۱۱۴هه)

(تحقيق ۽ تصويرون: ميان اميربخش خان ڪلهوڙو، خانپور)

سائل پيرزادو

# گيت گلن جا هارَ هٿن ۾

## (ميرمحمد پيرزادي جي گيتن جو فني ۽ فڪري جائزو)

انسان جي پيدائشي طور اها فطرت رهي آهي تہ هو يڪسانيت مان بيزار ٿي پوندو آهي ۽ وقت بہ وقت ڪا نئين ڳالهہ. نئون لب لهجو. نئون رشتو ناتو يا نوان نظارا وغيره ڏسڻ جو عادي آهي. شايد انهيءَ جي ان پيدائشي فطرت جي ڪري ئي خدا تعاليٰ هن ڪائنات ۾ نت نت نيون ڳالهيون پيدا ڪيون آهن. جيئن هڪ سال ۾ ڇهن موسمن جو نمونو. انهن موسمن ۾ جهڙن. بادلن. مينهن. مختلف وڻن ۽ ٻوٽن جو ڦوٽهڙو ٿيندو آهي، جنهن سان فضا ۾ نواڻ پيدا ٿيندي آهي. ان ڪان مختلف موسمن جي گلن ۽ ٻوٽن جي نئين سر چاهنا ۽ تازي خواهش پيدا ٿيندي آهي. جيڪو پابند هوندو آهي، سو آزاد تي رشڪ ڪندو آهي، تہ آزاد وري پابند کي خوش سمجهندو آهي. ان ئي طبيعت جي ڪري ڪي ڪي جينيس (عبقري) انسان تخليقڪار بڻجي پوندا آهن، ڇو تہ هو موجوده ماحول مان بيزار ۽ ان ڪان بهتر جي تلاش ۾ هوندي پنهنجي فن رستي ماڻهن جا مزاج پڻ نواڻ پسند بڻائيندا آهن.

ان سڀ جي باوجود جيڪا ڳالهہ يڪسان ۽ هڪجهڙي پسند ڪئي ٿي وڃي ۽ جنهن سان ڪنهن جو بہ اختلاف نٿو ٿي سگهي ۽ جنهن ڪان اڄ ڏينهن تائين بني نوع انسان ڪڏهن بہ بيزار نہ ٿيو آهي، سا آهي "جمالياتي حس يا ڪيفيت" (Aesthatic Sense)، جنهن جي ادراڪ جو ڪنهن ڪنهن کي شعور بہ هوندو آهي، پر ڪي لاشعوري طور بہ ان ۾ محو رهندا آهن ۽ حظ حاصل ڪندا رهندا آهن. اها جمالياتي ڪيفيت يا حس جنهن تي جيتري شدت سان اثرانداز ٿيندي، اوترو اهو ماڻهو حساس ليکيو ويندو. هڪ طرف انسان جو ٿوري ئي "جمالياتي ڪيفيت ڪان شديد متاثر ٿيڻ وارو لاڙو هوندو آهي تہ ٻئي طرف ان جمالياتي ڪيفيت جي ڏاڪي بہ ڏاڪي ترقي ٿيندي آهي ۽ ان جي مٿانهين سطح خودشناسائيءَ ۽ آخرڪار خداشناسائيءَ جي سطح بہ ماڻي ويندي آهي. اهوئي سبب آهي جو تصوف جي پوئلڳن وٽ بہ پهرين منزل "جمالياتي ڪيفيت" ماڻڻ واري هوندي آهي. ۽ آخر ۾ ان سموري جماليات جي ذريعي طور ذات الاهيءَ کي ڄاڻايو ويندو آهي. جنهن جو بنياد قرآن پاڪ جي ان آيت کي بڻايو ويندو آهي تہ: "الله جميل و يحب الجمال" (يعني "الله تعاليٰ حسين آهي ۽ حسن کي پسند ڪري ٿو.") جيئن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت چيو آهي تہ:

سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهہ حسن ريءَ.

ان سونهن جو احساس وجداني بہ آهي تہ مادياتي بہ آهي. خاص طور تي مادياتي احساس. انساني محسوساتي حس رستي پوندو آهي. ۽ وجداني اثر طبيعت جي حساب سان اندر مان جذبن کي ڇيڙي ۽ انسان جي وجداني ڪيفيت جي ترتيب ڪندو آهي. بر ان جي بہ حصول جا رستا سڀ جا سڀ مادياتي ٿيندا آهن. مثلاً: انساني باهمي رشتا ۽ ناتا. ماڻهن جي من جون موسمن آهر پاوناڻون. گلن ڦلن ٻوٽن جي ڦوٽهڙي کي ڏسندي سڪون واري ڪيفيت طاري ٿيڻ وغيره. اهي سڀ ان جمالياتي ڪيفيت کي وجداني طور تي اڀارڻ جا ذريعا آهن. هن سماج ۾ رهندڙ انيڪ انسان پنهنجي پيٽ گذر ۽ ٻين سماجي ضرورتن جي پورائي جي گهاٽي ۾ رات ڏينهن پيڙجي رهيا آهن ۽ هڪ لمحي لاءِ بہ انهن کي ايتري فرصت

گيت جو منفرد رنگ ۽ گهاڙيٽو، جنهن ۾ آهو بيت، وائي، دوهي ۽ ڪافيءَ کان علحده ۽ الڳ ٿلڳ ٿي بيهي ٿو، ان متعلق ڪيتريون ئي وصفون ۽ تفصيل آيل آهن. پر اسان هتي محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي "گيت" متعلق راءِ ڏيڻ ضروري سمجهون ٿا: "جڏهن کان انسانن ۾ پيار جو جذبو پيدا ٿيو ته منجهن محبتن جون پچارون پيون ۽ ورهه وارن وچوڙي ۾ گيت ذريعي پنهنجن جذبن ۽ احساسن جو ذڪر ڪيو. جڏهن مندون موٽيون، واهوندا وريا يا سانوڻ جي ڪنوڻ ٿي ته پرديس ويل سڄڻن جون صحبتون ساري، سڪ مان انهن لاءِ گيت چيائون. جڏهن ڪان شاديون ۽ محفلون شروع ٿيون ته خوشيءَ جا گيت ڳايائون، ته ڪي گيت وري ماحول جي ڪن اهم واقعن ۽ حادثن کان متاثر ٿي جوڙيائون." (لوڪ گيت: مقدمو، ص ١).

"تنڌي ڪند ۾دنيا جي بين سيني ملڪن جي ابتڙ امن ۽ سڪون جي زندگي وڏيڪ بسر پئي ٿي آهي. هتان جي حاڪمن تي ٻين ملڪن جي هاڪارن ضرور حملا پئي ڪيا آهن. پر مقامي ماڻهو پاڻ ۾ عربن جيان رتوڇاڻ ڪري ڪونه وڙهندا هئا ۽ نه ئي يورپ وانگر هتان جي رياستن جي وچ ۾ خوني جنگيون ئي ٿينديون رهيون آهن. نتيجي ۾ هتان جي مفڪرن، جنهن فلسفي جو بنياد وڌو، ان ۾ انساني قتل ته پري رهيو، پر ڪنهن جيت جنٽي ڪي به مارڻ جي سختيءَ سان منع ٿيل هئي. ان اهنسا جي نظريي ايتري ته وسعت اختيار ڪئي، جو مک ۽ مڇر ڪي مارڻ به ڏوهه سڏيو ويو. ظاهر آهي ته جنهن سرزمين تي انساني زندگي اهڙي سڪون ۽ اطمينان جي هندورن ۾ لڏندي رهي هجي، اتي جي رهاڪن جو سمورو ڌيان گهرو ماحول ۽ عورتن جي محبت طرف ضرور راغب رهيو هوندو. راجپوتن ۽ ان قسم جي هڪ ٻن فوجي قبيلن کان سواءِ هندوستان جي وسيع سرزمين جي ٻي انت آبادي سارو ڏينهن نيري اُپ هيٺان عورتن جي مٺڙن گيتن جي گونج ۾ پوک ۽ لابارا ڪندي رهي ۽ سندس راتيون امن ۽ آرام جي فضا ۾ سهاڳڻين جي رسيلين لولين سان مڌر ۽ راحت پريون بڻيون رهيون." (ابوسعيد بزمي "هندي ڪي عشقيه شاعري" نگار لکنو، هندي شاعري نمبر١، صفحو ٦٩).

اهڙي سازگار ماحول ۾ "گيت" کي نپجڻ ۽ پلجڻ جو سؤ سيڪڙو صحيح ماحول مليو. اقتصادي نظامن تحت، مردن جو ديس کان گهڻو دور هليو وڃڻ ۽ پوئتي سندن ونين ۽ سينڌين جا انهن جي سڪ ۽ محبت ۾ ڪيل ورلاپ، جهونگارون، آلاپ، ڪانگن کي ڪرنشون ۽ پکين رستي پيغامن موڪلڻ جا جتن ڪرڻ، هڪ طرف ان مخصوص معاشي جوڙجڪ جو اڻٽٽ حصو هئا ته ٻئي طرف نبل نارين جي سماجي پابندين جي باوجود ناگهاني فطري محبت واري جذبي جي شدت هئي، جيڪا جتي لڙڪن رستي اظهاربي هئي، سڏڪن رستي پاليبي هئي، تڏن ساهن ۽ شوڪارن رستي ظاهر ٿيندي هئي، تِتي ان جو چٽو ۽ کرو اظهار "گيت" جي ئي صورت ۾ ٿي سگهندو هو. ان ڪري گيت جي صنف جي وضاحت ۾ تاج جويي، پنهنجي ايم.اي.سنڌيءَ لاءِ لکيل مونوگراف "سنڌي گيت" جي صفحي ٧ تي لکيو آهي ته: "گيت ۾ نازڪ ۽ نفيس جذبا، منٺي، سپاجهي، سادي ۽ سلوڻيءَ ٻوليءَ ۾ بيان ڪيا ويندا آهن. وچوڙي جا وِدَ، پريٽ لاءِ پڪارون، ساروڻيون ۽ سور، وصل جي اميد، گيت جا اصل عنوان آهن. ٿورن لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته عورت طرفان پنهنجي محبوب جي ياد ۾ اوسيئڙا ڪرڻ، برهه جي باهه ۾ پچڻ، محبوب جي ماٽن ۽ نازن سان گهايل ٿيڻ، محبوب کي ملڻ لاءِ منٿون ۽ آزيون ڪرڻ، سندس ياد کي زندگيءَ جو سرمايو سمجهڻ ۽ اهڙن ٻين جذبن جو منظوم صورت ۾ اظهار ڪرڻ، "گيت" جو پيو نالو آهي."

اهڙيءَ ريت "گيت" بابت جُڙيل راءِ جي پنيرائيءَ ۾محترم رسول بخش پليجي جي راءِ به سند طور پيش ڪري سگهجي ٿي: "جڏهن جڏهن ڪا آس ڪر موڙي اٿي ٿي، ڪو سُور سنگ ڪيي ٿو، ڪا اڪ آلي ٿئي ٿي، تڏهن انسان جي دل ڪجهه چوڻ چاهي ٿي، ڪجهه ڳائڻ چاهي ٿي. انسان جا سڀ کان نرم ۽ سڀ کان نازڪ احساس "گيت" ۾ ئي سمايل آهن." ("اياز جا گيت." ماهنامه "روح رهاڻ"، سيپٽمبر ١٩٦٦ع.)

نکار پاڪستان "جديد اردو شاعري ۾ گيت ڪي روايت" مقالي جي صفحي ٢٦٨-٦٩ تي گيت جي اردو شاعريءَ ۾ داخل ٿيڻ جا سبب ۽ نوس دليل ڏنا آهن. ان مان چند سٽون هتي ڏجن ٿيون. جيڪي گيت جي سرجڻ، اسرڻ ۽ نسرڻ جا فطري جواز پيش ڪن ٿيون ۽ جن منجهان هن صنف لاءِ سنڌ ۾ بہ سازگار حالتن ۽ ماحول جو اندازو ٿي وڃي ٿو: "جديد اردو شاعريءَ جي اڪثر شاعرن وٽ غزل ۽ نظم سان گڏ گيت جا سانچا برابر تيار ٿي رهيا آهن ۽ اُن ۾ عظمت الله خان جي تحريڪ عام ڏسجي ٿي. بحرن جي وسعت، لفظن جو رس، اسلوب جي نواڻ، رديف ۽ قافئي کان بغاوت، مطلب تہ هن ظاهري بي ساختگيءَ ۽ چڙواڳيءَ جي دؤر ۾ شاعر حسن جا بيا پهلو تلاش ڪري رهيا آهن. جن ۾ ٽئگوريت بہ آهي تہ مغربيت بہ موجوده دؤر جي اردو گيتڪار شاعرن مان ڪيترن وٽ جوش جي شاعريءَ وارو پروپيگندائي اثر موجود آهي. مطلب تہ اڄ بہ گيت جا موضوع ڪن ٿورن نون کان سواءِ اهي ئي آهن. جيڪي نظير اڪبرآباديءَ ۽ عظمت الله خان وٽ ملن ٿا. حسن ۽ عشق جا ڪرشما، قلبي احساس، موسم جون رنگينيون، زندگيءَ جون ترجمانيون، بيان جا اسلوب ۽ ادائگيءَ جون طرزون، نظير ۽ عظمت الله خان جي سهاري وري اڀري ويا آهن. جتان غزل انهن کي ڇڏي جدا ٿيو. گيت جو ماحول نج هندوستاني آهي ۽ هندوستاني سماج جي عڪاسي ڪري ٿو. فرق رڳو اهو آهي تہ گيت، گهرو گيتن کان وڌيڪ پختا معلوم ٿين ٿا.

ساڳيءَ طرح سنڌي ادب ۾ موجوده گيت بہ غزل جيان اسان جي پنهنجي صنف نہ آهي. سنڌيءَ جي شاعرن ڪجهہ هنديءَ تہ ڪجهہ اردو شاعريءَ کان اثر وٺي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ گيت کي مروج ڪيو. گيت کي اسان جي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ هڪدم جاءِ ان ڪري ڏني، جو اهو هڪ تہ اسان جي لوڪ گيت سان ملندڙ جلندڙ هو، ٻيو تہ اسان جي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ جي مزاج سان نهايت نهڪندڙ ۽ پچندڙ هو. اُن جو ماحول ۽ پس منظر مشرقي ۽ خالص هندوستاني هو. سنڌ ۽ هند صدين کان وٺي هڪ ٻئي کي تهذيبي رشتن ۾ ويجها پئي رهيا آهن. اِن ڪري اُتان جي ماحول ۽ تهذيب ۾ ڪا خاص اوپرائپ (سواءِ ڪن قومي روايتن جي) نہ آهي. ان ڪري اسان جي شاعرن، گيت کي هڪدم قبولي، اُن ۾ وڌيڪ تجربا ڪرڻ شروع ڪيا.

شيخ اياز شيخ راز جي شعري مجموعي "اصنام خياليءَ" جي مقدمي ۾ صفحي "د" تي ان راءِ جو اظهار هيئن ڪيو آهي: "گيت، بيت ۽ وائيءَ وانگر هڪ اهڙي هڪ صنف آهي، جنهن ۾ اسان کي پنهنجو ماحول ۽ مقامي رنگ نظر آيو. بيت ۽ وايون تہ اسان جون پنهنجون نج سنڌي صنفون آهن، پر گيت هندوستاني صنف آهي، ۽ اها صنف نندي ڪنڌ جي ٻين ٻولين ۾ سنڌيءَ وانگر پنهنجي شاعريءَ ۾ داخل ڪري ورتي آهي. سنڌيءَ ۾ پهريان گيت ڪشنچند "بيوس" لکيا، جيتوڻيڪ انهن جو ڳاڻاٽو گهٽ آهي."

گيت، جنهن جو روح "جمالياتي ڪيفيت" آهي، اُن جو مواد ڪنهن ٻيءَ صنف جي صورت ۾ سنڌ ۾ اڳي ئي موجود هو، جيڪو تحت اللفظ ۾ بہ پڙهيو ويندو هو تہ لکيل صورت ۾ بہ پڙهيو ويندو هو، تہ لولين، واين، ڪافين ۽ بيتن (دوهن، دوهيڙن يا ڏوهيڙن) جي انداز ۾ ڳائجندي بہ ٻڌو ويندو هو. ان سان سنڌي ماڻهن جو ڪن رس توڙي من رس ملي هڪ ٿي ويو هو، جو تہ هتان جي صدين پراڻي شاعريءَ ۾ ڇيو ويو هو تہ:

ڪنز، قدوري، قافيا، پڙهيو پئي پڙهيوم،
پر سو گس ٻيو ڪو، جنهن سان پرين لڌوم.
(قاضي قاضن)

پيئي جا پريات، سا ماڪ مَ پانيو ماڻهئو،
روئي ڇڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.
(مخدوم نوح)

ڪو هٿي دستڪ دلين جي دوار تي،
واءُ شل واري اڃي اڄ يار کي!
وٺن آ ويٺا وڃائي، مينهن ڪٿين جهانجهه آ،
پرهه ٻوليون ڇڻ پهاڙي، منهن اونداهي مانجهه آ-
ڏار ڇڙين لار جي پٺڪار جي،
رات جي راٺيءَ سنديءَ هبڪار جي،
جيءَ جهومايو ڇڏي، يار ڇڻ آيو تڏي،
قول مالها تي ڪري سنسار کي!
واءُ شل واري اڃي اڄ يار کي!
ميگهه مان منهڙو ڪڏهن ۽ ڪنوڻ تي پيئي ڪلي،
مينهن ڪٿين مان سنيهو پرينءَ جو مون کي ملي-
تار موتي ليار واري ڏارَ جيّ،
چندن واسيل واءَ جي هبڪارَ جي،
پاڻ ڏي مون کي سڏي، ويهه اڄ گوڏو گڏي!
تات تائي تن اندر جي تارَ کي،
واءُ شل واري اڃي اڄ يار کي!

پڌرن خوفن ۽ اُميدن ڀري صورتحال ۾ غير يقينيءَ جو هُجڻ پڌائيندڙ ته ضرور آهي پر جيڪڏهن اسين زندگيءَ کي ڪوڙن قصن بدران حقيقتن جي دُنيا ۾ گهارڻ چاهيون ٿا، ته پوءِ خوفن ۽ اُميدن کي قبول ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو به چارو نٿو سُجهي....
هونئن به ڪنهن دؤر يا قوم کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان اُن دؤر يا قوم جي فيلسوفيءَ کي ضرور سمجهون ساڳي طرح ڪنهن قسم جي فيلسوفيءَ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي، ته ڪنهن حد تائين اسان پاڻ به فيلسوف هُجون.

- برٽرينڊ رسل

# ڪهاڻيون

مون کي پتو آهي ته بيشمار شخص منهنجي لهجي جي ڪڙاڻ بابت شڪايتون رکن ٿا، پر ڇا سچ جي آزاديءَ جي باري ۾ ماڻهوءَ کي ڪرو، تکو ۽ تُرش نه هجڻ کپي؟ هن معاملي ۾ مان سچ جيترو ڪُهرو ۽ انصاف جهڙو اٽل رهندس! هن موضوع تي ڳالهائڻ، سوچڻ ۽ لکڻ وقت مان ڪڏهن به وچٿرو رهڻ نه چاهيندس... نه! هرگز به نه!

توهان اُن ماڻهوءَ کي گهگهوءَ جي آواز جهڪي ڪرڻ جي صلاح پلي ڏيو، جنهن جو گهر باهه جي پيڙن ۾ ورتل هجي. توهان جي مرضي ته ڪنهن باغيرت شخص کي پڻ چئو ته هو اُن محل مدد لاءِ آهستگيءَ سان پڪاري، جڏهن ڪو غنڊو سندس گهر ڌياڻيءَ جي عزت زوريءَ لٽڻ جي ڪوشش ڪري. اوهين باهه ۾ سڙندڙ ڪنهن معصوم ٻالڪ جي والده کي به مشورو ڏيئي سگهو ٿا، ته هوءَ پنهنجي ٻچڙي کي اُتان ڪڍڻ محل آرام ۽ سُستيءَ کان ڪم وٺي!

پر مهرباني ڪري مون کي اِهو نه سمجهايو، ته سوچ تي پهرا ويهاريندڙن خلاف ٿڏائپ کان ڪم وٺان. مان هن محل جوش ۾ ورتل آهيان. مون کي ٻچاپڙو ٿيڻ جي صلاح نه ڏيو. هن معاملي ۾ آءٌ ڪنهن کي به معاف نه ڪندس، ۽ پنهنجي ارادي تان تِر جيترو به نه هٽندس ۽ نه وري ڪنهن ٻئي جي ٻولي ٻڌندس. انهيءَ صورتحال لاءِ اسان جي ماڻهن جي بيدردي ئي ڪافي آهي، جن جي افعالن ۽ عمل هر شاندار شخص جي مجسمي کي، پنهنجن بنيادن تان هٽائي نوائي ڇڏيو آهي؛ ۽ سندس اصولن کي نظرانداز ڪندي، ڪيس واپس هڪ مُردار ۽ قبر ۾ پيل لاش ۾ تبديل ڪري ورتو آهي. - **وليم لائڊ گئريزن**

حميد سنڌي

# ڪِڙيا ڪنڌهار

ڪي وڪيل وڏا ٿين، تہ ڪي وري ننڍا؛ اڃا بہ ننڍا هجن تہ ڪين 'جونيئر پارٽنر' چون. پرجي ڪو اديب 'جونيئر پارٽنر' ٿئي تہ ٻاڪٽون ئي پڪو!

مان بہ اُن زماني ۾ 'جونيئر پارٽنر' هئس.

منهنجو سينئر حيدرآباد جو وڏو ڪرمنل لاير هو. هميشه اديبن کان ڇرڪيل هوندو هو. مون کي ڏسندو هو تہ چوندو هو، "يار اديب!.... قانون ۽ ادب کي الڳ رکجانءِ.... بيلي، قانون کي ادبي مرچ مسالن کان پري رکجانءِ..." اُن زماني ۾ قتل جا ڪيس پهريائين هيٺين ڪورٽن ۾ هلندا هئا، پوءِ سيشن ڪورٽ ۾ ايندا هئا. جتي پُڄاڻي تي سزا- جزا جو فيصلو ٿيندو هو. هيٺين ڪورٽن ۾ سينئر گهڻو ڪري پنهنجن سُٺن جونيئرس کي موڪليندا هئا تہ هُو شاهدن جا بيان وٺرائي ڪيس کي چٽو ڪري بيهارين.

هيءَ ڳالهہ بہ اُنهي زماني جي آهي. هيءَ هڪڙو قتل جو عجيب مقدمو هو، جنهن لاءِ مون کي منهنجي سينئر خاص طور تي تيار ڪري موڪليو هو. مان مقتول پاران وڪيل هئس. هيءُ هو تہ قتل ڪيس، پر جوابدار ڌُر هي ڪيس غيرت جي بنياد تي وڙهي رهي هئي. عجيب ڪيس هو. هڪ مائيءَ پنهنجي ڀاڻيجي کي قتل ڪيو هو. جوابدار ڌُر جو چوڻ هو تہ مسمات سفوارن، پنهنجي ڀاڻيجي شهمير کي اِن لاءِ قتل ڪيو جو هُن منجهس هٿ وڌا هئا ۽ زوري ڪئي هئي، تنهنڪري سفوارن ڪيس موقعو ملندي ئي غيرت وچان ڪهاڙيءَ سان زبرا ڌڪ هڻي قتل ڪري ڇڏيو هو. منهنجي سينئر مون کي چيو هو تہ "هيءُ ڪيس سڌو سنئون قتل جو ڪيس آهي. مسمات سفوران شهمير کي اِن لاءِ قتل ڪيو هو جو هنن ڪيس پنهنجي نياڻي ڏيڻي ڪئي هئي. اِن آسري تي شهمير کان پئسا ڏوڪڙ ڦريندا هئا. مال ملڪيت بہ لڪائي ورتي هئائون. سفوران جو مڙس لالچي هو. هُن تَر جي چڱي وڏي زميندار کان الڳ پيسا وٺي ڪيس سڳَ ڏيڻ قبوليو هو. شهمير بہ هنن تي ٺيڪ ٺاڪ زوربار وڌو. چار چڱا ميڙ بہ وٺي ويو، پر هنن نہ مڃيو. زميندار کي پنهنجي ورتل سڳَ مٿان چڙهت ۽ شهمير ۽ ڀاڳل جي لڪي ملڻ ۽ معاشقي تي غيرت آئي. هُن شهمير کي تہ مارايو، پر سفوارن کي بليڪ ميل ڪري قبولرايو تہ شهمير کي هُن ئي ماريو آهي."

"هي اِها ٿيوري آهي تہ پوءِ سائين! مائي سفوارن پاڻ تي ڇو الزام ڪنيو؟" مون سينئر صاحب کان پڇيو.

هُن کلي مون ڏي ڏٺو، "آهي نہ ادبي سوال!"

"بابا! بس هڪ ڌمڪي رئيس طرفان ڪافي هئي تہ تنهنجي ڌيءَ شانان کي ڪاري ۽ شهمير کي ڪارو ڪري ماريندا سين. هاڻ غيرت واري سوال تي مائي ڇُٽيو پئي ٿي وڃي يا هلڪي سزا تي مليس. ڦاسي يا عمرقيد کان بچي ئي بچي."

"سَرا مون کي ڇا ڪرڻو آهي؟"

"ثابت اِهو ڪرڻو آهي تہ It is not honour Killing (غيرت جو سوال ناهي.) مائي سفوران پنهنجي مڙس ۽ وڏيري جي چُرچ تي، شهمير جي ملڪيت ڦٻائڻ ۽ پنهنجي ڌيءَ شانان جو سڳَ وڏيري کي ڏيڻ لاءِ هيءُ ڊرامو رچايو آهي. هوءَ قاتل آهي. اُن سان ٣٠٢ لاڳو ٿيڻ کپي."

مان ٻُڌتر ۾ پئجي ويس. منهنجي سينئر مٿان اِهو بہ چيو تہ "ميان! هڪ ڳالهہ ياد رکجانءِ تہ توکي Prosecution هراڻ"

ايوب عمراڻي

# سفر

منهنجي سيڪنڊ هئنڊ بوٽ ڏانهن ڏسندي چيائين: "اِهو بوٽ گهڻي ورتو اٿئي؟"

چيومانس: "مان بوٽ جي قيمت پوءِ ٿو ٻڌايان، مون کي پهرين اِهو ٻڌاءِ تہ عورت پنهنجي عمر ڇو لڪائيندي آهي؟"

چيائين: "جيڪڏهن عورت پنهنجي عمر نہ لڪائي تہ پوءِ تو جهڙا چالاڪ مرد کيئن ڦاسندا؟"

چيومانس: "خوشفهميءَ ۾ مبتلا نہ ٿيءُ، مان تو وٽ ڪڏهن ڪونہ ڦاسندس!"

مُرڪندي چيائين: "سچ؟"

سندس اُن هڪ لفظ تي مشتمل سوال مون کي ڇرڪائي وڌو. مان خاموشيءَ سان کيس ڏسندو رهيس. هوءَ بہ مرڪندي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. مون دل ئي دل ۾ چيو: "سُميرا! تون ئي تہ آهين اُها هستي، جنهن هن دوزخ جهڙي دنيا ۾ مون کي جيئڻ سيکاريو آهي. تون ئي تہ منهنجو ازل ۽ ابد آهين. توکان انڪار تہ معنيٰ زندگيءَ کان انڪار ٿيندو!....."

منهنجي سوچ جي سلسلي کي ٽوڙي چيائين: "هاڻي ڀلا ٻڌاءِ!"

"ڇا؟" مون چيو.

"پنهنجي بوٽ جي قيمت" ، هن ٻيهر سوال ورجايو.

چيومانس: "مان بوٽ جي قيمت ٻڌائڻ بدران دل جي قيمت ٻڌائڻ جي موڊ ۾ آهيان!"

حيرت مان چيائين: "دل جي قيمت بہ ٿيندي آهي ڇا؟"

چيومانس "ها ، دل جي قيمت بہ ٿيندي آهي، جنهن لاءِ ماسٽر چندر چيو آهي: 'دل آهي هٽن ۾ خريدار ٿو ڳوليان، ۽ جلال چانڊيو چوي ٿو....."

منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي چيائين: "اهو جلال چانڊيو ڪير آهي؟"

چيومانس: "سنڌي موسيقي جوَ بي تاج باد شاھ! ڳائڻ سان گڏ هڪ ئي وقت بہ ساز وڄائيندو هو، جن کي يڪتارو ۽ ڪڙتال چوندا آهن."

چيائين: "اڇا فنڪار هو!... مون سمجهيو تہ ڪو ڏاڙيل آهي! ڇو تہ ڏاڙيلن جا نالا بہ اهڙائي هوندا آهن."

چيومانس: "تون بہ تہ ڏاڙيل آهين!"

منهنجي انهن چوڻ تي ڇرڪي پيئي، چيائين: "خدا پناھ ڏئي، مان ڪٿي آهيان ڏاڙيل!"

چيومانس: "تو بہ تہ ڪروڙن جو هڪڙو ڏاڙو هنيو آهي!"

چيائين: "ڪهڙو؟"

چيومانس: "منهنجي دلِ جو لُٽي ٿني!"

منهنجي اِن ڳالهہ تي زوردار ٽهڪ ڏيندي چيائين: "تو جڏهن پنهنجي دل جي قيمت مقرر ڪري ڇڏي تہ مون کي بہ ڏاڙو هڻڻو پئجي ويو: ڇوَ تہ ڏاڙو لڳندو ئي اهڙين شين جو آهي جن جي قيمت مقرر ڪئي وڃي."

هوءَ وري بہ ٽهڪ ڏيڻ لڳي. ننڍڙي ڊرائنگ روم ۾ سندس ٽهڪ پڙاڏو بڻجي ٻيهر پئي گونجيا ۽ مان اُنهن ٽهڪن کي ڪنهن اُجايل منڪش جيان پنهنجي اندر ۾ اوتيندو ويس. ايتري ۾ سميرا جي ماءُ چانهن کڻي آئي. چانهن جي ٽري ٽيبل تي

رکي اسان ٻنهي کي اڪيلو ڇڏي هلي وئي. سميرا چانهن ناهي مون کي ڏني. چانهن جا سرڪ ڀريندي مان پنهنجي پاڻ بابت سوچڻ لڳس ته آخر مون ۾ اُها ڪهڙي خوبي آهي، جو سميرا مون کي ايترو ٿي چاهي؟ مان دنيا جي اُنهن بدنصيب انسانن مان هڪ آهيان جيڪي محبت جي معاملي ۾ سدائين خوبصورت خوابن جا اندوهناڪ تعبير ماڻيندا آهن. اسان اُهي ماڻهو آهيون، جيڪي هميشه ڌڪاريا ۽ نظرانداز ٿيندا رهيا آهيون.... پر هڪ ڌڪاريل شخص سميرا جي دل ڪيئن جيتيو؟ ڪٿي ائين ته ناهي ته سميرا به مومل ۽ فوزيه جيان منهنجي جيءَ کي جهوري وجهي؟ هي سڀ ڪجهه ناٽڪ ته ناهي؟ نه، سميرا هڪ مختلف ڇوڪري آهي، هوءَ ائين نٿي ڪري سگهي. سندس چاهت معصوم ٻارن جي مُرڪ جيان پاڪ ۽ سچي آهي.... مون کي ياد آيو ته مومل مون سان ڪهڙو ناٽڪ ڪيڏيو هو. جيئن هر نوجوان جواني ايندي ئي ڪنهن نه ڪنهن ڇوڪريءَ کي دل ڏيڻي وجهندو آهي، تيئن مان به مومل کي دل ڏيئي ويٺو هئس. مومل سڄي ڳوٺ جو نڪ هئي. ڪيس ڏسندي ئي هڪ عجيب نشو طاري ٿي ويندو هو. مومل جو گهر به اسان جي گهر جي ڀرسان ئي هو ۽ اڪثر هڪٻئي جي گهر ايندا ويندا رهندا هئاسين. پر مان گهڻو ڪجهه چاهيندي به پنهنجي گونگي محبت کي اظهار جي زبان نه ڏيئي سگهيس.

هڪ دفعي جڏهن امڙ گهر ۾ موجود نه هئي ته مومل اچي سهڙي. ڪيس اڪيلائيءَ ۾ ڏسندي سوچيم ته اڄ مومل سان پنهنجي اندر جو اظهار ڪري ڇڏيان. هوءَ جيئن ئي امڙ جو پڇي واپس ٿيڻ واري هئي ته مون ڪيس ڏڪندڙ آواز ۾ سڏ ڪيو: "مومل." هوءَ بيهي رهي، پر منهنجي زبان ڄڻ ته تارونءَ سان چنبڙي پيئي. "ڇا ڳالهه آهي؟" مومل چيو. مان وڏي سنڌس پر ۾ وڃي بيٺس ۽ پوءِ رڳو هي چئي سگهيس: "مومل! تون مون کي ڏاڍي وڻين ٿي.....؟ "منهنجي اِن اڌوري ۽ اڻپوري جملي جي سڄي معنيٰ ۽ مطلب نه سمجهندي، مومل نفرت ڀرين اکين سان مون ڏانهن گهوريندي چيو: "پنهنجو منهن ڏٺو اٿئي، ڪڏهن آئيني ۾؟" ائين چئي هوءَ تڪڙي تڪڙي هلي وئي. منهنجا شيشي جهڙا جذبا مومل جي پٿر جهڙن لفظن سان ٽڪر ٽڪر ٿي ويا. مومل ڄڻ ته منهنجي وجود کي قيمي جيان وڍي نفرت جي باهه ۾ ڀسم ڪري ڇڏيو هو، پر پوءِ به دل کي تسلي ڏيندي سوچيم ته ٿي سگهي ٿو اِها ڇڙ ۽ نفرت رڳو مٿاڇري هجي.... پر مومل جي نفرت سطحي نه هئي. هڪ ڏينهن ٻنيءَ ۾ مون مومل کي ڳوٺ جي وڏيري جي آواره پٽ جمن سان راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪندي ڏسي ورتو. مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ آسمان ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آهي ۽ سڄي ڌرتيءَ کي باهه وڪوڙي وئي آهي. سوچيم ته گيڙوءَ رتا ڪپڙا پائي رڻ جو راهي ٿي وڃان ۽ هن ڳوٺ کي هميشه ڇڏي ڏيان، پر مان ائين نٿي ڪري سگهيس. مان پنهنجي پوڙهي ۽ بيمار ماءُ جو سنڀاليندڙ اڪيلو پٽ هوس، سو رڻ جو راهي نه ٿيس، پر نوڪري لاءِ ڪراچي نڪري پيس. مون امڙ جي محنتن سان بي.اي. تائين تعليم ورتي هئي، سو خوشقسمتيءَ سان ڪراچيءَ ۾ هڪ پرائيويٽ اداري ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ملي وئي. مان ڪراچيءَ ۾ زخمي دل سان نوڪري لڳس. جڏهن فوزيه سان ويجهڙائپ ٿي ته منهنجي اڪيلائپ به آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳي. جيڪو زخم مومل ڏنو هو اُهو هاڻي ڀرجڻ لڳو هو. آفيس ۾ فوزيه جو مون سان ڪافي دوستاڻو رويو هو. هوءَ آفيس ۾ لڳل ننڍڙي ٽيليفون ايڪسچينج جي آپريٽر هئي. واندڪائيءَ ۾ سڄي آفيس مان مون سان ئي ٽيليفون تي ڪچهري ڪندي هئي. سندس رستو به اسان جي سيڪشن وٽان هو، سو اچڻ وڃڻ مهل به مون سان سلام دعا ڪندي هئي. آهستي آهستي فون تي ساٿس چرچا ڀوڳ به ٿيڻ لڳا ۽ پوءِ مون کي لڳو ته فوزيه مومل جا ڏنل سمورا گهاءُ ڀري ڇڏيا آهن ۽ پوءِ مان فوزيه کي شدت سان چاهڻ لڳس. هڪ ڏينهن جڏهن اڃا منهنجا ساٿي ڪلارڪ اڃا نه آيا هئا، مون جلد آفيس اچي فوزيه سان ٽيليفون تي ڳالهايو. چيائين: "ايترو جلد آيو آهين! فون تي ڪنهن دوست سان ڳالهائڻو اٿئي ڇا؟"

چيومانس: "فوزيه! منهنجي دل ڇري ٿي پيئي آهي. اُها هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ جي دل سان ڳالهائڻ جو ضد ٻڌيو ويٺي آهي. ڇا منهنجي دل کي اُن خوبصورت ڇوڪريءَ جي دل جو نمبر ملي ويندو؟"

چيائين: "ڪير آهي اُها ڇوڪري؟"

چيومانس: ”اُها ڇوڪري اُها ساڳي هستي آهي جنهن جو نالو وٺڻ مان پاڻ لاءِ عبادت ٿو سمجهان. اُن ئي ڇوڪريءَ مون کي هيڪلائيءَ جي رڻ مان ڪڍي ٻاهر انسانن جي بستيءَ ۾ آباد ڪيو آهي.“

چيائين: ”پر اُن ڇوڪريءَ جو نالو ڇا آهي؟“

تڏهن مون حجاب جون سموريون ديوارون ڊاهي ڪيس چيو: ”اُن ڇوڪريءَ جو نالو فوزيه آهي. فوزيه منهنجي لاءِ محض هڪ نالو ناهي پر منهنجي زندگي ۽ دل جي هر ڌڙڪن کي جاري رکندڙ قوت به آهي. هي نالو منهنجي لاءِ ائين آهي جيئن ڌرتيءَ لاءِ سورج. ها، فوزيه! تون ئي آهين اُها ڇوڪري! هاڻي ٻڌاءِ، منهنجي ويڳاڻي دل کي پنهنجي دل جو نمبر ملائي ڏيندينءَ؟ فوزيه، مون کي غلط نه سمجهجانءِ، مان دل جي هٿان مجبور آهيان!.... “ ايتري ۾ اوچتو فون ڪنجي ويئي، فوزيه مون کي ڪوبه جواب نه ڏنو. مان اُن ٻڌتر ۾ هوس ته خبرناهي ته فوزيه مون بابت ڇا سوچيندي هوندي، پر پوءِ به دل کي هر هر اهو ڏڍ ڏنم ٿي ته هوءَ ضرور مون کي موٽ ڏيندي، ڇو ته مون ساڻس پنهنجي سچي محبت جو اظهار ڪيو آهي. ائين سوچيندي مان آفيس جي ڪم کي لڳي ويس. ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ پٽيوالو آيو، چيائين: ”توکي صاحب ٿو سڏي!“

مان صاحب ڏي ويس ته سندس موڊ خراب ڏٺم. مون تي نظر پوندي ئي رڙ ڪندي چيائين: ”اڙي! توهان هن آفيس کي بازار حُسن سمجهيو آهي ڇا؟“

مان صاحب کي حيرانيءَ سان ڏسندو رهيس. سندس مطلب سمجهي نه سگهيس. هن ٻيهر چيو: ”اگر توکي عشق ڪرڻ جو ايتروئي شوق آهي ته هتان هليو وڃ! هن آفيس جي تقدس کي ته خراب نه ڪر! مون مئنيجر سان ڳالهائي ڇڏيو آهي، پنهنجا رهيل پئسا وٺي وڃ. اسان کي توهان جهڙن اوباش ماڻهن جي ضرورت ناهي!“

مون پنهنجي پيرن جي هيٺان ڌرتي کسڪندي محسوس ڪئي. چيومانس: ”پر سَر! مون کي منهنجو ڏوهه ته ٻڌايو!“ ڪاوڙ مان ذري گهٽ ڏڪندي چيائين: ”چالاڪي بند ڪر، ميسنا بدمعاش! ڇا تو ڏيڍ ڪلاڪ اڳ آفيس جي شريف گهراڻي سان تعلق رکندڙ شريف ڇوڪري فوزيه سان گهٽيا قسم جي گفتگو نه ڪئي آهي؟“

مون پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهه ڳالهائڻ ٿي چاهيو، پر لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا. چپ ڏڪڻ لڳا ۽ پوءِ مون صاحب جا رڳو هي لفظ ٻڌا: ”Now, you gateout“.

مان ڏڪندڙ قدمن سان صاحب جي آفيس مان نڪتس. پهرين سوچيم ته فوزيه کي سامهون ٿي ڪيس شڪايت ڪريان، ڪيس پنهنجي اندر جو درد ڏيکاريان، پر پوءِ مون کي محسوس ٿيو ته هن آفيس جي اندر گهڻو وقت رهندس ته گهٽجي دم ڏيندس. هن آفيس ۾ ته سڀ پٿر جون مورتيون آهن. انسان ته ڪو نظرئي نٿو اچي. مون مئنيجر سان حساب به نه ڪيو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو آفيس مان ٻاهر نڪري آيس... ۽ پوءِ مون پنهنجي پاڻ سان وعدو ڪيو ته هاڻي خوابن جي سهاري نه جيئندس. ان جذبي تحت مون نوڪريءَ لاءِ ڊُڪ ڊوڙ شروع ڪري ڏني. خوشقسمتيءَ سان مون کي هڪ سرڪاري اداري ۾ نوڪري ملي ويئي ۽ رهائش لاءِ جهانگير ڪوارٽرس ۾ هڪ پراڻو ڪوارٽر به ملي ويو. مان امڙ کي ڳوٺان وٺي آيس ۽ نوڪري کي لڳي ويس. ڪڏهن ڪڏهن مومل ۽ فوزيه جا نالا ذهن تي ايندا هئا ته منهنجي اندر ۾ نفرت پرجي ويندي هئي. فوزيه بابت هڪ سوال اڪثر منهنجي ذهن کي جنجهوڙيندو رهندو هو ته، آخر فوزيه اِهو سڀ ڪجهه صاحب کي ڇو ٻڌايو؟ هوءَ مومل جيان مون کي منهن تي جواب به ڏيئي پئي سگهي. هڪ ڏينهن اُن سوال جو جواب ملي ويو. مان هڪ شام جو ڪلفٽن تي گهمي رهيو هوس ته مون هڪ ريسٽورنٽ مان پنهنجي سابق صاحب ۽ فوزيه کي نڪرندي ڏٺو. ٻنهي جي منهن تي مرڪ هئي. مان اڳتي وڌي ٻنهي جي سامهون وڃي بيٺس. سوچيم ته ٻنهي کي شرمسار ڪري پنهنجو پراڻو بدلو چڪائيندس. مان نفرت ۽ ڪاوڙ مان سڄو ڏڪي رهيو هوس. فوزيه جي نظر جڏهن مون تي پيئي تڏهن مون کي ڏسندي ئي منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيائين. شرمساريءَ بدران منهن تي هڪ زهريلي مرڪ ڇانئجي ويس. منهنجي سابق صاحب ته جڻ مون کي سڃاتوئي

**منصور برڙو**

# هر فن مولا

اٽڪل پنجن سالن کان پوءِ ساڳي آفيس ۾ بدلي ٿيڻ ڪري اچان ٿو ته ڪا خاص تبديلي ڪانه ٿي نظر اچي. ٻن ٽن ملازمن جي رٽائرڊ ٿيڻ کان سواءِ ساڳيا چهرا ساڳين ئي جاين تي ويٺل نظر اچن ٿا. جڏهن ته مان پنهنجي پاڻ ۾ اها تبديلي ضرور محسوس ڪريان ٿو ته مان هينئر جونيئر ڪلارڪ مان هيڊڪلارڪ آهيان. مون کي ائڊمنسٽريشن برانچ جي چارج ڏني وڃي ٿي، تنهنڪري حاضري رجسٽر سنڀالڻ پڻ منهنجي ذميواري ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. مان ڪجهه ڏينهن کان نوٽ پيو ڪريان ته آفيس جو سينيئر ڪلارڪ نواز اڪثر آفيس ٽائيم کان ٻه ٽي ڪلاڪ دير سان پهچي ٿو ۽ مون کي ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪجهه سالن کان اِها سندس پڪي عادت بڻجي چڪي آهي. ڪيترائي ڀيرا سندس پگهار بند به ڪئي وئي، پر ڪوبه فرق نه پيو. مون کي پڻ حيرت پيئي ٿئي ته مون کي هتي آئي هفتو ڏيڍ ٿي ويو آهي، پر هو مون سان ڪونه مليو آهي ۽ مان جڏهن ڪنهن ڪم سان پنهنجي سيٽ ڇڏيان ٿو ته هو حاضري رجسٽر تي صحيح ڪري ٿو ڇڏي. اڄ مون پڪو ارادو ڪيو ته نواز کي گهرائي حال احوال وٺبو ته آخر هن کي ڇا ٿي ويو آهي. اِهو ويچاريندي هڪ سوچ ذهن ۾ گردش ڪرڻ لڳي ٿي ته متان هو مون کان اِن ڳالهه تي ناراض هجي ته منهنجو پروموشن هن کان اڳ ۾ ٿيو آهي. اِن پريشان ڪندڙ سوچ کي دور ڪرڻ لاءِ مان نواز جو پرسنل فائيل گهرائي پڙهان ٿو، جنهن ۾ سندس ٻن سالن جي ساليانې ڳجهي رپورٽ ۾ آفيسر ڇاٽايو هيو ته: ”هو پروموشن لاءِ فٽ نه آهي.“

*　　　*　　　*　　　*

مان جڏهن هن آفيس ۾ نئون ڪلارڪ ڀرتي ٿيو هوس ته مون کي آفيس جو ڪم سيکارڻ لاءِ نواز وٽ ويهاريو ويو هو. جيڪو مون کان ڪجهه سال سينيئر هو. ساڻس گڏ آفيس جو ڪم ڪندي منهنجا ٽي سال ڏاڍا بور گذريا هئا. هو آفيس جو ڪوبه ڪم سَرَ سان ڪرڻ ئي ڪونه ڏيندو هو. بس چاهيندو هو ته سندس ڳالهيون پيا ٻڌون ۽ ها ۾ ها ملائيندا رهون. اسان ڪهڙي به موضوع تي ڳالهائڻ شروع ڪندا هئاسين ته ڳالهه وچ ۾ ڪٽي چوندو هو: ”اِن جي ته مون کي خبر آهي، مان ٿو اوهان کي ٻڌايان“. ۽ جيڪڏهن ڪير سندس ڳالهه نه مڃيندو هو ته صفا ڪروڌ ۾ پرجي ٻانهن مروڙڻ، قميص جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي ڇڪڻ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي عجيب حرڪتون شروع ڪندو هو. تنهنڪري مجبورن سندس جهڙي تهڙي راءِ کي مڃڻو پوندو هو.

هڪ ڀيري منهنجي هٿ ۾ ڪهاڻين جو ڪو ڪتاب ڏٺائين ته مون کان ڦري ڇيائين: ”اهڙيون ڪهاڻيون ته مان به لکي سگهان ٿو“. ۽ ڪهاڻي لکڻ شروع ٿي ويو. ڪهاڻي جو خلاصو ڪجهه هن طرح هو ته هڪ نوجوان کي روڊ تان پيادل گذرندي ڏسي ڪار ۾ ويٺل هڪ خوبصورت اڪيلي ڇوڪري متاثر ٿي پوي ٿي ۽ کيس ڪار ۾ ويهاري شهر جو سير ڪرائي ٿي. نئون وڳو وٺي ڏئي ٿي ۽ امتحان جي فارم ڀرڻ لاءِ پئسا پڻ ڏئي ٿي. اصل ۾ نواز ڪجهه ڏينهن کان بي.اي. پارٽ ٽو جي امتحان جي فارم ڀرڻ لاءِ پريشان هو. گذريل سال به هو فارم ڀرائي نه سگهيو هو ۽ هن سال به آخري تاريخ گذري چڪي هئي ۽ هاڻي ليٽ فيءِ سان فارم پئي ڀريا.

موسيقيءَ جو ذڪر نڪرندو هو ته پوءِ نواز مان جند ڪير ڇڏائي! هر فنڪار جي باري ۾ سندس مخصوص راءِ ٻڌڻي پوندي هئي ۽ سندس آواز ۾ هڪ اڌ ڪلام به ٻڌڻا پوندا هئا. پوءِ ته نواز کان سواءِ اسان سڀني جا ڪنن تي هٿ هوندا هئا. جڏهن ته نواز کي ڪنن تي هٿ رکي ڳائڻ جي عادت ڪانه هئي. سندس هڪڙو موسيقيءَ جو استاد به هو. جنهن کان

هُو جڏهن پونتي مڙيو تہ عورت ڳالهائڻ بند ڪيو. هڪ اوچي ديوار ڪين هڪ پيرو ٻيهر ڏسڻ ۾ آئي.

بس رڳو پنتي مُڙڻ سان اسان هڪ ديوار ڏسندا سين. اسان جي چوڌاري اسان جي آسپاس سدائين هڪ ديوار ڪڙي هئي. اسان مان هڪ ڇٽي پنهنجا هٿ هڪ وار ٻيهر ڍرا ڇڏي ڏنا.

اسان هن کي وري بانبڙا پائيندي ڏٺو: "هاڻي مون کي ڪا خبر ناهي تہ جنازي جون پيتيون ڪٿي آهن. مان پانيان ٿو، تہ هاڻي اسين ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي آهيون."

۽ اسان چيو: "هيڏانهن اچ. هتي ڪو ماڻهو آهي، جيڪو اسان کي تمام ويجهو آهي."

اسان هن جي ويجهو اچڻ جو آواز ٻڌو. اسان هن کي پنهنجي پرسان ويهندي محسوس ڪيو ۽ هڪ پيرو ٻيهر هن جو ٻرم ساهہ اسان جي منهن سان اچي ٽڪرايو.

"هن پاسي ڏانهن وڃ." اسان ڪيس چيو: "اسان ڄاڻون ٿا تہ هتي ڪو ماڻهو آهي."

هو ضرور اُن جاءِ تي وڃي رسيو هوندو. هو ضرور اُن هنڌ ڏانهن ويو هوندو، جيڪو اسان ڪيس ڏسيو هو، ڇو تہ جهٽ ڪان پوءِ هو واپس اچي اسان کي ٻڌائڻ آيو: "منهنجي خيال ۾ هو ڇوڪرو آهي."

۽ اسان ڪيس چيو: "ڏاڍو سٺو. هن ڪان پڇ تہ ڇا ڪيس اسان جي خبر آهي."

هن ڪانئس سوال پڇيو. اسان ان ڇوڪري جو احساس ڪان خالي ۽ سادگيءَ سان پريل آواز ٻڌو، جنهن چيو: "هائو، آءٌ توهان کي ڄاڻان ٿو. توهان اُهي ئي ماڻهو آهيو، جن جون اکيون ڪرليوز پکين ڪڍيون هيون."

اُن ڪان پوءِ هڪ ساماٽيل نينگر ڳالهايو.

هڪ عورت جو آواز، جيڪا دروازي پنيان بيٺل ٿي لڳي، چوڻ لڳي: "توهان وري بہ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهيا آهيو."

۽ هڪ ٻار جو آواز، جنهن اهڙي انداز ۾ ڳالهايو، ڄڻ تہ سندس ڪنهن سان واسطو ئي ڪونہ هجي، چيائين:

"نہ. اُهي ماڻهو جن پنهنجيون اکيون ڪرليوز پکين هٿان وڃايون هيون، هتي موجود آهن."

وري دروازي جي انجيسن جو چيڪاٽ ٿيو ۽ اُن ڪان پوءِ ان ڇوڪريءَ جو آواز ٻهرين ڪان وڌيڪ ويجهي ڪان آيو. "هنن کي گهر وٺي وڃو." ڇوڪريءَ چيو.

۽ ڇوڪري چيو: "مون کي سندن گهر جي سُڌ ڪانهي."

۽ جوان ڇوڪريءَ جو آواز آيو: "ايترو بہ بي خبر نہ ٿيءُ. جنهن ڏينهن کان پکين سندن اکيون ڪڍيون آهن، تنهن رات ڪان وٺي هر ماڻهوءَ کي خبر آهي تہ هو ڪٿي رهندا آهن."

پوءِ هوءَ هڪ مختلف انداز ۾ ڳالهائيندي رهي، ڄڻ تہ اسان سان مخاطب هجي.

"جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي، اُن جو ويساهہ ڪنهن کي بہ نٿو اچي ۽ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اِها هڪ ڪوڙي ڳالهہ هئي، جيڪا اخبار وارن پنهنجين اخبارن جي سرڪيوليشن وڌائڻ لاءِ گهڙي هئي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ اهڙا پکي اڄ ڏينهن تائين ڪونہ ڏٺا آهن."

۽ هن چيو: "پر ان تي بہ تہ ڪنهن کي اعتبار ڪونہ ايندو. آءٌ هنن کي گهٽيءَ جي هڪ ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين پهچائي آيس."

اسان مان ڪنهن بہ حرڪت ڪانہ ڪئي ۽ ٻئي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي ويٺا رهيا سين. بلڪل خاموش، پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، ۽ ان عورت کي چپ چاپ ٻڌندي' ان عورت چيو:

"جيڪڏهن هي توهان کي وٺي وڃڻ چاهي ٿو، تہ پوءِ اِها صفا مختلف ڳالهہ چئبي. آخرڪار، ڪير هڪ ڇوڪري جي

پيسٽو ۽ اولنڪا خوش رهڻ لڳا. هو اڪثر رات جو دير دير تائين ڪاٺ جي گدام تي رهندو هو. هن جي غير حاضريءَ ۾ اولنڪا شام تائين هن جي آفيس ۾ ڪم ڪندي رهندي هئي، حساب ڪتاب رکندي هئي ۽ سموري ڪم تي نظرداري ڪندي رهندي هئي.

"ڪاٺ هر سال مهانگو ٿيندو ٿو وڃي،" هوءَ واقفڪار گراهڪن کي چوندي رهندي هئي."پهرياڻين اسان ڪاٺ پنهنجي جهنگل مان وٺندا هئاسين. هاڻي پيسٽو هر سال ڪاٺ وٺڻ لاءِ منگول گورنمينٽ وٽ وڃي ٿو، ۽ ڪيڏو نه ٽيڪس آهي!" هن اهو بيان ڪندي عجب کان پنهنجي هٿن تي پنهنجو چهرو رکيو "ڪيڏو نه ٽيڪس آهي!"

هن ائين محسوس ڪيو ته جيڪڏهن هن ڪجهه وڏيڪ وقت ڪاٺ جو ڪاروبار ڪيو، ته ڪاٺ هن جي زندگيءَ جو خاص ۽ اهم جز بنجي ويندو. هن جي ذهن ۾ تختا، شهتير، لڪڙا، بيم ۽ ڇت جي ڪاٺين جا نالا گهمندا رهندا هئا. رات جو هوءَ خوابن ۾ تختن جا جبل، لڪڙن ۽ شهتيرن سان ڀريل گاڏيون ڏسندي هئي، جيڪي پري پري شهرن کان اينديون هيون. هن خواب ۾ ڏٺو ته بيمن جي سڄي پلٽڻ، اڀو ٿي گدام تي حملو ڪيو هو. ڪامون، بيم ۽ لَڪڙا پاڻ ۾ وڙهي پيا هيا. آهي سڀ ڪِري پيا ۽ وري اُٿي بيٺا ۽ هڪٻئي مٿان حملو ڪرڻ لڳا. اولنڪ ننڊ ۾ رڙ ڪئي. پيسٽو هن کي نرميءَ سان چيو ...."اولنڪا! ڊارلنگ!... ڇا ڳالهه آهي؟... دعا گهر"

هن جي مڙس جا خيال به هن جهڙا ئي هئا. جيڪڏهن هو چوندو هو ته ڪمرو گرم آهي، ته هوءَ به چوندي هئي ته ڪمرو گرم آهي. جيڪڏهن هو چوندو هو ته ڌنڌو مَندو آهي ته هيءَ به چوندي هئي ته ڌنڌو مَندو آهي. پيسٽو ٻاهر وڃڻ ۾ گهٽي دلچسپي نه وٺندو هو ۽ موڪلن ۾ به گهر ۾ رهندو هو. هوءَ به ائين ئي ڪندي هئي.

هن جا دوست هن کي چوندا هئا ته " توهان سڄو ڏينهن گهر ۾ آهيو يا آفيس ۾. توهان ٿيئٽر يا سرڪس گهمڻ ڇو نه وڃو ٿا؟"

"پيسٽو ۽ مان ٿيئٽر نه ويندا آهيون،" هوءَ سنجيده ٿي چوندي هئي." اسان کي ڪم هوندو آهي. اسان کي انهن فضول ڳالهين لاءِ وقت نه آهي. ٿيئٽر وڃڻ مان ڇا حاصل ٿيندو؟"

ڇنڇر تي هوءَ ۽ پيسٽو شام واري عبادت تي ويندا هئا ۽ موڪلن ۾ صبح واري عبادت لاءِ ويندا هئا. گهر موٽڻ مهل قدم قدم سان ملائي هلندا هئا. هن جا ريشمي ڪپڙا هوا ۾ ڦڙڪندا رهندا هئا. صبح جو گهر ۾ هو چانهه سان کير واري ڊبل روٽي، ڪيترن ئي قسمن جا جام ۽ سنبوسا کائيندا هئا. هر ڏينهن منجهند جو هنن جي ورانڊي مان لذيذ کاڌن جي خوشبوءِ ايندي هئي. دروازي کان ٻاهران گوبيءَ جي سُوپ، روسٽ گوشت يا بدڪ ۽ روزن جي ڏينهن ۾ مڇيءَ جي خوشبوءِ ايندي هئي، ڪو هنن جي دروازي وٽان لنگهندي کاڌي کائڻ جي خواهش کي روڪي نه سگهندو هو. آفيس ۾ هميشه ڪيٽلي چڙهي پيئي هوندي هئي ۽ گراهڪن کي چانهه ۽ بسڪيٽ پيش ڪيا ويندا هئا. هفتي ۾ هڪ دفعو ٻيئي حمام ۾ وهنجڻ ويندا هئا، ۽ واپسيءَ تي سندن چهرا ڳاڙها هوندا هئا.

"خدا جو شڪر آهي، اسان خوش آهيون."

اولنڪا پنهنجن دوستن کي چوندي هئي ته "خدا ڪري سڀ پيسٽو ۽ مون وانگر خوش رهن."

جڏهن پيسٽو منگوليا گورنمينٽ کان ڪاٺ وٺڻ ويندو هو، هوءَ هن کان سواءِ ماندي ٿي پوندي هئي. رات جو سمهي نه سگهندي هئي ۽ روئيندي رهندي هئي. جانورن جو نوجوان فوجي ڊاڪٽر سپيريو، جيڪو هن جي گهر پرسان رهندو هو، شام جو هن سان ملڻ ايندو هو. هو هن کي واقعن جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو يا وري ٻيئي تاش راند کيڏندا هئا. ان

"پر چون ٿا تہ هـن وڏيءَ همت کان ڪم ورتو."

"صحيح ٿيو چئو. اِن ۾ ڪو شڪ ناهي. بيمار هوندي بہ هوءَ گهر کي هلائڻ لاءِ سخت پورهيو ڪندي رهي ٿي،" مون کين ٻڌايو.

"هوءَ قربائتي بہ ڏاڍي هئي. سندس مري وڃڻ تي اوڙي پاڙي وارن بہ ڏاڍو ڏک ڪيو...."

"جي ها." صحيح ٿيو چئو. مون وراڻيو: "ڪيس انسانذات لاءِ همدردي هئي. هن هرهڪ جو ڀلو چاهيو ٿي. ٻئي کي ڏکويل ڏسي پاڻ پريشان ٿي ويندي هئي. آءٌ پهريون دفعو جڏهن هـن وٽ رهڻ آيو هوس تہ منهنجي هڪ سال جي ڌيءَ کي تيز طوفاني هوائن جي ڪري يا شايد وڪايامـا ڪان موجي هوائي جهاز جي سفر جي ڪري ڪن ۾ اچي سور ٿيو. منهنجي زال نہ هن شهر جي واقف هئي ۽ نہ جپاني آيس ٿي. پوءِ توهان جي ڏاڏي پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي منهنجي ڌيءَ جي علاج لاءِ مختلف ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن ۾ ڊوڙندي رهي. مون کي چوندي هئي تہ تون نہ گهر جو خيال ڪر ۽ نہ پئسي جو. جنهن ڊيوٽي لاءِ آيو آهين. يعني جهاز جي مرامت ڏي توجهہ ڏي. جيئن اهو جهاز سمنڊ تي تولاءِ مسئلو نہ بڻجي."

"ڪيڏو عجيب ٿو لڳي هڪ ڌارئين کان پنهنجن وڏن جي ڳالهہ ٻڌي. سندس پورهئي جي ڪمائي اڄ اسين کائي رهيون آهيون. هوءَ پاڻ غربت ۾ گذاري ويئي؛ پر اسان لاءِ روزگار ناهي ويئي...."

"صحيح ٿيون چئو." مون سندن ڳالهہ جي حمايت ڪئي ۽ ڪافيءَ جو آخري ڍُڪ پي اٿي کڙو ٿيس. ٻاهر ساٿڻ هڪ يادگار تصوير ڪڍائي "Sayonara" (خدا حافظ) چيم.

ٻاهر نڪري ٿورو اڳتي هلي سندن گهر جي اڳيان وهندڙ نالي جي ڪپر وٽ ويهي رهيس ۽ ڪا دير پنڌ پهڻ ٿي بيٺو رهيس. مينهن ۽ گهرن مان ايندڙ پاڻي اُن "نالي" مان شپڪا ڪري وهي رهيو هو. مون کي پوڙهيءَ سان اڍائي ڏهاڪا سال اڳ جو بحث ياد اچي ويو.... "هن کي چئبو آهي درياهہ! درياهہ تہ اسان جو سنڌو آهي." مون چيو هومانس (يعني تڏهن چيو هومانس) ڇڱو جو اڄ هوءَ جيئري ناهي نہ تہ هن کي اڄ اُن سنڌوءَ بابت شايد ڪجهہ بہ ٻڌائي نہ سگهان ها! هنتو کن اڳ هن سفر لاءِ ڳوٺان ڪراچي ايندي وقت هن پيري ڄامشوري وٽ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا. اسان جي سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جي ڇولين جي ٻدران ڌوڙ اڏامي رهي هئي، ٻيڙيون وچ درياهہ ۾ خشڪيءَ تي پاسيريون ٿيون پيون هيون ۽ ٻارن ڪرڪيٽ راند پئي ڪئي! ... سنڌوءَ ۾ ايترو پاڻي بہ نہ هو جيترو موجي شهر جي هن نالي مان وهي رهيو هو. آءٌ ڏکويل دل سان اڳتي وڌان ٿو. هڪ هڪ وک ڇپ جهڙي ڳري محسوس ڪريان ٿو ۽ مون کي پنهنجي هڪ ٻئي ڳوٺائي ۽ پياري انسان حميد شهيد جو تازي "سوجهري" رسالي ۾ ڇپيل هي شعر ڏيان ۾ اچي ٿو:

ڄامشـوري جـي پـُـل مٿـان بيهـي ســوچيم،
"ســـنڌو" نـــاهي، هـــي "هـــاڪڙو" آهـــي!


150 B.C.-PRESENT TIMES
LOCATION MAP -RANIKOT
HYDERABAD
PROBABLE
COURSE

DER BOTSCHAFTER
DER BUNDESREPUBLIK DEUTSCHLAND
THE AMBASSADOR
OF THE FEDERAL REPUBLIC OF GERMANY

Islamabad, 11th Mach 2003 bo./ll.

Chairman
Sindhi Adabi Board
Jamshoro, Sindh

Dear Mr. Rabbani,

I have to apologize for being late in saying a word of thanks and appreciation to you and your colleagues. Thanks to your attention, circumspection and generous hospitality, Consul General Countess von Roedern, my wife and myself enjoyed a perfect programme and many remarkable and most interesting insights into the life, culture and economy of Hyderabad and its region. The outing to Ranikot and Sehwan was a special treat. I only hope that we can make good. So, whenever you find your way to Islamabad, please ring me up so we can have a follow-up at tea or lunch.

Thanking you

I am sincerely yours

Christoph Brümmer

Dr. Christoph Brümmer

Address: Ramna 5, Diplomatic Enclave Islamabad - 44000 | Post: P.O. Box 1027 Islamabad - 44000 | Telephone: +92-(0)51 2279 430 - 435 | Fax: +92-(0)51-2279 436 | e-mail: boisla@isd.wol.net.pk

*　　*　　*　　*　　*

## اذياءُ: ڇهون

### معذرت نامو

معزز قارئين ڪرام.... رني ڪوٽ ۽ سيوهڻ شريف ۾ گهاريل ڪجهه ڪلاڪن جي دوران ۾ ڪيل سياحت بابت منهنجي لکيل هن ڪچي ڦِڪي ۽ اڌوگابري 'رپورتاز' کي، نالي ڏٿيءَ جي.... قطعي به "سفرنامو" نه سمجهجو ۽ جيڪڏهن ڪو هن تحرير کي، اِن اُميد سان پڙهي ٿو ته اُن لاءِ هو پاڻ ذميوار هوندو، آءٌ نه!... علاوه ازين، آگاهه رهجي ته رني ڪوٽ جهڙي جناتي 'قلعي' ۾، محض ٻن ٽن ڪلاڪن جي قيام بعد، مون جهڙو ڪو ناچيز ليکڪ ڪجهه لکڻ چاهي ته بس ههڙوئي ڪجهه لکي سگهي ٿو.... ۽ ڀلا آءٌ شيءِ ئي ڪهڙي؟.... محض هڪڙو هالو چالو قلمڪار.... جنهن جي اوقات سُٽ ڪتڻ واري ڪاتار... ڪرسين واٽڻ واري ڪِرت ڪار... ۽ پوٽين پِچڻ واري پچار جيتري به ناهي، ۽ ايترو به آگاهه رهجي ته... هيءَ تحرير عزيزم ناشاد صاحب جي باربار اصرار تي، ۽ پنهنجي بي حد و حساب ريڊيائي مصروفيتن مان وقت ڪڍي "الل ٽپ" لکي ويني آهي.... منهنجي گرامي قدر پڙهندڙن مان جي ڪنهن کي ان ۾ ڪا ڳالهه وڻي ٿي ته... سبحان الله... ۽ جي نٿي وڻي ته يا بسم الله! (فيبروري ۲۰۰۴ع)



## علي احمد بروهي

جنم: ١١-نومبر ١٩٢٠ع      وفات: ٣٠-نومبر ٢٠٠٣ع

ماهتاب محبوب

# زندگيءَ جهڙو شخص - علي احمد بروهي

مون کي سال جي شروعات ۾ پڇاڙي کان سدائين ڏپ لڳندو آهي، ڇو جو بدقسمتي سان اسان جا ڪيترائي ويجها ۽ پيارا انهن ئي ڏينهن ۾ساٿ ڇڏي ويندا آهن. بروهي صاحب، علامہ قاسمي ۽ شمس سومري جو وڇوڙو سال جي پڇاڙي جو هڪ انتهائي ڏکيو ڏک آهي، جنهن ڇڻ سچي سنڌ ۽ سنڌي ادب کي درد ۾ ڏوڙي ڇڏيو آهي.

بروهي صاحب جو موڪليل آخري عيد ڪارڊ منهنجي ٽيبل تي اڃان بہ موجود آهي، پر ويساھ نٿو اچي تہ اهي لفظ جن مان ڪي ڏينهن اڳ تائين زندگي جي مهڪ پئي آئي، سي اڄ ڇڻ موت جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويا آهن ۽ هو زندگيءَ سان ڀرپور شخص اسان ۾ ناهي رهيو.... بهرحال، اِن حقيقت کان دوست تہ دوست، پر دشمن بہ انڪاري نہ ٿيندا تہ سنڌ ۽ سنڌي ادب جي مستقبل لاءِ هميشہ پُراميد رهندڙ بروهي صاحب جهڙا حوصلي مند ماڻهو پنهنجي بيباڪ ڪردار جي حوالي سان زندگيءَ ۾ توڙي موت پڇاڻان بہ پنهنجي قوم جي لاءِ هڪ وڏو ڏڍ ۽ آسرو هوندا آهن.

هر انسان جي زندگي ۾ ڪامياب تجربا، ترقيون، ناڪاميون ۽ نادانيون گڏ گڏ هلندڙ آهن. ذهين ڪان ذهين انسانن جي زندگي ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪي اهڙا تجربا شامل ٿيو وڃن جو ڪن لاءِ ٿي سهي ڪيس پنهنجو سمورو وجود ڪُن ۾ ڦيرائيون پائي غرق ٿيندي محسوس ٿيندو. شيخ اياز جهڙي انتهائي ذهين ماڻهوءَ تي بہ اهڙيون ڪي مهلون آيون پر ڏک کي پرپائڻ لاءِ اڪثر ڪلي چوندو هو ”وري بہ پاڻ کي خوش قسمت پائيندس جو زندگي ۾ ئي خدا منافقن جو اصلي چهرو ڏيکاري ڇڏيو، جنهن کي پنهنجي ڪوتاهي سبب سڃاڻي نہ سگهيو هئس. هاڻ گهٽ ۾ گهٽ هنن بابت ڪا خوش فهمي تہ نہ رهندي“.

جيئن اياز پڇاڙي وارن ڏينهن ۾” برسات“ جو ايڊيٽر ٿي ”دعائون“ لکڻ شروع ڪيون، تيئن ئي تنگ ذهن ماڻهن جا تير ۽ نشتر هن تي وسڻ لڳا هئا، پر هو مطمئن رهيو. ساڳيءَ ريت بروهي صاحب هڪ عرصي کان زندگيءَ جي طويل شاهراهہ تي هلندي اوچتو هڪ اهڙي موڙ ڏي مُڙي ويو جنهن جي خبر هئڻ جي باوجود بہ تہ ڪيس پٽر بہ لڳي سگهن ٿا، هو بي ڊپائي مان ان تي هلندو رهيو. هن عمر ۾ بہ هو انسان کي سنڌس اندر باهر سوڌو پرکي سگهڻ جي همت رکندڙ هو. حالتن سان مقابلو ڪري هن زندگيءَ ۾ هر چئلينج کي خوشدليءَ سان قبول ڪيو. ”متحده“ ۾ شامل ٿيڻ جي حوالي سان اهو فيصلو ڪيترن کي نہ آڙيو. پر اها بہ حقيقت آهي تہ انسان جي سوچ زندگيءَ جي ڪنهن بہ موڙ تي پاٽمرادو بدلجي سگهي ٿي. بروهي صاحب پاران ”متحده“ ۾ شامل ٿيڻ وارو فيصلو يقينن ان حقيقت جي ترجماني ٿو ڪري تہ هو سنڌ ۾ هلندڙ آئي ڏينهن جي جهيڙي جهٽي واري سياست ۽ ليڊرشپ کان بيزار هو. لاشڪ تہ سياست ۾ پير پائڻ وارو فيصلو ان ڪري بہ ڪيو هوندائين تہ جيئن هو سنڌ ۾ رهندڙ ٻنهي ڌرين(سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙن) جي وچ ۾ پيدا ٿيل ويڇا دور ڪرائي سگهڻ واري ڪوشش ۾ شامل ٿي سگهي ۽ اهڙو قدم کڻي بروهي صاحب لاشڪ تہ پنهنجو قومي ۽ اخلاقي فرض نڀاهيو. ان تي اگر ڪوئي اعتراض اٿاري ٿو تہ بيشڪ اٿاري پَر منهنجي خيال ۾ ان حقيقت کي هرڪو مڃيندو تہ بروهي صاحب سچي زندگي هڪ ”باضمير فرد“ رهيو آهي، ڪيس پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ جي نہ ڪوئي جرئت ڪري سگهيو آهي ۽ نہ ئي ڪير اهڙي دعويٰ ڪري ٿو سگهي.



علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

جنم: ٢٤-جون ١٩١٦ع    وفات: ٩-ڊسمبر ٢٠٠٣ع

**پروفيسر نذير قاسمي**

## منهنجو شفيق پيءُ

# علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي

سرزمين سنڌ جي مٽي سدائين کان زرخيز رهي آهي. اِن مٽيءَ ڪيترا علمي گوهر ۽ وڏيون ادبي شخصيتون پيدا ڪيون آهن. جن هن سونهاري سرزمين جو نالو سڄي دنيا ۾ روشن ڪيو آهي.

هن ڌرتيءَ جي نيڪنام ديني بزرگن جي آخري نشاني، سنڌ جي علم و ادب جي سڄاڻپ ۽ مختلف علمن جو شهسوار ۽ سڀ کان وڏيڪ منهنجو شفيق پيءُ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ ننڍي ڳوٺڙي "پنيو خان" (المعروف "رئيس جو ڳوٺ") ۾ پيدا ٿيو. سندس پيدائش واري سن جي حتمي ڄاڻ ڪانہ ٿي ملي، ڇو جو اُن دور ۾ رڳو پيدائش واري وقت وارن واقعن کي ذهن ۾ رکيو ويندو هو. ۽ بابا سائينءَ جي هر عمر شخصيتن جي ڳڻپ اُن دؤر جي ۽ ڪن مکيہ مستند واقعن سان ڀيٽ ڪئي وڃي تہ سندن ڄمار تقريبن اٺانوي ورهيہ ٿئي ٿي.

بابا سائين پنهنجي پيدائش سان لاڳاپيل هڪ دلچسپ واقعو ٻڌائيندا هئا. جنهن جي روايت سندن والد بزرگوار حاجي حافظ محمود کان آهي تہ "اڃان منهنجي پيدائش نہ ٿي هئي ۽ ماءُ جي پيٽ ۾ هئس تہ والد بزرگوار ميرو خان ۾ هڪ معتقد ۽ دوست وڏيري غلام قادر ٿنيي وٽ ٽڪيل هئا. سياري جي رات هئي جو اڌ رات جو اٿي ويٺا ۽ وڏيري کي چيائون تہ جلدي بيل گاڏي تيار ڪريو. جو ڳوٺ ويندس. جو مان خواب لڌو آهي تہ مون کي پٽ ڄائو آهي. جيڪو سنڌ جو هڪ وڏو عالم ٿيندو. جڏهن پاڻ گهر پهتا تہ پوءِ منهنجي ولادت ٿي. ننڍپڻ ۾ آءٌ ڏاڍو حرڪتي هوندو هئس. منهنجي والده مون کي ٻڌايو تہ تنهنجو پيءُ ٽوڪي چوندو هو تہ تون منهنجو عالم پٽ ٿيندين. پر خبر نہ آهي تہ منهنجو اِهو خواب سچو ٿئي يا نہ. اهو اِن ڪري جو هڪ پيري مون سندن هٿن مان تسبيح کسي ٻاهر ۾ اڇلائي ڇڏي هئي.

قاسمي صاحب کي چار پائر ۽ ٽي ڀينرون هيون ۽ پاڻ سڀ کان ننڍا هئا. ٽن ورهين جا هئا جو سندن والد گذاري ويو. سندس وفات کان پوءِ سندس تربيت والده ۽ ڏاڏي پياري خان وٽ ٿي، جنهن کي سندس ڳوٺائي دوست رئيس اڌل خان صلاح ڏني تہ پنهنجي هن پوٽي کي هاري بڻاءِ، جيڪو تنهنجو واهر ۽ مددگار ٿيندو. پر ڏاڏي دوست جي صلاح جي ابتڙ کين پڙهايو ۽ مولانا فتح محمد سيرانيءَ وٽ قرآن مجيد پڙهڻ لاءِ ويهاريو. تنهن کان پوءِ ميرو خان ۾ مولانا خوش محمد ميروخانيءَ وٽ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ٿي. پر اصل تعليم قنبر تعلقي جي ڳوٺ ڪور سليمان ۾ قائم مدرسي "دارالفيض" ۾ علامہ عبدالڪريم ڪورائي وٽ ٿي. مولانا ڪورائي مولاناً صديق ابڙائي جا ۽ مولانا صديق ابڙائي مولانا فضل الحق خيرآباديءَ جا شاگرد هئا. وڏا باڪمال عالم هئا. پر بنهہ سادا ۽ فقرائي طبيعت وارا. پنهنجي استاد لاءِ چوندا هئا تہ سندن پڙهائڻ جو انداز اهڙو هوندو هو جو ائين معلوم ٿيندو هو تہ جهڙوڪ انهن سمورن ڪتابن جا مصنف بہ پاڻ آهن. دستاربندي بہ مولانا ڪورائي وٽ ننڍي ڄمار ۾ ٿي ۽ سندن ذهانت جو اهو عالم هو جو مولانا ڪورائي وٽ پڙهندي پاڻ ٻين شاگردن کي بہ پڙهائيندا هئا. ۽ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو جو حضرت استاد وچ ۾ يا ڪنهن غلطيءَ تي کين تنبيهہ ڪئي هجي.

پنهنجي مطالعي ۽ حافظي بابت بابا سائين ٻڌائيندا هئا تہ سورنهن سترنهن ورهين واري ڄمار ۾ لاڙڪاڻي ڊويزن جون سموريون لائبريريون پڙهي ڇڏيون هئم ۽ حافظو اهڙو هو جو جيڪا تحرير پڙهبي هئي سا ذهن تان ميساربي نہ هئي ۽ اِن ڳالهہ جي شاهدي سندن دوست ۽ شاگرد بہ ڏيندا هئا. جو حياتيءَ جي پوين ورهين ۾ بہ ڪين نـنـڍپڻ جون ڳالهيون چٽيون ياد هيون. ساڳي ڄمار ۾ پاڻ قنبر تعلقي جي ڪانگريس جا وائيس پريزيڊنٽ چونڊيا ويا. تنهن کان پوءِ ضلعي وائيس پريزيڊنٽ. هيءُ اهو وقت هو. جڏهن "آزاديءَ واري تحريڪ" زور وٺي رهي هئي. هتي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ دارالعلوم ديوبند ويا. جتي مولانا حسين احمد مدني رح. مولانا اعزاز علي ۽ مولانا محمد ابراهيم بلياوي سندن اُستاد هئا. جن جي پوري هندستان ۾ علمي ساک هئي. دارالعلوم ديوبند ۾ داخلا لاءِ عام طرح امتحان جو شرط هوندو هو پر ڪور سليمان (سنڌ) ۽ پنجاب جي هڪ مدرسي مان پڙهي آيل شاگردن تي امتحان ۾ سختي نہ ٿيندي هئي ۽ ڪين آسانيءَ سان داخلا ملي ويندي هئي. دارالعلوم ديوبند ۾ نيت سفر جي رهي، جو جو سواءِ چند اُستادن جي ٻين اُستادن متاثر نہ ڪيو ۽ اهي سڀ علامہ ڪورائيءَ کان علميت ۾ گهٽ هئا. سفر واري نيت مولانا حسين احمد مدني رح جي سبق جي شروعات تي ختم ٿي. پنهنجي اُستاد مولانا مدني رح جي علميت، روحانيت، بزرگي ۽ دينداريءَ کان ايترو تہ متاثر ٿيا جو سندن هٿ تي بيعت ڪيائون. جڏهن تہ اِن کان اڳ مولانا حافظ غلام محمد دين پوريءَ وٽ بہ بيعت ٿيل هئي. پڙهڻ دوران نہ رڳو ٻين ساٿي شاگردن کي پڙهائيندا رهيا. بلڪ تاليف وارو ڪم بہ جاري رکيائون.

"ديوبند" مان فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ دهليءَ ۾ مشرقي علوم جا امتحان امتيازي نمبرن سان پاس ڪيائون ۽ اسڪالرشپ بہ حاصل ڪيائون. حڪيم جميل الدين جي "مدرسہ طبيہ" مان طب جو امتحان پهرئين نمبر سان پاس ڪيائون. تنهن کان پوءِ حڪيم ظفر احمد خان. جيڪو حڪيم اجمل خان جو ڀائيٽيو هو ۽ سندس جاءِ تي مطب ڪندو هو. تنهن جا پيشي طبيب ٿي رهيا.

دهليءَ مان واپسيءَ تي مدرسہ "دارالسعادت" گوري پهوڙ ۾ صدر مدرس مقرر ٿيا. جتي امام الانقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رح سان تفصيلي ملاقات رهي. اُن کان پوءِ مولانا محمد صادق ۽ مولانا دين محمد وفائي جي اصرار تي ڪڏي (ڪراچي) جي مدرسي "مظهر العلوم" ۾ شيخ الحديث ٿي رهيا. پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ مردم شناس ۽ علم جي پرک رکندڙ ۽ وڏو قدردان هو. سائين کين سنڌ مسلم ڪاليج (ڪراچي) ۾ اُستاد مقرر ڪيو. جتي پاڻ پرنسيپال هئا. اتي عربي، فارسي ۽ شاهہ ولي الله جو فلسفو پڙهايائون.

ڪراچيءَ واري دور بابت ٻڌائيندا هئا تہ اهو دور بہ نهايت سٺو هو. جو اُن دور ۾ لکڻ پڙهڻ جو گهڻو ڪم ٿيو ۽ برک علمي شخصيتن سان ملاقاتون بہ رهيون. جن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا دين محمد وفائي، مولانا محمد صادق کڏي وارو. مولانا محمد مدني، علامہ عمر بن محمد دائودپوٽو. پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي ۽ ٻيا شامل هئا. ڪراچيءَ ۾ قيام دوران مختلف ادارن سان تعلق ٿيو. جن ۾ سنڌ مدرسۃ الاسلام، سنڌ اطلاعات کاتو ۽ "نئين سنڌ" اخبار شامل آهن.

سندن زندگيءَ ۾ وڏي تبديلي تڏهن آئي جڏهن کين حيدرآباد اچڻ جو سڏ ٿيو. جتي شاهہ ولي الله اڪيڊميءَ جو قيام ٿي رهيو هو. پاڻ ڪراچي ڇڏي اچي حيدرآباد وسايائون ۽ اِن اڪيڊميءَ جا ڊائريڪٽر مقرر ٿيا ۽ اِن اداري سان سندن

غيرمعمولي ۽ مثالي تعلق، وڏيءَ اوستا جي باوجود بہ. سندن وفات تائين، جيئن جو تيئن قائم رهيو. پاڻ نهايت ضعيفيءَ جي باوجود بہ باقاعدگيءَ سان اِن اداري ۾ ويندا رهيا، جو اُن سان سندن روح جو رشتو هو.

شاهہ ولي الله اڪيڊميءَ ڪين مالي فائدو تہ نہ پر ذهني ۽ قلبي سڪون ضرور ڏنو. ڇو جو اِهو ادارو سندن روحاني مرشد حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلويءَ جي فڪر ۽ فلسفي کي عام ڪرڻ لاءِ قائم ٿيو هو. ۽ پاڻ اهو فلسفو پنهنجي بلند مرتبت اُستاد حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رح کان پڙهيو هئائون ۽ سندن چوڻ هو تہ اگر منهنجي ملاقات مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان نہ ٿئي ها تہ فلسفي، منطق ۽ علم الڪلام بابت جيڪي ڪجهہ پڙهيو هئم سو اڌورو رهجي وڃي ها.

اِها مولانا سنڌيءَ جي صحبت ۽ شفقت ٿي هئي، جنهن سندن زندگيءَ ۾ انقلابي تبديلي آندي. اڪيڊميءَ ۾ رهي شاهہ ولي الله جي فڪر ۽ فلسفي کي سنڌ توڙي پاڪستان ۽ دنيا ۾ ڦهلائڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪيائون ۽ شاهہ ولي الله رحہ جا تقريبن ۳۲ ڪتاب ترجما ڪري سنواري شايع ڪيائون، جهڙوڪ همعات، لمعات، ڪچڪول نامہ، تاويل الاحاديث، فتح الرحمان، سطعات، البدور بازغہ وغيره. اڪيڊميءَ جي گهٽ بجيٽ جي باوجود بہ ماهوار بہ رسالا "الرحيم" (سنڌي) ۽ "الولي" (اردو) ڪيندا رهيا ۽ اِن ننڍي اداري جو چراغ وسامڻ نہ ڏنائون. جڏهن تہ اِن عرصي ۾ ڪيترائي ادارا يا تہ بند ٿي ويا يا وري مختلف مسئلن جو شڪار ٿي ڪافي پوئتي رهجي ويا.

جڏهن سائين غلام مصطفيٰ شاهہ سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسيلر مقرر ٿيا تہ قاسمي صاحب کي سندن علمي مرتبي ۽ خدمتن جي اعتراف ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو اعزازي پروفيسر ۽ "پي.ايڇ.ڊي" نگران مقرر ڪيائون. سندن تقرر سنڌواسين ۽ سنڌي نوجوانن لاءِ اڳتي وڌڻ جا در کولي ڇڏيا ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ريسرچ مٿان طاري جمود کي ختم ڪيو. پاڻ سدائين نوجوانن توڙي وڏن کي همٿائيندا هئا ۽ سندن هر ممڪن رهنمائي ڪندا هئا. اِها سندن محبت ۽ شفقت ٿي هئي جو شاگردن جي هڪ وڏي انگ سندن نگرانيءَ ۾ ايم. فل ۽ پي.ايڇ.ڊي جون ڊگريون ماڻيون آهن. اهڙن شاگردن ۾ ڪي تہ چوٽيءَ جا اديب، شاعر ۽ ديني عالم بہ آهن، جڏهن تہ اهڙن پرڏيهي شاگردن جو تعداد بہ ڪو گهٽ ڪونهي، جيڪي سندن علميت جي هاڪ ٻڌي وٽن آيا ۽ علمي فيض پرايائون. سندن نگرانيءَ ۾ لکيل مقالا جيڪڏهن شايع ڪيا وڃن تہ اهي سنڌي، عربي ۽ فارسي ادب ۾ ڪارائتو اضافو ٿيندا ۽ اڳتي تحقيق ڪندڙن لاءِ وڏي رهنمائي ٿي پوندي.

سندن شخصيت کي "علماءَ گر" بہ چيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ سندن تدريس وارو طويل سلسلو آخر وقت تائين جاري رهيو. جيڪڏهن سندن اوائلي شاگردن کان ڳڻپ ڪئي وڃي جيڪي "عالم" بڻيا ۽ پوءِ انهن شاگرد عالم پيدا ڪيا تہ اهڙي نموني سان سندن حياتيءَ ۾ عالمن جون ست پيڙهيون اڏو اچن ٿيون. دلچسپ ڳالهہ اِها آهي تہ اهڙن شاگردن جو انگ بہ گهٽ ناهي، جيڪي سندن شاگردن جا شاگرد هجڻ کان پوءِ سندن شاگرد بہ رهيا. اهڙا شاگرد بہ ڪيترائي آهن، جيڪي پرڏيهي يونيورسٽين ۽ ٻين علمي ادارن ۾ درس و تدريس ۽ تحقيق وارو ڪم ڪري رهيا آهن.

پاڻ سنڌ جي ممتاز ادبي اداري "سنڌي ادبي بورڊ" جا ٻارنهن سالن تائين اعزازي چيئرمن بہ رهيا. اهو دور سنڌ لاءِ تمام ڏکيو دور هو ۽ بورڊ لاءِ ڪيئي مشڪلاتون پيدا ڪيون ويون. پر پاڻ وڏي همت ۽ دُور انديشي سان اِن اداري کي عتاب کان بچايو ۽ ترقي پڻ وٺرائي. انهيءَ عرصي ۾ بورڊ جي گرانٽ ۾ واڌارو ٿيو، آفسيٽ مشين يونٽ قائم ٿيو، شهر ۾ ڪتابن جي وڪري لاءِ بُڪ اسٽال قائم ڪيو ويو، اشاعتي سلسلي ۾ تيزي ۽ باقاعدگي پيدا ٿي، سنڌي لغت جي

پنهنجي علمي ڪم ۾ خاموشيءَ سان جنبيل رهيا ۽ هاڻ ڏسجي ٿو ته سندن علمي پورهيو ڪيترو نه گهڻو آهي!... مختلف ٻولين ۾ چاليهه کان مٿي ڪتاب ۽ ٻيو گهڻو اڻ ڇپيل مواد!

اهَا سندن قوت ارادي ئي هئي، جنهن جي آڌار تي پيرسنيءَ جي باوجود آخر تائين ڪم ڪرڻ تي آماده رهيا. پر ڪين پنهنجي نظر جي جهڪائيءَ جو ڏاڍو افسوس رهندو هو ۽ چوندا هئا ته اکيون نيڪ هجن ها ته اڃا به ڪم ڪريان ها. پر اِن جي باوجود آخر وقت تائين پنهنجي قائم ڪيل اداري شاهه ولي الله اڪيڊمي ويندا رهيا ۽ اڻ سڌي طرح ڪم ڪار ۾ مشغول رهيا.

مان جڏهن سندن حياتي ۽ ڪم تي نظر وجهان ٿو ته مون کي ڊاڪٽر الياس عشقيءَ جون چيل هي سٽون خاص طرح سان ياد اچن ٿيون، جيڪي سندن ذات سان نهڪيل آهن. "انسان جا ڪيترائي قسم آهن، پر عالم انسان جو بهترين قسم آهي، جيئن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم پاڻ فرمايو آهي ته مان "معلم اخلاق" بنائي اماڻيو ويو آهيان. ته اِن نموني سان عالم به رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جو نائب هوندو آهي ۽ سندس ذميواري تعليم آهي. علامه قاسمي پنهنجي سموري حياتي ان مبارڪ مشغولي ۾ گذاري ۽ سندن شخصيت هڪ تراشيل هيري جي مثل آهي، جنهن جي هر پاسي کان روشني پئي ڦٽي.



١١ آگسٽ ٢٠٠٢ع تي جڏهن "بزم روح رهاڻ" طرفان سائين حميد سنڌي پنهنجي گهر ۾ بابا سائينءَ سان هڪ خاص نشست جو اهتمام ڪيو هو تڏهن بابا سائينءَ جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. ان محفل ۾ وڏي تعداد ۾ پنهنجن پراڻن دوستن، عالمن ۽ اديبن، سائين ۽ سڄڻن کي ڏسي سرها ٿيا هئا. حميد صاحب بابا سائينءَ جي اعزاز ۾ نهايت يادگار ۽ پروقار علمي محفل برپا ڪئي هئي، جنهن ۾ سندن خدمتن تي تقريرون ٿيون ۽ ڪين عقيدت جو خراج پيش ڪيو ويو. حميد صاحب جي محبت آفرينيءَ تي ڪيس گهڻيون دعائون ڏنائون. سندن اعزاز ۾ اها آخري ادبي گڏجاڻي هئي.

هت اهو ذڪر ڪرڻ مناسب آهي ته بابا سائينءَ جي علمي خدمتن تي محترم تاج جويي وڏيءَ محنت سان هڪ ضخيم ڪتاب "عالمن جو آفتاب" ترتيب ڏنو آهي، جو محترم محمد عثمان منگي پنهنجي اداري "سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم" طرفان دلاويز انداز سان (٢٠٠٢ع) شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ بابا سائينءَ جي سڀني پهلوئن تي سير حاصل تذڪرو موجود آهي.

ان کان اڳ ١٨ سيپٽمبر ١٩٩٨ع تي سنڌ ميوزيم آڊيٽوريم ۾ "سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم" بابا سائينءَ جي تاجپوشيءَ جي حوالي سان هڪ سدا ياد رهندڙ ادبي اجلاس منعقد ڪيو هو، جنهن ۾ مقررين، سندن خدمتن تي روشني وڌي ۽ عقيدت جو خراج پيش ڪيو. اها تقريب به محترم محمد عثمان منگي منعقد ڪئي، جنهن ۾ سائين تاج جويو ۽ تنظيم جا ٻيا ساٿي سرگرم هئا.

خدا بابا سائينءَ کي مغفرت سان نوازي ۽ اسان سڀني کي سندن جدائيءَ واري صدمي سهڻ جي سگهه عطا فرمائي. (آمين)

خان محمد جروار

# "محبت جو مجسمو" - شيخ محمد اسماعيل

مشهور ڪهاڻيڪار جمال ابڙي پنهنجي آتم ڪهاڻي "ڪٿا"، "اونهي ڳالهہ اسرار جي" ۾ "خ" جي حوالي سان چئن اصولن جي ڪسوٽيءَ تي ڪنهن ماڻهوءَ جي پرک جو معيار ٻڌايو آهي، جيڪي ترتيبوار "خلوص"، "خيرخواهي"، "خدمت" ۽ "خلق" آهن. مانواري عالم ۽ مخلص ادبي خدمتگذار اُستاد شيخ محمد اسماعيل صاحب جي زندگي انهن چئني اصولن جو محور ۽ پيندار هئي. سندس زندگيءَ جي پوين پنجن سالن جي رفاقت ۾ مون کي سندس شخصيت جو ڪوبہ پهلو، انهن چئن نقطن کان خالي محسوس ڪونہ ٿيو ۽ منهنجي خيال ۾ انهن جو بنياد وري "محبت" آهي.

شيخ صاحب جي علمي ڪشالن جي صحيح تڪ تور تہ سندس همعصر ۽ اڪابر ئي ڪري سگهندا، البتہ سندس ادبي شاگرد جي حيثيت ۾ هتي جيڪي ڳالهيون بيان ڪيون وينديون، انهن مان گهڻين جو راوي شيخ صاحب پاڻ آهي.

٢١- جنوري ١٩٢٦ع تي حيدرآباد ۾ جنم وٺندڙ شيخ صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم ڀرپور نموني ۾ حاصل ڪئي. ورهاڱي کان اڳ، روايتي تعليم جي پڄاڻيءَ بعد شيخ صاحب چاهيو ٿي تہ پوليس ۾ ڀرتي ٿيان، پر پنهنجي والد جي خواهش جو مان رکندي مارچ ١٩٤٨ع ڌاري تعليم کاتي ۾ "اُستاد" جي حيثيت ۾ شموليت اختيار ڪيائين.

ان زماني ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، آمريڪا مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري وٺڻ بعد جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر مقرر ٿي پنهنجي علمي خدمت جو آغاز ڪيو، تڏهن سنڌي لوڪ ادب ۽ جامع سنڌي لغات جي تاليف جو ڪم پنهنجي ذمي ڪيائون، ان وقت کين هڪ اهڙي "مستقل" علمي مددگار جي ضرورت محسوس ٿي جيڪو لوڪ ادب ۽ ٻوليءَ جي نوعيت کي سمجهي سگهي. شيخ صاحب پاڻ جهڙي ساٿي مددگار ثابت ٿيو. جيئن تہ ان زماني ۾ شيخ صاحب جي نهج جا اُستاد پنهنجي ڄاڻ ۽ اهليت جي لحاظ کان وٺندڙ قابليت رکندا هئا، تنهنڪري ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان سلسلي ۾ ڪنهن "ابتدائي اُستاد" جون ئي خدمتون حاصل ڪرڻ ٿي گهريون. ڊاڪٽر بلوچ پاران رابطي ڪرڻ تي ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي پرنسپال، اتي زير تربيت "شيخ محمد اسماعيل" جو نالو تجويز ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ ١٩٥١ع ڌاري ڊاڪٽر صاحب جي شروع ڪيل مختلف علمي اسڪيمن ۾ بطور ڪارڪن مقرر ٿيو ۽ اڳتي هلي پنهنجي اَڻٿڪ محنت ۽ غيرمعمولي صلاحيت وسيلي سندس معاون / دست راست ثابت ٿيو.

مٿيون اسڪيمون ڊاڪٽر صاحب بنيادي طرح سنڌي ادبي بورڊ مان ئي منظور ڪرايون هيون ۽ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾ انهن لاءِ باقاعده آفيس قائم ڪيائون، جا اڳتي هلي "لغت آفيس" جي نالي مشهور ٿي. شيخ صاحب، اڳتي هلي ان آفيس جو انچارج مقرر ٿيو، جتي ٻيا بہ ڪيترائي ڪارڪن مصروفِ ڪار هئا. پنجاهہ کن سالن جي طويل عرصي ۾ جن عالمن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن، مختلف وقتن تي ڊاڪٽر صاحب وٽ ڪم ڪيو، تن جا نالا شيخ صاحب اسان کي ٻڌائيندو هو. انهن مانوارن ۾ محمد بخش واصف، سردار علي شاهہ، رشيد احمد لاشاري، عبدالڪريم سنديلو، اُستاد ابن حيات پنهور، اُستاد ولي محمد طاهرزادو، اُستاد محمد يعقوب ميمڻ، اُستاد محمد طالب لوهار، ممتاز مرزا، عزيز شيخ، غلام محمد ميمڻ ۽ ٻيا شامل آهن. ڊاڪٽر صاحب جي صحبت ۽ رفاقت دوران، مرڪزي آفيس ۾ ڪم ڪندي ڪيترائي پيرا شيخ صاحب ڊاڪٽر صاحب جي علمي ۽ مطالعاتي دورن ۾ بہ ساڻس همسفر رهيو ۽ ان طرح سگهڙن ۽ ڪلاڪارن سان ڪچهريون ڪندي پاڻ بہ گهڻو پرايائين، جنهن جي ثابتي ٻولي ۽ لوڪ ادب بابت لکيل سندس اهي مضمون آهن، جن مان



شيخ محمد اسماعيل

جنم : ٢١-جنوري ١٩٢٦ع

وفات: ٢٢-جنوري ٢٠٠٤ع

ائين محسوس ٿيندو آهي تہ ڇڻ ڪو سگهڙ پنهنجي ڪچهري ٻڌائي رهيو هجي. اهوئي سبب آهي جو ريڊيو ۽ ٽي وي تي لوڪ ادب ۽ لطيفيات بابت ڪچهرين جي سرواڻي بہ ڪيترن ئي ورهين تائين سندس حوالي رهي. نہ فقط ايترو پر هر سال ڀٽ شاهہ تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس جي انعقاد ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو سرگرم معاون ڪار رهيو.

شيخ صاحب جيئن تہ بنيادي طور استاد هو، تنهنڪري ڪيس پنهنجين ذميوارين ۽ ڀهراڙيـن سان لاڳاپيل هزارين استادن جي حقن جو گهڻو اونو هوندو هو، جن جي حاصلات لاءِ ڪين طرح طرح جي ڪشالن مان گذرڻو پوندو هو. وقت بوقت تبديل ٿيندڙ حالتن ۽ استادن جي مفادن جي خلاف انتظامي پاليسين کي نظـر ۾ رکنـدي مرحـوم جـان محمـد جمـالي "پ.ٽ.الف" (پرائمري ٽيچرس ائسوسيئشن) جو بنياد وڌو، جيڪا ڏسندي ئي ڏسندي استادن جي هڪ مضبوط نمائنده جماعت طور سامهون آئي، جنهن مختلف دؤرن ۾ استادن جي مسئلن ۽ سندن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ انتظاميہ سان ڪامياب ڳالهيون ڪري پنهنجن حقن جو مضبوط دفاع ڪيو. جيئن تہ شيخ صاحب مرحوم جمالي جو دوست ۽ بي باڪ ۽ سڄاڻ استاد هو، تنهنڪري اُن سلسلي ۾ تنظيمي پليٽ فارم تان اعليٰ عملدارن سان جيڪي بہ گڏجاڻيون ٿينديون هيون، شيخ صاحب انهن ۾ هميشہ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. پاڻ رٽائرمينٽ تائين حيدرآباد ضلعي جو صدر ۽ خزانچي بہ ٿي رهيو. سچو ۽ کرو ڳالهائڻ تہ شيخ صاحب جي سُـتيءَ ۾ پيـل هو، تنهنڪري پاڻ بناڪنهن هٻڪ جي اعليٰ آفيسـرن کي سامهون سچ چئي ڏيندو هو. ١٩٧٣- ١٩٧٦ع دوران تڏهوڪي صوبائي وزيرتعليم سان شيخ صاحب جـون ٿيـل جهڙپون تہ اڄ بہ اُن دور جي استادن کي ياد آهن، جنهن تي انن مهينن لاءِ ڪيس پنهنجي ملازمت تان بيدخل بہ ٿيڻو پيو.

شيخ صاحب اُن زماني ۾ جيئن تہ ادبي ميدان ۾ گهڻو پاڻ موکي چڪو هو، تنهنڪري سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ڪيس سنڌالاجيءَ جي تحقيق واري شعبي ۾ ملازمت لاءِ آڇ بـہ ڏنـي، جيڪا پاڻ قبول نـہ ڪيائون. شيخ صاحب، مرحوم جماليءَ جي وفات کان گهڻو وقت پوءِ ويندي جنوري ١٩٨٦ع ڌاري رٽـائرمينٽ تـائين، پ.ٽ.الف جي حقن لاءِ هڙان وڙان رت ست ڏيئي جاکوڙيندو رهيو.

اولڊ ڪئمپس واري "لغت آفيس"، جنهن کي "لٽريري بئنڪ" چئجي تہ غلط نہ ٿيندو، مان نہ صرف لوڪ ادب جي سهيڙ سٽاءَ ۽ جامع سنڌي لغات جي تاليف ممڪن بڻي، پر انهيءَ ئي آفيس مان سنڌ جي تاريخ، آثار قديمہ، لطيفيات، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي موضوعن تي ڪيترائي علمي خزانا نروار ٿيا. ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ جو اشاعتي سلسلو هجي يا مهراڻ آرٽس ڪائونسل جو طباعتي سلسلو. اسلام آباد / ڪراچيءَ جي علمي ادارن جو تحقيقي ڪم هجي يا سنڌالاجيءَ جي ڪا تحقيقي رٿا، ويندي علامہ آءِ.آءِ. قاضي تحقيقي اشاعت طرفان ڏهن ضخيم جلدن ۾ شاهہ جي رسالي جي جامع ۽ مستند اشاعت. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي سربراهيءَ ۾ شيخ صاحب گهڻو ڪري مڙني تحقيقي ڪمن ۾ سندس معتمد رفيق ڪار جي حيثيت ۾ پيش پيش رهيو. اِن طرح ايڊيوڪيشن فئڪلٽيءَ ۾ پڙهندڙ شاگرد، استاد، تـوڙي ڊاڪٽريٽ ڪندڙ اميدوار مواد جي حاصلات ۽ رهنمائيءَ جي سلسلي ۾ وٽانئس وقتا فوقتا پيا فيضياب ٿيندا هئا. علمي ادبي حوالي سان سندس شاگردن جو اهڙو هڪ وڏو انگ موجود رهيو آهي، جن پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ تمام وڏو نالو ڪڍيو. سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو ليکڪ ممتاز مرزا بہ سندس اهڙن شاگردن مان هڪ هو، جنهن جي ذهني آبياري شيخ صاحب جي علمي ۽ ادبي سخا جو نتيجو هئي، جيڪو پنهنجي ڪتاب "سدا سوئيتا ڪاپڙي" ۾ لکي ٿو تہ "منهنجي زندگيءَ ۾ ٽن ماڻهن جي وڏي اهميت رهي آهي، انهن ۾ شيخ محمد اسماعيل ڀهرئين نمبر تي آهي." سنڌي ٻولي، ادب، تعليم، تاريخ، آثار قديمہ ۽ ثقافت جي حوالي سان مثالي خدمتون انجام ڏيڻ تي سنڌ ثقافت کاتي شيخ صاحب کي ١٩٩٨ع ڌاري، ڀٽ شاهہ واري ميلي جي موقعي تي "لطيف ايوارڊ" سان نوازيو.

فيبروري ١٩٩٩ع ۾ "سنڌي لئنگئيج اٿارٽي" پاران شيخ صاحب جون خدمتون "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" لاءِ

حاصل ڪيون ويون. جيئن تہ شيخ صاحب، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي صحبت ۽ ڊڪشنري آفيس کي ڇڏڻ نٿي گهريو، پر ثقافت کاتي جي تڏهوڪي سيڪريٽري مسٽر حميد آخوند، اٿارٽيءَ جي تڏهوڪي چيئرمين الانا صاحب ۽ شيخ صاحب جي پاڇ ۽ اٿارٽيءَ جي اسسٽنٽ سيڪريٽري عبدالرحمان ميمڻ پاران گهڻي زور پرڻ تي ڊڪشنري آفيس کي الوداع چئي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ اچي انسائيڪلوپيڊيا جي ناهہ جوڙ ڪي لڳو. جتي اوائي سالن جي قليل عرصي ۾، سندس اڻ ٿڪ ۽ اڻاهہ محنتن سان هڪ هزار صفحن تي مشتمل پهريون جلد تيار ٿيو. (جيڪو هن وقت نظرثانيءَ جي مرحلن ۾ آهي.)

تعليمي ماهر جي حيثيت ۾ بہ شيخ جون خدمتون تحسين لائق آهن. پاڻ آخري دور تائين سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ پاران قائم ڪيل، نئين سر ڪتابن لکڻ واري پئنل ۾ بطور ميمبر جي شامل رهيو. اُن طرح، پهرين ڪان وٺي ٽئين درجي تائين جي درسي ڪتابن لاءِ لکيل سندس سبق اڄ بہ نصاب ۾ موجود آهن. بورڊ پاران اڪثر ڪتابن جي ايڊيٽنگ بہ شيخ صاحب جي ذمي هوندي هئي، جنهن کي پاڻ احسن نموني سان انجام ڏيندو رهيو.

شيخ صاحب ذاتي طرح نهايت ملنسار، خوش خلق، هردلعزيز ۽ باغ بهار طبيعت جو مالڪ هو. ڪاوڙ يا شڪوه شڪايت کان ڪوهين ڏور رهيو. نہ ڪڏهن ڪنهن کان رنج ٿيو ۽ نہ وري ڪنهن کي رنجايائين. مُک تي مستقل مُرڪ سندس بنيادي سڃاڻپ هئي. آءٌ تہ ننڍو آهيان، پر سندس همعصر ۽ وڏيءَ عمر جا سندس احباب يڪراءِ آهن تہ شيخ صاحب ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪونہ ڏکويو ۽ نہ وري پاڻ ڪڏهن ڪنهن لاءِ آرهائي ظاهر ڪيائين. مون سدائين ائين محسوس ڪيو تہ سندس زندگيءَ جو هڪ ئي مقصد آهي - "کِلڻ ۽ کِلائڻ". محبتي هجڻ سان گڏ مجلسي بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ڪيس سنگت ساٿ، ڪچهري ۽ محفل جو هجوم وڻندو هو ۽ اُن ۾ چرچن، ٽوٽڪن ۽ لطيفن سان بهاري لائي ڇڏيندو هو. ڪيس بي شمار لطيفا ياد هئا ۽ موقعي مهل سان انهن جو اظهار بہ سندس ئي ڏانءُ هو. پنهنجي سموري زندگي انهيءَ ئي نهج تي "زنده دليءَ" سان گذاريائين. سچي حياتي جيڪو غيرمعمولي ۽ مثالي علمي ۽ تحقيقي پورهيو ڪيائين، سندس زنده دلي ڪڏهن بہ ٿڪاوٽ ۽ بيزاري کي وٽس ويجهو اچڻ ڪونہ ڏنو. لاڳيتو شام ۽ رات تائين ڪم ڪرڻ سندس خاص شيوو رهيو ۽ اُن ۾ آخر تائين ناغو پوڻ ڪونہ ڏنائين. رب ڪريم ڪيس جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي. سندس عمل ۾ پيغام هو تہ "اڻٿڪ محنت ۾ ئي عظمت آهي ۽ اڻاهہ محبت کي ئي بقا آهي."

سنڌ جو هيءُ فقير طبيعت اُستاد ۽ عالم، پڇاڙي وارن ڏينهن ۾ هيپاٽائيٽس "سي" جهڙي موذي مرض ۾ ورتجي ويو. پاڻ هميشہ هڪ بيت جي سٽ جهونگاريندو هو تہ "جيسين هلائين، هادي رکج حفظ ۾". سو پاڻ زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين بہ ڪنهن جو مالي محتاج نہ رهيو. البتہ هٿ جي ڪشادگي وٽس سرس هوندي هئي، تنهنڪري اڪثر ڪري تنگدست رهيو. پر ڪنهن کان ڪجهہ گهرڻ کان هميشہ ڪيپائيندي چوندو هو تہ "جو ڪا ڳيا، سو چا ڳيا، جو ڇوڙ گيا، سو بوڙ ڳيا". سندس زندگيءَ جي ميڙي چونڊي ناياب ڪتاب آهن، جو "ڪتاب" ئي سندس زندگيءَ جو محور ۽ مرڪز رهيا. ٻن شادين جي باوجود بہ اولاد جهڙي نعمت کان مرحوم رهيو، تنهنڪري ننڍڙي عليم الله کي گود ورتائين، جيڪو هينئر شيخ صاحب جي ننڍي ڀاءُ ۽ ناميارِي صحافي شيخ عزيز جي نگرانيءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ زيرتعليم آهي. بيماريءَ جي بستري تي بہ شيخ صاحب جي خوش مزاجي ڪانئس رُسامو ڪونہ ڪيو. جڏهن بہ عيادت لاءِ وياسين، ڪيس کلندي ۽ کلائيندي ڏٺوسين، ۽ اهڙيءَ طرح کلندي کلندي ٢٢- جنوري ٢٠٠٤ع تي، پاڻ اسان کان هميشہ لاءِ جُدا ٿي ويو ۽ ڪيس ٽنڊي آغا قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

***



ڊاڪٽر شمس سومرو

جنم: ۱-جون ۱۹۵۴ع وفات: ۱۲-ڊسمبر ۲۰۰۳ع

سحر امداد

# ١٠-هين سارڪ رائٽرس ڪانفرنس، لاهور

# "...سدائين گڏ!"

١١-مارچ جي خوبصورت، خاموش صبح جو، سمنڊ جي گھميل هوائن جي هلڪي وٺندڙ ٿڌاڻ کي محسوس ڪندي، آءٌ ڪراچيءَ جي خاموش ۽ پرسڪون رستن تان سانول ۽ سَني سان سنگ سنگ گذري رهي هئس. ڪراچيءَ جي ويڪرن، ڪشادن ۽ صاف سٿرن رستن ٻانهون ڦهلائي چڻ اسان جو استقبال ڪيو ۽ مان دور ماضيءَ ۾ ڪٿي ليئا پائڻ لڳس.... جڏهن ڪراچيءَ جا رستا روز صبح جو ڌوپجندا هئا، مون پنهنجي ڏاڏيءَ جي روشن اکين مان ئي اُهو سڀ ڪجهه ڏٺو هو.... پر خود منهنجي ننڍپڻ جي ڪراچي ڪيڏي نه خوبصورت ۽ ڪيڏي نه حسين هئي، ۽ مان پُوريل اکين سان اهو سڀ ڪجهه پسان ٿي. اوچتو گاڏيءَ جي بريڪ سان منهنجي يادگيرين کي به بريڪ لڳي ٿو، ۽ جناح ٽرمينل جي لابيءَ ۾ امداد ۽ سني کان موڪلايان ٿي. ايئرپورٽ تي ڪراچيءَ کان حيدرآباد تائين ويندڙ ائرڪنڊيشنڊ ڪوچ جي سيٽن کان به خراب سيٽن وارو جهاز اسان کي لاهور وٺي وڃڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. جهاز ۾ گهڙندي ئي پهرين سيٽ تي ويٺل چهرو مون کي ڪجهه شناسا لڳي ٿو. دل ٿئي ٿي ته اُن سان ڪجهه 'هلو هاءِ' ڪجي، پر في الحال مان صرف پنهنجي سيٽ تائين پهچڻ چاهيان ٿي، سو اڳتي وڌي ٿي وڃان.

هن جهاز ۾ ويٺل سڀ چهرا پنجن پاڻين جي ميلاپ جي خبر ڏين ٿا، اُنهن سمورن چهرن ۾ شايد هڪ منهنجو ئي چهرو مختلف هو، يا وري ڊاڪٽر عشرت حسين جو چهرو، جنهن سان پڻ هڪ مختصر ملاقات ٿي. اصل ۾ مون کي اعتبار نٿي آيو ته اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر ۽ اڪانامي ڪلاس ۾! ڊاڪٽر عشرت مون سان صاف سٿري سنڌيءَ ۾ ڳالهايو، مون کي سچ پچ ڏاڍي خوشي ٿي. ڊاڪٽر صاحب کي ڏهين سارڪ ادبي ڪانفرنس ۾ منهنجي شرڪت ۽ سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ تي خوشي ٿي. هن منهنجي شعري مجموعي "چوڏهينءَ چنڊ آڪاس" کي ڏسي ساراهيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جون خبرون چارون ٿيون ۽ وري ڪڏهن ملڻ جو چئي علامه اقبال ٽرمينل لاهور تي اسين الڳ الڳ ڏسن ڏانهن مُڙي ويا سين.

ٻاهر نڪتيس ته "پروفيسر سحر امداد" جو ڪارڊ ڪٽي بيٺل شخص کي هٿ لوڏيم. هن وڌي اچي منهنجي بيگ ورتي ۽ مون کي سائيڊ تي بيهڻ جو اشارو ڪري، بيگ موو (Move) ڪندو وري وڃي اُتي ئي بيٺو. پهرين ته مون سمجهيو ته شايد پشاور جي فلائيٽ به ترت ئي رسڻي آهي، ۽ هو پشتو شاعره حسينه گل لاءِ بيٺو آهي، پر پوءِ انهن بيٺي بيٺي خيال آيم ته، ڪٿي هو ڊاڪٽر آصف فرخي ۽ زاهده حنا لاءِ ته ڪونه بيٺو آهي، سو وڌي وڃي ڪائنس پڇيم ۽ ڪيس ٻڌايم ته اُهي ٻئي شام جي فلائيٽ ۾ ايندا.

هوٽل جي آرامده گاڏي لاهور جي صاف سٿرن، ويڪرن ڪشادن ۽ بنا رش وارن رستن تي ڊوڙڻ لڳي. لاهور جي

خوبصورت رستن جي ٻنهي پاسي ساوڪ ۽ رنگين گلن جي گلڪاري ائين ٿي لڳي ڄڻ اندلٺ ڌرتيءَ تي لهي آئي هجي. ڪيڏو نه بدليل لاهور منهنجي اکين آڏو هو- هڪ ماڊرن شهر جو ڏيک ڏيندڙ لاهور! ڊرائيور سموري واٽ مون سان لاهور جي رستن، جاين ۽ اهم عمارتن جو تعارف ڪرائيندو هليو. لاهور جا نقش نگار ڪٿي ته مون کي جدي (Jeddah) جهڙا ٿي لڳا ته، ڪٿي اُهو ڪراچيءَ جهڙو ٿي ڏسڻ ۾ آيو، ته ڪٿي مون کي حيدرآباد وانگي ٻنهه شناسا شهر ٿي لڳو.

هوٽل پهچي، ڪائونٽر تي چيڪ-اِن ٿيندي ئي، مون اسٽرابيري فريش جوس جي سِپ پريندي منتظمين جي پڇا ڪئي، ته خبر پيئي ته اجهو هينئر اُهي "الحمرا" وڃي چڪا آهن. بهرحال، آءٌ ته ڪمري ۾ وڃي سمهي پيس، چئين سوا چئين وڳي ڌاري ڪنهن ڪمري جي در کي هلڪو ناڪ ڪيو، در کوليم ته سامهون حسينه گل اڇي چڪن جي چادر ۾ ويڙهيل سيڙهيل بيٺي هئي. هن چهري تان نقاب ٻه اُتي اڇي هٽايو هو. اسين هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي اُڪير مان مليا سين. اسين هڪ ٻئي سان اڳ ۾ ملي ٻه چڪا آهيون ۽ هڪ ٻئي کي ٻُڌي ٻه چڪا آهيون، ان ڪري اسين ٻيئي هڪ ٻئي لاءِ اجنبي مُور نه هئاسين. حسينه گل کي چيم: مان شاور وٺان ته پوءِ گڏجي هلون ٿا ڪافيءَ جو ڪپ پيئڻ. شاور وٺي، فريش ٿي، ڊائننگ هال ۾ آيا سين- ته اُتي اڪادمي ادبيات لاهور جي جميل اسان جو استقبال ڪيو- ۽ هن ئي ٻڌايو ته هتي جا اديب هندوستاني اديبن کي وٺڻ لاءِ واهگا بارڊر ويا آهن- بس اِجهو اينداڻي هوندا. اسان سئنڊوچ ۽ ڪافي وٺي واندا ٿيا سين، ته ڏٺوسين گلن جا هار پاتل ڪجهه ماڻهن جي جهڳٽي ۾ ڪشور ناهيد لفٽ مان ٻاهر آئي- اسين ٻه اڳتي وڌيا سين. ڪشور ناهيد وڏي محبت سان گلي ملي ۽ چيائين: اسان کي هوٽل ڪائونٽر وارن ٻڌايو ئي ڪونه، اوهان کي ٻه واهگا بارڊر تي هِنن کي رسيو ڪرڻ لاءِ وٺي هلڻو هو. بهرحال هڪ ٻئي سان ملڻ جو، ۽ تصويرن نڪرڻ جو هڪ سلسلو شروع ٿيو ۽ ائين اجنبي چهرن سان شناسائيءَ جو هڪ سلسلو هليو. نصرت شيخ سان فون توڙي موبائل تي ٿيل رابطا هڪ رشتي ۾ بدلجڻ شروع ٿيا. هن سنهڙي سيپڪڙي ڇوڪري پنهنجي نازڪ ڪلهن تي ڀاري ڀرڪم ذميواريون کنيون هيون. چانهه جي دَوُر ڪان پوءِ هن



سارڪ ملڪن-انڊيا، بنگلاديش، ڀوٽان، پاڪستان، سري لنڪا، مالديپ ۽ نيپال-- مان پهتل وفدن جي پاڻ ۾ پهرين خوشگوار ملاقات

ڪوسٽر تي واپسيءَ ۾ هوءَ پنجابين کان وڌيڪ سُريلا پنجابي ڪلام ڳائي سگهي ٿي- هن کان رابيندرناٿ ٺاڪر (ٽئگور) جو بنگالي ڪلام ساڳئي بنگالي accent ۾ ٻڌي زبيده گلشن آرا وسريو وڃي.

١٣-مارچ تي لاهور جيمخاني کان ڊنر تي واپسيءَ تي آءٌ، زاهده حنا ۽ رينوڪا جي روم ۾ وڃي ويهان ٿي ۽ پنهنجي شولڊر بيگ مان ٽيپ ريڪارڊر ڪڍي سامهون ٽيبل تي رکان ٿي- زاهده حنا مذاق جي انداز ۾ رينوڪا کي چئي ٿي ته "تون اسان جي ملڪ پڪراج آهين." ۽ رينوڪا ملڪ پڪراج وانگيان هٿن جي لهرن سان آلاپي ٿي: "اپي تو مين جوان هون...." حفيظ جالنڌريءَ جو خوبصورت ڪلام رينوڪا ڏاڍي رچاءُ سان ڳائي ٿي ۽ اوچتو رينوڪا مون کي حيرتن جي سمنڊ ۾ لوڙهيو ڇڏي، جڏهن هوءَ شُڌ سنڌيءَ ۾ "ڏاچيءَ واليا موڙ مهار وي، هو ڏاچي واليا موڙ مهار وي..." آلاپي ٿي. هوءَ لٽريچر، ڪلچر، تهذيب ۽ تاريخ تي وڏي دسترس رکي ٿي- هن جون تحريرون ڪيترائي پاڪستاني انٽرنيٽ تي پڙهن ٿا ۽ ساراهين ٿا.

بقول اجيت ڪور، "بنگالي بلبل" زبيده گلشن آرا، رابيندرناٿ ٺاڪر (ٽئگور) جو دلگداز ڪلام ۽ نذرالاسلام جو جوشيلو ڪلام ٻڌائي ٿي، ته انسان جي دل ساڳئي وقت گداز ۽ جوش سان پرجيو اچي. هن جا بنگالي ڪلام مون کي ڏور ماضيءَ ڏانهن ڌڪي وڃن ٿا، جڏهن پنهنجي ٽين ايج ۾ دريا جي مٿاڇري تي ترندڙ ٻيڙيءَ ۾ "پوريا" ڳائيندڙ ۽ ونجهه هلائيندڙ مانجهيءَ جا آلاپ منهنجي رڳن مان روح ڇڪي وٺندا هئا، ۽ مون کان ساهه کڻڻ ئي وسري ويندو هو. جڏهن حيدرآباد جي ريشم ڳليءَ ۾ بنگالي "ڪانجي ورم" جون ساڙهيون هٽي جي لوڪل ڪپڙي جي جوڙي کان به وڌ سستيون ملنديون هيون- ۽ مون پنهنجي Teens ۾ ساڙهيون پائڻ شروع ڪيون هيون: ڪانجي ورم جون ساڙهيون- ۽ مان تصور ۾ پاڻ کي ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي شاگرديائي سمجهندي هئس. تڏهن جڏهن مان ريڊيو پاڪستان تان بنگالي سيکارڻ وارو پروگرام خاص طور سان ٻڌندي هئس ته جيئن مان ٽئگور کي رڳو W.B.Yeats جي ڪيل ترجمي ۾ نه، پر هن جي پنهنجي "ماتر ڀاشا بنگلا" ۾ پڙهي سگهان، سمجهي سگهان ۽ محسوس ڪري سگهان، ته هن جي سٽ سٽ، لفظ لفظ، اکر اکر ڪيئن ٿو روح جي تارن کي ڇُهي... بنگال جي جادوءَ کي مان خود تي گذرندي، خود محسوس ڪيان... پر هي ظالم وقت!

ساڳيو ظالم وقت اڄ ڪيتري قدر مهربان آهي- مان ٽئگور کي ٻُڌان پئي ۽ اُن جي جادوءَ ۾ جڪڙجان پئي- مان زبيده ۽ رحيم جي بنگالي ڳالهه ٻولهه مان معنيٰ جا موتي جهٽيان ٿي، ۽ بنگاليَ لهجي ۾ ويڙهيل لفظن جا سمورا وڪڙ کولي اُن کي سنڌيءَ ۾ آڻي سامهون ٻيهاريان ٿي- ۽ هوءَ حيران ٿئي ٿي- ۽ اسين هن پوري خطي جي ٻولين جا Roots ڳولڻ لڳون ٿا. پر ڇا اها اسان تي صرف وقت جي مهرباني آهي؟ ان مهربانيءَ ۾ ڇا انسانن جو ڪو هٿ ناهي؟ يقيناً اجيت ڪور ١٩٨٧ع کان هڪ خواب اُڻڻ شروع ڪيو هو. اُن سپني کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ هو ڪٿي ڪٿي، ڪيئن ڪيئن وڙهي هئي- اِها ڪمائي هوءَ هر پيري، ورائي ورائي ٻڌائي ٿي. ان خواب کي هٿي آڻي حقيقت جي روپ ڏيڻ ۾ ڪشور ناهيد جي غير مشروط محبت به شامل آهي- ته افتخار عارف جو افتخار به شامل آهي- ته ڊاڪٽر فوزيه سعيد جي ايڊ جو به گهڻو عمل دخل آهي، ته نصرت ۽ محسن جن جي محنت ۽ اوجاڳا به شامل آهن- ۽ ان ۾ اجيت ڪور جو شهزادو احمد فراز به شامِل آهي ۽ احمد نديم قاسميءَ جون دعائون به شامل آهن- ۽ شامل هجڻ وارن ۾، انهن سپني سان وک سان وک ملائيندڙن ۾ انتظار حسين به آهي، منو ڀائي، شعيب هاشمي، سليمه هاشمي، ڊاڪٽر انور سجاد، نيلم احمد بشير، جاويد شاهين، فرخنده لوڌي، عبدالله حسين، شائسته، وحيد احمد، افضل توصيف، نيلم حسين، ثمينه رحمان، منصوره احمد، ڊاڪٽر روبينه ترين، نسرين انجم ڀٽي، امتياز عالم، مستنصرحسين تارڙ، مسعود اشعر، ثروت محي الدين، حسينه گل، حڪيم بلوچ، ڊاڪٽر آصف فرخي، زاهده حنا ۽ مان- ۽ اسين سڀ قدم سان قدم ملائي هلندا رهياسين- ۽ قافلو ٺهندو ويو.



ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس ۾ همه تن گوش سامعين

پاڪستان ۾ "سارڪ اديبن جي ڪانفرنس" ٽيڻ هڪ وڏو واقعو هو. ١٢-مارچ جي صبح "الحمرا" جي ڳاڙهين سرن جي ٺهيل، قلعي نما خوبصورت عمارت جي خوبصورت آڊيٽوريم ۾ ستن ملڪن جي ننڍڙن رنگين جهنڊن جي وچ ۾ رکيل خوبصورت رنگارنگ گلن جو "ٻڪي" اڄ جو استعارو بڻجي ويو هو. سڀ کان پهرين ڪشور ناهيد هال ۾ ويٺل سمورن اديبن کي اسٽيج جي ڀرسان پاسن تي لڳل وڏي فريم ٺيل پني تي "امن" لاءِ صحيح ڪرڻ جي وينتي ڪئي. اسٽيج جي هڪڙي پاسي احمد فراز پنهنجي شعر ۽ آٽوگراف سان "امن لاءِ دستخط" جي ابتدا ڪئي ته ٻئي پاسي افتخار عارف پنهنجي شعر ۽ صحيح سان امن جي سفر جو آغاز ڪيو. زبيده گلشن آرا انگلش ۾ امن جي دعا ڪئي ته مون "عالمي امن ۽ سلامتيءَ" جي حوالي سان دنيا جو خوبصورت ترين شعر اُتي لکيو- شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ چيل اهو شعر دنيا جي امن جو اعليٰ ترين منشور آهي:

"سائين! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!"

سموري دنيا جي سُک ۽ سلامتيءَ جو اهو خواب شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اڄ به زنده آهي.

آڳاٽي دور جي ڏندڪٿائن موجب، هي ڪائنات ستن سمنڊن، ڌرتيءَ جي ستن تهن، ستن آسمانن، ستن ڏينهن ۽ ستن سُرن جو تال ميل آهي- ۽ اُن ڏينهن اسٽيج تي ستن ملڪن جي ستن جهنڊين ۽ ستن نمائندن جو هجڻ هڪ حسين استعارو ٿي لڳو. اسٽيج تي بنگلاديش جي نمائندگي عبدالرحيم (Abdur Rahim) ٿي ڪئي، ڀوٽان جي نمائندگي تِشرنگ دورجي (Tashering Dorji) ٿي ڪئي، انڊيا جي نمائندگي سارڪ اديبن جي انجمن جي صدر اجيت ڪور (Ajeet Cour) ٿي ڪئي، مالديپ جي عباس ابراهيم (Abbas Ibrahim)، نيپال جي ابِي سُبيدي (Abhi Subedi)، پاڪستان جي نمائندگي ڪشور ناهيد (Kishwar Naheed) ٿي ڪئي ۽ سري لنڪا جي نمائندگي ابيسڪرا تِسا (Tissa Abeysekara) ٿي ڪئي،

پڇاڙيءَ ۾ محترمه زبيده جلال کي سڏيو ويو، جنهن جو مڪمل سهڪار سارڪ اديبن جي ڪانفرنس کي حاصل هو. مان جڏهن به بلوچڻ گهگهو پاتل، اُن پڙهيل ڳڙهيل ٻروچياڻيءَ کي ڏسندي آهيان، ته منهنجو ڳاٽ فخر کان اوچو ٿي ويندو آهي- چو ته اُن فخر جو ڪجهه حصو مون ڏانهن به اچي ٿو. زبيده جلال بلوچستان جي ذهين ماڻهن جي پاڪستان ليول تي نمائندگي ڪري ٿي- پر هوءَ پنهنجي انفرادي حيثيت ۾ پڻ هڪ عظيم خاتون آهي. هن ڪسرنفسيءَ جو مظاهرو ڪندي چيو:

"ايترن پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جي وچ ۾ ڳالهائيندي آءٌ ڪجهه نروس پئي ٿيان. مون کي يقين آهي، اِهي هيترا علم ۽ ادب جا صاحب هتي ويهي محض زباني جمع خرچ نه ڪندا، بلڪ ڪجهه عملي ڪم به ضرور ٿيندو. اسين سڀ امن ۽ اخوت چاهيون ٿا. اسان سڀني کي گڏجي امن، محبت ۽ سک سلامتيءَ سان رهڻو آهي. اسان سڀني کي گڏجي سڏجي غربت، بُک، بدحالي، نسلي مت ڀيد، سماجي تنزلي ۽ انساني حقن جي بحالي لاءِ وڙهڻو آهي. اديب هڪ سماجي اڳواڻ به آهي. اسان کي اهو به ڏسڻو آهي ته هُو ڪنهن جي پاسي آهي؟ ڇا هو جنگ ۽ لڙائي جهڳڙي جي پاسي آهي، يا هُو امن جو طرفدار آهي! هڪ اديب جي زندگيءَ جو مقصد يقيناً امن جي طرفداري ئي آهي. آءٌ دعا ڪريان ٿي ته سارڪ جي اديبن جو هي ميڙاڪو هن پوري علائقي لاءِ امن ۽ سُک آڻي."

افتتاحي اجلاس کي ڪشور ناهيد ڏاڍي سهڻي نموني ڪنڊڪٽ ڪيو. منجهند جي ماني برٽش ڪائونسل پاران لاهور جي هڪ خوبصورت هوٽل "وليج" ۾ هئي. ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ ڏيئن ۽ لالٽينن جي روشنيءَ ۾ ڪاڏي جي ايتري ته ورائٽي هئي، جو مون جهڙي ٿور-کائو رڳو شيون ڏسي پيٽ ڀريو. اصل ۾ اُنهن لنچز ۽ ڊنرس پڻ اديبن جي ويجهڙائپ کي وڌايو- ۽ هِتي گهڻو ڪري کائڻ کان وڌيڪ ڳالهائڻ کي ترجيح ٿي ڏني سيني- نه ته هتي اسان جي ڪانفرنسن ۾ مون ماڻهن کي کاڌن تي ائين ڪرندي ڏٺو آهي، جو ڪنڌ شرم کان جهڪيو وڃي! اُتي اُهو سڀ اُنهن جي Socialization جو ئي حصو هو.



- يڪجهتي ۽ باهمي محبت جو هڪ يادگار لمحو -

"وليج" جي ٻاهران ڪشور ناهيد، ڊاڪٽر رميش چندرا، سحر امداد، اجيت ڪور، احمد فراز، اشوڪ ڪوشي ۽ زبيده گلشن آرا.



سارڪ اديبن/شاعرن جي تخليقي رچنائن واري نشست ۾ سحر امداد "سنڌي شاعري" پڙهندي

جي ٻه ذاتي چوندا ناهي. نئين دور جون پيڙائون ڪيترين نئين نيون ۽ مختلف چونه هجن، پر هڪ اديب جو رول ريڊيڪل انداز ۾ بدلائي نٿو سگهجي. وقت ۽ حالتون اديب جي موضوعن کي بدلائين ٿا، پر هن جون ذميواريون نٿيون بدلجن- هن کي لکڻو آهي ۽ سنو لکڻو آهي. پهرين مهاڀاري جنگ وقت هينري جيمس جهڙي مهان اديب جو ڪردار هڪ مثالي ڪردار آهي ۽ زندگي، جي اندوهناڪ لمحن ۾ هُو اسان لاءِ مثال هئڻ گهرجي. اسان جهڙين قومن کي پنهنجين اکين سان پين جا خواب ڏسڻ سيڪاريو ويندو آهي- ۽ اهو جبر هتي جي اديب کي ٻه ڀوڳڻو پئي ٿو. اهو اسان تي منحصر آهي ته اسين اُنهن لاءِ هڪ نئين لليتا (Lolita) بڻجون ٿا. يا اسين ان مڙهيل ۽ ٿاڦيل ڪان انڪار ڪيون ٿا ۽ پنهنجي شناخت پايون ٿا. اشوڪ واجپائي جي صدارتي خطبي سان اهو سيشن پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو. اُن سيشن کي ڪنڊڪٽ ڊاڪٽر انور سجاد ڪيو. چوٿون سيشن "زميني حقيقتن جي تخليقي ادب ۾ تصويرڪشي" جي موضوع تي هو. اُن ۾ مختلف ملڪن ۽ علائقن جي اديبن ۽ شاعرن کي پنهنجي تخليقات پيش ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي. اُن سيشن جي صدارت بهاءُ الدين ذڪريا يونيورسٽي ملتان جي اردو، جي پروفيسر ڊاڪٽر روبينه ترين ۽ اڪادمي ادبيات جي چيئرمن افتخار عارف ڪئي. ان سيشن ۾ بشنو مهاپاتري پنهنجي مادري ٻولي اُڙيا ۾ پنهنجي خوبصورت شاعري ۽ ان جو انگريزي ترجمو ٻڌايو. نيپال جي ابي سُبيدي، ڀوٽان جي تشرنگ دورجي پڻ پنهنجي شاعري ٻڌائي. شميم حنفي، ڪونر نرائن (Kaunr Narayan) هندي ۽ اردو، ۾ پنهنجي شاعري ٻڌائي. منصوره احمد پڻ پنهنجو نظم ٻڌايو. ڊاڪٽر وحيد پنهنجو خوبصورت استعارن سان سينگاريل نظم ٻڌايو- ۽ هن پنهنجي شاعري، جي هڪ مختصر چوند انگريزي ترجمي سوڌي هتي وراهي پڻ. نسرين انجم ڀٽي پنجابي، ۾، حسينه گل پنهنجي پشتو شاعري ۽ اُن جو نثري اردو ترجمو ٻڌايو. مون سنڌي، ۾ پنهنجي چوند شاعري ٻڌائي، هڪ نظم انگريزي ترجمي سان ۽ هڪ اصل اردو، ۾ لکيل نظم "نيرون ڪوٽ" ٻڌايو. ڪمليشور، زاهده حنا ۽ عبدالرحيم پنهنجي ڪهاڻين جا ٽڪرا ٻڌايا. هن سيشن جي صدر افتخار عارف تقرير ڪرڻ بدران پنهنجي خوبصورت شاعري ٻڌائي. ان نشست کي خود ڪشور ناهيد ڪنڊڪٽ ڪيو. باغ جناح جي حسين مرغزار ۾ منجهند جي ماني صغريٰ امام، سوشل ويلفيئر جي وزير جي

هندستان ۽ پاڪستان جي حڪومتن پاران امن لاءِ ڪيل ڪوشش جو آڌرڀاءُ ڪيو ويو. سارڪ ملڪن جو ادب هڪ ٻئي جي ٻولين ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ اديبن ۽ دانشورن جي تعاون تي زور ڏنو ويو. هن خطي جون عورتون گهڻي ظلم ۽ استحصال جو شڪار آهن، ان ڪري نسائي تحريڪ کي مضبوط بڻائڻ جو عزم ڪيو ويو. ڪتابن، رسالن، ڇپيل مواد، اليڪٽرانڪ ميڊيا جي پروگرامن جي مفت يا گهٽ اگهه تي ترسيل کي ممڪن بڻايو وڃي، جيئن ادبي مٽاسٽا آسانيءَ سان ٿي سگهي. اديبن ۽ شاعرن کي ويزا جي پابندين کان آجو ڪيو وڃي، جيئن هو سارڪ جي سموري خطي ۾ آزاديءَ سان اچي وڃي سگهن.

آخري سيشن کي پريزيڊيم ۾ ويٺل رميش چندرا (Ramesh Chandra) ، نامور سنگهه (Namwar Singh)، اجيت ڪور (Ajeet Cour) ۽ هن هيڏي وڏي پروگرام کي ڪاميابيءَ سان پار پهچائيندڙ پاڪستاني ميزبان ڪشور ناهيد ڳالهايو- ۽ اُن ڏينهن ڪشور ناهيد دل جون ڳالهيون ڪيون. هن اُنهن سمورين مشڪلاتن جو پوتاميل بيان ڪيو، جن مان گذري هي ڪانفرنس هڪ حقيقت بڻي. هن اُنهن سڀني دوستن جو گهڻي محبت سان ذڪر ڪيو، جن جي سهڪار کان سواءِ هي ڪانفرنس برپا ڪرڻ جو خواب اڌورو رهي ها. ۽ اُن ڏينهن هال ۾ پرزور فرمائش تي ڪشور ناهيد نظم پڻ ٻڌايو. اجيت ڪور آخر ۾ چيو ته خدا حافظ لاءِ گجراتيءَ ۾ هڪ ڏاڍو سهڻو لفظ آهي "آوَجو" يعني ايندا سين. ائين ئي بنگالي ۾ پڻ هڪ لفظ آهي "آشون" ، سو ان ڪري خدا حافظ يا موڪلائي ناهي... وري ملنداسون!

چانهه پي گهڻن هڪ ٻئي کان موڪلايو. ڇپاڙڪيون رهجي ويل تصويرون نڪتيون. اُن کان پوءِ سارڪ جي سٺن ئي ملڪن جي اديبن هٿ هٿ ۾ ڏيئي "امن لاءِ مارچ" ڪيو. ان ڏينهن مارچ ڪندڙ اديبن جو رڳو هڪڙو ئي نعرو هو: "We want Peace" "امن کپي" چوندڙ- اجيت ڪور جا "امن جا ڪبوتر" لاهور آرٽس ڪائونسل کان چيئرنگ ڪراس تائين مارچ ڪن ٿا. واپسيءَ تي هڪڙي ڪوسٽر انارڪلي وئي. هڪڙي هوٽل تي آئي. بنگلاديش جي وفد کي اُن رات ئي روانو ٿي وڃڻو هو، ان ڪري آءٌ زبيده گلشن آرا سان گڏجي سندس روم ۾ ويس ۽ هن سان هڪ مختصر ڳالهه ٻولهه ۽ ڪجهه بنگالي گيت ريڪارڊ ڪيم. اُن رات جي ڊنر الحمرا جي خوبصورت لان ۾ پنجاب حڪومت پاران ڏنل هئي. اُتي هڪ مختصر ميوزڪ جو پروگرام پڻ هو. اُتي اسد امانت علي انتهائي خوبصورت پرفارمنس ڏني. اُن رات پڻ ڪجهه نون ماڻهن سان ملڻ جو شرف حاصل ٿيو، خاص طور سان ڊاڪٽر ڪرسٽينا سان ٻولي ۽ ادب جي حوالي سان خاص ڪچهري ٿي.

ٻئي ڏينهن اسان جا ميزبان نصرت شيخ، محسن ڊار ۽ نويد اسان کي لاهور جي سير لاءِ وٺي ويا- لاهور ڏسي مون پنهنجين پراڻين يادن کي تازو ڪيو. رينوڪا نرائنن جهڙي ذهين ۽ پياري سرتيءَ ۽ ٻين دوستن جي ساٿ ۾ اُهو سير هڪ يادگار سير رهيو. منجهند جي ماني هڪ خوبصورت چائينز ريسٽورنٽ ۾ کاڌي سين. اُن کان پوءِ هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي پسند جي شاپنگ ڪئي. رينوڪا پنهنجي ڀاءُ لاءِ شلوار قميص خريد ڪيا، ته مون پنهنجي سانول لاءِ لاهور جي شيڊو ورڪ جو شلوار ڪرتو خريد ڪيو. ٻارن لاءِ سي ڊيون ورتيون ۽ مڪي ۾ رهندڙ پنهنجي اڪلوتي ڌيءَ لاءِ بوتيڪ تان نمبال نڪيل ڊريس ورتم. پوءِ مان ۽ رينوڪا گڏجي ڪتابن جي دڪان تي وياسين ۽ ڪافي سارا ڪتاب خريد ڪياسين. هوٽل تي اچي ڪوسٽر مان لهندي ئي مون سڀني سان موڪلايو. سامان پيڪ ڪري، ڪائونٽر تي اچي چيڪ- آئوٽ لاءِ چيم ۽ لائونج ۾ ويهي ڪافي پيتي سين. هر ڪنهن ويندي ويندي، هڪ ٻئي سان گهڻي سڪ اڪير مان وري ملڻ جي انجام سان موڪلايو پئي. شام ڇهين ٻجي سڀني باقي بچيل اديب ديوان خاص ۾ اچي ڪٺا ٿيا. وفد جي هوٽل ۾ ترسيل اديبن سان لاهور جا اديب ثروت محي الدين، نيلم احمد بشير، صديقه، محمد جميل، قاضي جاويد، عطيه سيد، جاويد شاهين، منو ڀائي ۽ انتظار حسين سڀ اچي اُتي ڪٺا ٿيا. هتان کان سڀني کي گڏجي ڪانفرنس جي آخري ڊنر تي وڃڻو هو. محفل هلندي آءٌ ۽ ڊاڪٽر آصف فرخي اُٿياسين. مون چيو: سنڌيءَ ۾ چئبو آهي "ميڙو متل ڇڏجي" ، سو اسين ميڙو متل ڇڏي وڃون ٿا ۽ سنڌيءَ ۾ موڪلائڻ مهل چئبو آهي: "سدائين گڏ!"

***

# تبصرا

## انسان جي تاريخ

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي بنيادي طور تي هڪ تعليمي ماهر ۽ تاريخدان هئڻ سان گڏ دينيات جو ڄاڻو ۽ صاحبِ ذوق اديب آهي. هيل تائين سندس "Education in Sindh: Past and Present" ۽ پي.ايڇ.ڊي جي ڊگريءَ لاءِ لکيل تحقيقي مقالو "تاريخ باب الاسلام سنڌ" کان سواءِ شاعريءَ جا ٻہ مجموعا شايع ٿيل آهن. جيڪي سندس تعليمي ۽ مذهبي تاريخ جي ڄاڻ جي ساک پرين ٿا ۽ کيس هڪ محقق جي حيثيت سان سڃاڻپ ڏين ٿا.

تازو سندس ڪتاب "انسان جي تاريخ" (ٻن حصن ۾) شايع ٿيو آهي. مذڪوره ڪتاب ڊاڪٽر صاحب جي سموري زندگي دوران ڪيل وسيع مطالعي ۽ اڀياسي عرقريزيءَ جو نتيجو آهي، جيڪو پڙهندڙن لاءِ هڪ تحفي کان ڪنهن بہ طرح گهٽ ناهي. ڊاڪٽر صاحب جي چوڻ مطابق، هن هيءَ ڪتاب لکڻ ۾ ڇهہ سال صرف ڪيا آهن ۽ ڪتاب ۾ ڏنل ببليوگرافيءَ مان پتو پوي ٿو تہ پاڻ مذهب، فلسفي، سائنس، آثارِ قديم، سماجيات، سياسيات، اقتصاديات ۽ علم الانسان سان لاڳاپيل ڪيترن ئي موضوعن تي مشتمل ڪتابن جا ورق ورائي، پڙهيا ۽ پرجهيا آهن، جنهن لاءِ سندس محنت، محبت ۽ لگن کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.



کيس سرڪاري نوڪريءَ کان فارغ ٿئي ٥-٧ سال ٿيا هوندا. انهيءَ مختصر عرصي دوران پاڻ جيتري مقدار جو تحقيقي ڪم ڪيو اٿس، اهو ٻڌائي ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب ڪيڏو نہ جاکوڙي جوڌو آهي، جنهن پنهنجو وقت وڃائڻ بدران علمي ۽ ادبي ڪمن لاءِ وقف ڪري اهو ثابت ڪيو آهي تہ هو اڃا گهڻو ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن سرڪاري ذميوارين کان آجو هجي ها. اسان کي وري بہ ڪانئس اميد آهي تہ هو انهيءَ ميدان ۾ اڃا بہ وڏا ۽ بهتر معرڪا سر ڪندو.

انسان پنهنجي زندگيءَ جيَ بقا، سوچ ۽ فڪر جا مختلف مرحلا طئہ ڪري هاڻي جنهن موڙ تي بيٺو آهي. اها سموري جاکوڙ ۽ جدوجهد سندس تاريخ آهي، جيڪا نهايت سبق آموز، دلچسپ، حيرت انگيز ۽ سوچ جو سامان ميسر ڪري ٿي. هُن ڪهڙا مذهب اختيار ڪيا، ڪهڙن نظرين سان واڳيل رهيو ۽ انهن کي رد ڪري وري ڪهڙا نوان نظريا تشڪيل ڏنا ۽ اطمينان سان سک جو ساهہ کڻڻ بدران اڃا ڪهڙن نون افقن جي ڳولا ۾ سرگردان آهي. اها مسلسل جستجو نهايت دلچسپ ۽ مهم جوئي سان ڀريل آهي، جيڪا سندس فطرت جو اڻ ڇڄندڙ حصو آهي. مذڪوره ڪتاب انهيءَ ڳالهہ جي اپٽار ڪرڻ جي هڪ اهڙي ڪوشش آهي، جيڪا سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ اضافي طور تسليم ڪئي ويندي.

مذڪوره ڪتاب (حصو پهريون) تي طائرانہ نظر وجهڻ سان اهو پتو پوي ٿو تہ فاضل مصنف ڪائنات جي تخليق، ڌرتيءَ جي تاريخ، انسان، مذهب ۽ تهذيب ۾ بني اسرائيل ۽ بني اسماعيل قومن جي ترقيءَ جو ڇيهہ اسلام تي ڪيو آهي، جڏهن تہ صيهونيت ۽ عيسائيت جي جدا مذهبي حيثيت نروار نہ ڪئي اٿس. اهو سمورو احوال "احوال الانبياء"، "قصص القرآن"، "توريت مقدس" ۽ ٻين مذهبي ڪتابن تي آڌاريل آهي.

گڏوگڏ آريائي قبيلن جي هڪ گروهه جو ايران ۽ پوءِ يورپ ڏانهن اسهڻ ۽ ٻئي گروهه جو هندوستان پهچي آهستي آهستي منظر تي ۽ پوءِ دراوڙي نسل جي ماڻهن سان گڏجي هندو ڌرم ۽ ان جي فلسفي جي بنياد وجهڻ جو تفصيل بيان ڪيو اٿس. جنهن لاءِ گهڻو ڪري ٻين ڪتابن سان گڏ پروفيسر اي.ايل بشم جي ڪتاب "The Wonder, That was India" (1985) ۽ جواهر لال نهرو جي ڪتاب (1945) "The Discovery of India" کي آڌار بڻايو ويو آهي.

جيئن ته ڪتاب جو عنوان "انسان جي تاريخ" لکيو ويو آهي، تنهنڪري انهيءَ موضوع کي وسيع ۽ جامع معنيٰ ۾ وٺي ڪائنات، زمين، انسان ۽ سندس مختلف مذهبن ۽ تهذيبن جي ارتقائي پس منظر ۾ انساني فڪر ۽ فلسفي، سائنس، عقلي دليلن ۽ تجربن جي روشنيءَ ۾ پرکجي ها ته هن ڪتاب جو دائرو وسيع ٿئي ها، ۽ پڪيڙ ۾ دنيا جي سڀني ماڻهن جي ذهني اڏامر، ترقي ۽ نون گسن جو احاطو ٿي سگهي ها. مذڪوره ڪتاب ۾ جتي صيهونيت ۽ عيسائيت جي کوٽ محسوس ٿئيٰ ٿي. اتي اهو به شدت سان محسوس ٿئي ٿو ته هندو ڌرم جي ڇاڻ بابت ڪجهه بنيادي ۽ مستند ڪتابن جهڙوڪ ايس.راڌا ڪرشنن جا (1921) "The Hindu View of Life" ۽ "Bhagavad Gita". هينرخ زمر جو "The Philosophies of India" (1951) . مئڪس مُلر جا ترجمو ڪيل "ويد ۽ اپنشد". سوامي پرڀاوننند ۽ ڪرسٽافر ايشرود جي ترجمو ڪيل "Bhagavad-gita" ، سوامي نرويدانند جو "Hinduism at Glance (1946)". نڪل آنند جو "The Essence of Hinduism" (1948) ۽ ايس.راڌاڪرشنن جي ايڊيٽرشپ هيٺ شايع ٿيل "The History of Phylosophy: Eastern & Western" جو اڀياس ڪري ها ته هندو ڌرم جي اپٽار ايتري مبهم نه هجي ها. جيئن ته مواد جا حوالا انگريزي ڪتابن مان ڏنا ويا آهن، انڪري گهڻوڪري اهي نالا به صحيح اچارن سان الٽو نه ٿي سگهيا آهن.

ان کانسواءِ هندو ڌرم مان ڦٽي نڪتل ٻڌ ڌرم بابت ڪوسمبي جو ڪتاب "گوتم ٻڌ" ۽ "ڌم پد" ۽ ٻيا لاڳاپيل ڪتاب ۽ جين ڌرم بابت ڪي مستند ڪتاب مطالعي هيٺ آڻجن ها ته کوٽ جو احساس نه ٿئي ها.

هن ڪتاب ۾ جتي ڪنفيوشنزم ۽ زردشتين جو ذڪر ناهي، اتي بهائي فرقي ۽ سک مت کي پڻ نظرانداز ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي تاريخي تسلسل ۾ جتي دراوڙي تهذيب جي نمائنده منارن، آڳاٽن آثارن ۽ موهن جي دڙي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اتي بعد ۾ خال ڇڏي، ميرن جي حڪومت جي پڇاڙيءَ تي تاريخي تسلسل جو در بند ڪيو ويو ۽ انگريزن جي راڄ جي شروع ٿيڻ سان سماجي، سياسي ۽ اقتصادي جاڳرتا جو ذڪر ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ويو آهي. اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي خال آهن. جيڪي انسان تاريخ جيٰ حوالي سان هن ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ گهرجن ها. مثال طور:

* آڳاٽي زماني جي جهازراني ۽ تجارت بابت ڇاڻ ڏني وڃي ها. انهيءَ ڪرت ۾ فينيقي لوڪن جو وڏو عمل دخل هو. جيڪي اتر اولهه جي سامي نسل مان هئا. انهن جي ابتدا جو مسئلو تڪراري آهي. ڇا اهي سنڌ جا پڻي يا فيونيشن لوڪ هئا. جن بابت تاج صحرائي پنهنجي مقالي ۾ چيو آهي ته اهي سنڌي هئا؟

* انين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾، اسلامي فتحن سان گڏ مختلف سمنڊن مان گذرندي، وقت جي تعين ۽ تارن جي سڃاڻپ جي ضرورت تحت طرفن جي ڇاڻ حاصل ڪرڻ ۾ عرب ملاحن جو وڏو ڪردار هو.

* وائڪنگ لوڪ ڪير هئا؟ اهي پنهنجي نالي جي حوالي سان ڏاڍا بدنام هئا. انهن جي باري ۾ معلومات ڏيڻ ۾ اچي ها.

* ڇا منگولس جو ذڪر ڪرڻ مناسب ناهي؟

* آفريقا جي ساحلي ۽ جزائري تهذيبن جي تاريخ ۽ آثارِ قديمه اتي جي رهاڪن جي نشاندهي ڪن ٿا. اتان گهڻن

آئنسٽائين جڏهن جوان هو تہ سندس دل ۾ هڪ سوال پيدا ٿيو تہ ڇا آءٌ روشنيءَ جي ڪرڻي تي سوار ٿي سفر ڪريان تہ دنيا ڪيئن نظر ايندي. انهيءَ سادي سودي پر قوت ڀرئي سوال مان طبعيات جنم ورتو ۽ هن وقت تائين ڪائنات جي آغاز جي باري ۾ اِهائي ڄاڻ بهتر سمجهي وڃي ٿي.

ڪائنات جي باري ۾ دليلن ۽ ثبوتن جي ڳولا ۾ آئنسٽائين آسمانن جي وسعتن جي حيرت انگيز موسيقي کان ڪڏهن بہ غافل نہ رهيو. وٽس سائنس ۽ عالمي مذهبن جي ڏاهپ ۾ ڪو تضاد نہ هو. هن چيو هو: "هن دنيا جي باري ۾ هڪ ابدي طور تي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڳالهہ اِها آهي تہ اها سمجهہ ۾ اچڻ جوڳي آهي."

مون کي ياد اچي ٿو تہ ضياءَ جي دور ۾، درسي ڪتابن ۾ ڌرتيءَ جي گول هئڻ جي باري ۾ هڪ مذهبي عالم جي مسلسل اصرار تي اسلام آباد ۾ طبعيات ۽ جاگرافيدانن جي عالمي سطح جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي، جو اعتراض اِهو هو تہ عقيدي موجب ڌرتي گول ناهي. ڪانفرنس جي پهرين نشست ۾ ئي اهو فيصلو ڏنو ويو تہ ڌرتي تہ گول آهيئي، پر اوهان دنيا کي پاڻ تي نہ ڪلايو.

اِن ڏسن ۾ وڏيڪ ڄاڻ لاءِ فريڊ هائل، چندر وڪرم سنگهي، وي.سي ريڊش، جي انت وينارليڪر، نائيجل هنبست ۽ ياڪوف بورسيووچ زيلڊووچ جا ڪتاب ۽ وقت بوقت ڇپندڙ سندن شايع ٿيندڙ مقالا قابلِ ذڪر آهن، جن نہ رڳو تحقيقي ڪم ڪري پنهنجن ڪتابن ۾ ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ جا نظريا پيش ڪيا آهن، بلڪ سائنس جي دنيا ۾ نوان اُفق دريافت ڪيا آهن.

جتي تاريخ جي بانين مان هيروڊوٽس ۽ عبدالرحمن ابن خلدون جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اتي ٽائن بي جي مشهور تصنيف "The Study of History" ۾ پيش ڪيل تهذيبن جي عروج ۽ زوال جي نظريي تي پڻ بحث ڪيو وڃي ها جو ڪيس ويهين صديءَ جو "جديد تاريخ جو سائنسدان" ڪوٺيو وڃي ٿو.

ان ڪانسواءِ انهن تڪراري تاريخي ڪتابن کي پڻ بحث هيٺ آندو وڃي ها، جيڪي سنڌ جي تاريخ سان واسطو رکن ٿا. مثال طور گنگارام سمراٽ جا "سنڌو سوُوير" ۽ "چچ نامو عرف پينڪر دوکو"، جيڪو فارسيءَ ۾ لکيل "چچنامي" جي سنڌي ترجمي جي جواب ۾ لکيو ويو آهي.

برٽرنڊ رسيل مطابق هر نوس علم سائنس جي حاصلات آهي، جڏهن تہ عقيدو مذهبي ملڪيت آهي. سائنس ۽ مذهبي عقيدي جي وچ تي هڪ اهڙو خلا آهي، جنهن تي ڪنهن جي مالڪيءَ جو اختيار ناهي. اهو خطو سائنس ۽ مذهب ٻنهي جي حملي لاءِ کليل آهي. اهو بي مالڪ خطو فلسفي ۽ فڪر جو آهي، جيڪو سوچ کي سفر جي راهہ ۾ اڳيرو ڏکي، نوان اُفق ڏسيندو آهي.

٧٥٠ع کان ١١٠٠ع تائين جو دور جيڪو ٣٥٠ سالن تي ڦهليل آهي، مسلمان فيلسوفن، سائنسدانن ۽ رياضيدانن جي زيرِ اثر هو. جنهن کي اسلام جو "سونهري دور" ڪوٺيو وڃي ٿو. انهيءَ دور کي جارج سرٽن پنهنجي تصنيف "History of Science" ۾ پنجاهہ سالن تي مشتمل دورن ۾ ورهائي، هرهڪ دور کي ڪنهن اوچي پايي جي مفڪر سان ڳنڍي ٿو. ٤٥٠ ق.م کان ٤٠٠ ق.م کي "افلاطون جو دور" ڪوٺي ٿو ۽ ٤٠٠ ق.م کان ٣٥٠ ق.م "ارسطو جي دور" سان منسوب ڪريّ ٿو. جڏهن تہ ٧٥٠ع کان ١١٠٠ع تائين جو عرصو، هڪبئي پويان لاڳيتو جابر، خوارزمي، رازي، مسعودي، وفا، برني ۽ عمر خيام جا دور هئا ۽ ١١٠٠ع کان پوءِ مغربي نالا منظر عام تي اچن ٿا- ڪريموناجو جيرارڊ ۽ راجر بيڪن. پر ٻن صدين تائين ابن رُشد، طوسي ۽ نفيس بہ ساڻن حصيدار رهيا.

# ايلڪيمپو، سنڌ ۽ ”انعام“...!

ايلڪيمپو Elcampo، ميڪسيڪن نار جي ڪناري واري ڏاکڻي آمريڪي رياست ٽيڪساس جو هڪ ننڍڙو پر خوبصورت شهر آهي. جيڪڏهن اهو آمريڪي ترقيءَ واري نظر سان نہ ڏٺو وڃي تہ پوءِ اُن ننڍڙي شهر کي ”ڳوٺ“ چئي سگھجي ٿو. مان پنهنجي جنم ڀومي روهڙيءَ جي گھٽين سان عشق جي حد تائين لڳاءُ رکان ٿو، پر اُن کان پوءِ ايلڪيمپو جو هيءُ ننڍڙو شهر منهنجي لاءِ ٻيو روهڙي ثابت ٿيو آهي. اُنهيءَ طرح جيئن سنڌ منهنجو ملڪ، منهنجو وطن آهي، تيئن آءٌ آمريڪا کي سنڌ کان پوءِ ٻئي نمبر تي رکان ٿو، ڇاڪاڻ جو اُن ملڪ مون کي عزت ڏني آهي، رزق ڏنو اٿائين ۽ اُن ملڪ جي ماڻهن مون کي بي پناهہ پيار ڏنو آهي. منهنجي سائين جي.ايم. سيد مون کي سيکاريو آهي تہ جنهن ڌرتي جو کائجي، اُن جو ڳائجي، نہ ڪي جنهن ٿالهي ۾ کائجي، اُن ۾ ڇيد ڪجي.

هن وقت ڏهن هزارن کان مٿي آباديءَ واري هن شهر ۾ مان اڪيلو ”سنڌي“ رهندو آهيان، پر گورا انگريز، ميڪسيڪن، توڙي ڪارا، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون دوست هجڻ سبب اڪيلائپ جو احساس گھٽ ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ جو دوستي اُهو واحد رشتو آهي، جنهن لاءِ رنگ، نسل، ٻولي، وغيره ڪرائيٽيريا نہ هوندي آهي. منهنجا گھڻا[1] دوست گھڻو ڪري اسپينش نسل وارا ميڪسيڪن ماڻهو آهن.

هن ننڍڙي شهر ۾ مون کي سڀ سک وارا آهن: محبت ڪرڻ وارا دوست، مالي خوشحالي، سٺي موسم، سٺي خوراڪ، هر شيءِ ميسر آهي، پر پوءِ بہ ڪيفيت اها آهي تہ:

دل لڳي ڇو نہ ٿي پرائي شهر ۾؟
اباڻي شهر جي ڳلين جا نشا!

گذريل سال آگسٽ ۾ هڪ ڏينهن اُنهيءَ ايلڪيمپو شهر ۾ پنهنجي دوست بشير شاهاڻي جي اسٽور تي ڪم پئي ڪيم تہ اوچتو اسٽور جو دروازو کليو ۽ ڪنهن زور سان رڙ ڪئي: ”پيارا....!“

ڪنڌ ڪڍي ڏٺم تہ ”انعام“ بيٺو هو. سڪ سان ملياسين. اتفاق سان منهنجا سؤٽ احمد ۽ عديل بہ نيويارڪ کان مون وٽ آيل هئا، سو اسان هڪ ٻہ ڏينهن گڏ گھمياسين، ڏاڍو مزو آيو.

مستقبل بابت انسان پروگرام هڪڙا ٺاهيندو آهي، پر قسمت ڪين ڪنهن ٻئي پاسي وٺي ويندي آهي. انعام سان بہ في الحال تہ ائين ئي ٿيو آهي. ڇاڪاڻ جو هن جو اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو ارادو تہ پڪو هو، پر وري اوچتو انٽرنيٽ تي ”ڪاوش“ ۾ پڙهيم تہ هُن سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي ذميواري رکي ويئي آهي. ڏاڍي خوشي ٿي تہ ادبي بورڊ ۾ ڪارڪردگيءَ جي لحاظ کان ڪامورن کان تہ انعام لک ڀيرا ڀلو آهي. ا ِ ڪري مون کي خاطري آهي تہ انعام پنهنجي ڏاهپ ۽ محنت سان پنهنجي دور ۾ بورڊ ۾ ”تاريخي“ ڪردار ادا ڪندو، ڇاڪاڻ جو مستقبل ۾ رڳو تاريخ ئي بچندي آهي. اُن لاءِ ڪنهن ماڻهو جو ڪم تاريخي هوندو تہ سندس نسل بہ اُن جو لاڀ حاصل ڪندا ۽ قوم ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺا ويندا، نہ تہ يزيد وانگر قيامت تائين ٿُٺ تبرو تہ جاري رهندو ئي رهندو.

انعام سدائين سنڌ ۽ سنڌي ادب لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجن لکڻين ۾ خواهش ۽ بي چيني ڏيکاريندو رهيو آهي، ۽ هينئر ڪيس ڀرڀور پيرو، ننڍي پيماني تي ئي سهي، ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. اُن لاءِ سندس طبيعت، صلاحيت، همت ۽ ڪمٽمينٽ لاءِ هيءُ موقعو سندس امتحان آهي. ڪم سان سندس چاهت ۽ شوق جو اندازو اِن ڳالهہ مان بہ لڳائي سگھجي ٿو تہ هن هزارين ميل پري ويٺل مون کي بار بار اي ميل ڪري چيو تہ ٻہ چار اکر، بورڊ جي رسالي ”مهراڻ“ لاءِ لکي موڪليان. جيتوڻيڪ آءٌ بنيادي طور تي ليکڪ آهيان ئي ڪونہ، آءٌ تہ سائين جي.ايم. سيد جي فڪر جو پوئلڳ ۽ سياسي ڪارڪن آهيان، پر پوءِ بہ باوجود تمام گھڻي مصروف هجڻ جي، انعام جي لاڳيتي اصرار کي نظر ۾ رکندي، ڪوشش ڪري نيڪ تمنائن جون هي چند سٽون ”مهراڻ“ لاءِ موڪلي رهيو آهيان. - سهيل ميمڻ

**Dr. N. A. Baloch**
12, Sindh University (Old Campus)
Hyderabad Sindh - 71000
Pakistan

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**
12، سنڌ يونيورسٽي (اولڊ ڪئمپس)
حيدرآباد سنڌ - 71000
پاڪستان

Dated 29. 5. 2002

پيارا نفيس احمد سلمہ اللہ

وعليڪم السلام: اوهان جو پيارو پيرو خط مؤرخ 25-5-2002 مليو. آءٌ سنڌ يونيورسٽي اختياري وارن جو، خاص طرح عالم جناب وائيس چانسلر مظهر الحق صديقي صاحب جو، ۽ سنڌ يونيورسٽي جي ميمبرن جو ممنون آهيان جن سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف ايڊيوڪيشن جي عمارت کي منهنجي نالي سان منسوب ڪيو آهي. اوهان پيارن جي پيش ڪيل جو شڪرگذار آهيان جن ان قدم تي منهنجي دلي خوشي جو اظهار ڪيو آهي.

اميد ته اوهان منهنجي پيارن ڪتب ۽ ان سان
بخير و عافيت هوندا ۽ منهنجي طرفان دعاگو

مخلص
بلوچ

سنڌ جي جڳ مشهور هاڪاري عالم
محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا هٿ اکر

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.